روزاني
سنڌيار
ايڊيٽر: اعجاز مهر
سکر
Daily SINDHYAR Sukkur
www.dailysindhyar.com
(جلد 02) اربع 05 جولاءِ 2023 ع بمطابق 16 ذوالحج 1444ھ (قيمت 05 روپيا) شمارو 39

پي ٽي آءِ دور ۾ 29 ڄڻن کي فوجي عدالتن مان ڏنل سزائون سپريم ڪورٽ ۾ چئلينج

درخواست ڪرنل رٽائرڊ انعام الرحيم طرفان آرٽيڪل 3/184 تحت داخل ڪئي وئي، درخواست ۾ وفاق، اڳوڻي وزيراعظم عمران خان ۽ اڳوڻي آرمي چيف قمر جاويد باجوا کي ڌر بڻايو ويو

اڳوڻو ڊي جي آءِ ايس آءِ فيض حميد، جج ايڊووڪيٽ جنرل (جيگ) برانچ ۽ چئني هاءِ ڪورٽن جا رجسٽرار به ڌر بڻايا ويا

عدالت قرار ڏئي ته عمران خان، جنرل (ر) باجوا، ليفٽيننٽ جنرل (ر) فيض اختيار اورانگهيا، عدالت قرار ڏئي ته انهن ٽنهي شخصن قانون خلاف شهرين کي اغوا ڪري رکيو: درخواست جو متن

29 شهرين کي غير قانوني طور سزائون ڏيارايون ويون، اڳوڻي وزيراعظم، اڳوڻي آرمي چيف ۽ اڳوڻي ڊي جي آءِ ايس آءِ خلاف ڪارروائي ڪئي وڃي

جيگ برانچ کان 29 شهرين کي ڏنل سزائن جو رڪارڊ طلب ڪيو وڃي، هاءِ ڪورٽس جي رجسٽرارز کي به لاڳاپيل رڪارڊ عدالت ۾ پيش ڪرڻ جو حڪم ڏنو وڃي

2020 ۾ هڪ شهري کي موت جي سزا ۽ هڪ کي 20 سال قيد جي سزا ڏنائي وئي، ٻين جوابدارن کي فوجي عدالتن مان 5 کان 10 سالن تائين سزائون ڏنايون ويون

اسلام آباد (م د) پي ٽي آءِ دور ۾ 29 ڄڻن کي فوجي عدالتن مان ڏنل سزائون سپريم ڪورٽ ۾ چئلينج ڪيون ويون. درخواست ڪرنل رٽائرڊ انعام الرحيم طرفان آرٽيڪل 3/184 تحت داخل ڪئي وئي آهي، درخواست ۾ وفاق، اڳوڻي وزيراعظم عمران خان ۽ اڳوڻي آرمي چيف قمر جاويد باجوا کي ڌر بڻايو ويو آهي، اڳوڻو ڊي جي آءِ ايس آءِ فيض حميد، جج ايڊووڪيٽ جنرل (جيگ/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 02

دهشتگردي کي سفارتي پوائنٽ اسڪورنگ لاءِ استعمال نه ڪيو وڃي: وزيراعظم

خطي ۾ پائيدار امن تنظيم جي سيني رڪن ملڪن جي ذميواري آهي، سفارتي پوائنٽ اسڪورنگ لاءِ دهشتگردي جي استعمال کان پاسو ڪرڻ گهرجي

هر قسم جي دهشتگردي جي مذمت ڪرڻ گهرجي، رياستي دهشتگردي ۾ معصوم ماڻهن جو قتل انتهائي مذمت جوڳو آهي

عالمي برادري کي والاريل ڪشمير ۾ انساني حقن جي پامالي تي آواز اٿارڻ گهرجي، عالمي امن لاءِ ماڻهن جي بنيادي حقن کي يقيني بڻائڻو پوندو

سي پيڪ معاشي خوشحالي، امن ۽ استحڪام ۾ گيم چينجر ثابت ٿيندو، وچ ايشيا ۾ پاڪستان کي هڪ منفرد جاگرافيائي حيثيت حاصل آهي

سي پيڪ تحت خاص واپاري زون قائم ڪيا پيا وڃن، ترقي يافته ملڪن کي ترقي پذير ملڪن جي ماحولياتي تبديلين کي منهن ڏيڻ ۾ مدد ڪرڻي پوندي: سالياني سربراهي ورچوئل اجلاس سان خطاب

اسلام آباد (م د) وزيراعظم شهباز شريف پارٽ کي واضح پيغام ڏنو آهي ته اهو دهشتگردي کي سفارتي پوائنٽ اسڪورنگ لاءِ استعمال نه ڪري. شنگهائي سهڪار تنظيم (ايس سي او) جي سالياني سربراهي ورچوئل اجلاس سان خطاب ڪندي وزيراعظم شهباز شريف چيو ته پاڪستان دهشتگردي جي خاتمي لاءِ وڏيون قربانيون ڏنيون آهن، خطي ۾ پائيدار امن تنظيم جي سيني رڪن ملڪن جي ذميواري آهي، سفارتي پوائنٽ اسڪورنگ لاءِ دهشتگردي جي استعمال کان پاسو ڪرڻ گهرجي، هر قسم جي دهشتگردي جي مذمت ڪرڻ گهرجي، رياستي دهشتگردي ۾ معصوم ماڻهن جو قتل انتهائي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 05


اسلام آباد: وزيراعظم شهباز شريف شنگهائي سهڪار تنظيم جي سالياني سربراهي ورچوئل اجلاس سان خطاب ڪندي

پي ٽي آءِ چيئرمين ثاقب نثار جهڙي ججز جي گولا ڪري پيو: شرجيل ميمڻ

پاڪستان پيپلز پارٽي ۽ سنڌ سرڪار، سوئيڊن ۾ قرآن پاڪ جي بيحرمتي جي ڀرپور مذمت ڪري ٿي

ڪراچي ۾ به لوڊشيڊنگ جو وقت وڌايو ويو آهي، جڏهن ته صوبي جي ٻهراڙي وارن علائقن ۾ وڌيڪ لوڊشيڊنگ ٿي رهي آهي

اسان وزيراعظم پاڪستان کي گذارش ڪريون ٿا ته سنڌ جي عوام کي هن ڏکيائي کان ڇوٽڪارو ڏيارڻ لاءِ سخت نوٽيس وٺي

ڪراچي (رپورٽر) اطلاعات، ٽرانسپورٽ ۽ ماس ٽرانزٽ واري وزير شرجيل انعام ميمڻ چيو آهي ته /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 03


ڪراچي: اطلاعات، ٽرانسپورٽ ۽ ماس ٽرانزٽ وارو صوبائي وزير شرجيل انعام ميمڻ ميڊيا سان ڳالهائيندي

مراد علي شاهه جي اسپيشل اولمپڪس ۾ حصو وٺندڙ سنڌ جي 36 رانديگرن سان ملاقات

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ جي وڏي وزير مراد علي شاهه برلن ۾ ٿيل اسپيشل اولمپڪس ۾ حصو وٺندڙ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 04

آءِ ايم ايف معاهدي سان ڊيفالٽ جو خطرو ٽري ويو: شاهه محمود قريشي

عدالتن ۾ پيش ٿي رهيا آهيون. سياسي، قانوني ۽ پرامن طريقي سان اڳيان وڌڻ چاهيون ٿا

سوئيڊن واقعي تي عالم اسلام ۾ ڏک جي لهر ڇانيل آهي، هڪ ارب کان وڌيڪ مسلمانن جي دل آزاري جو ڪو به جواز نه آهي

اسان پنهنجي حڪومت ۾ اسلاموفوبيا جي نشاندهي ڪئي هئي. اسان گڏيل قومن ۾ به آواز اٿاريو

اسلام آباد (م د) پاڪستان تحريڪ انصاف جي وائيس چيئرمين شاهه محمود قريشي چيو آهي ته آءِ ايم ايف سان 9 مهينن لاءِ هڪ معاهدو ٿيو جنهن سان ڊيفالٽ جو خطرو ٽري ويو آهي. سوال اهو آهي؟ ڇا اهو هڪ حل آهي. ڪجهه مهينن کان پوءِ ڇا ٿيندو؟ اسان کي اُن جو حل ڳولڻو پوندو. اسلام آباد ۾ صحافين سان ڳالهيون ڪندي شاهه محمود قريشي چيو ته عدالتن ۾ پيش /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 06


اسلام آباد: تحريڪ انصاف جو وائيس چيئرمين شاهه محمود قريشي صحافين سان ڳالهائي رهيو آهي

جعلي ڊگري ڪيس، پي ٽي آءِ سان واسطو رکندڙ گلگت بلتستان جو وڏو وزير نااهل قرار

گلگت جي عدالت تحريڪ انصاف سان واسطو رکندڙ وڏي وزير خالد خورشيد کي جعلي ڊگري ڪيس ۾ نااهل قرار ڏنو

گلگت بلتستان جي وڏي وزير اليڪشن ڪميشن جي نوٽيس کي عدالت ۾ چئلينج ڪيو هو

جسٽس عنايت، جسٽس جوهر ۽ جسٽس مشتاق تي ٻڌل 3 رڪني لارجر بينچ روز جي بنياد تي ڪيس جي ٻڌڻي ڪئي هئي

گلگت (م د) گلگت جي عدالت گلگت بلتستان جي وڏي وزير خالد خورشيد کي نااهل قرار ڏئي ڇڏيو. گلگت جي عدالت تحريڪ انصاف سان واسطو رکندڙ وڏي وزير خالد خورشيد کي جعلي ڊگري ڪيس ۾ نااهل قرار ڏنو آهي. خالد خورشيد جي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 09


گلگت بلتستان جو وڏو وزير خالد خورشيد

انٽربئنڪ ۽ اوپن مارڪيٽ ۾ آمريڪي ڊالر جي اگهه ۾ وڏي لاٿ

ڪاروبار جي شروعات تي ئي انٽربئنڪ ۾ رپئي سامهون ڊالر هيٺ اچي ويو

ڪاروبار شروع ٿيندي ئي ڊالر جي قيمت ۾ 7 رپيا 71 پئسا لاٿ ٿي

ڪراچي (م د) آءِ ايم ايف سان معاهدي ڪانپوءِ رپئي جي قدر ۾ بهتري اچڻ شروع ٿي وئي. ڪالهه اڳاري ڏينهن ڪاروبار جي شروعات تي ئي انٽربئنڪ ۾ رپئي سامهون ڊالر هيٺ اچي ويو ۽ ڪاروبار شروع ٿيندي ئي ڊالر جي قيمت ۾ 7 رپيا 71 /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 10

نيپرا مهانگائي ستايل عوام مٿان بجلي ڪيرائي ڇڏي

فيصلو ڊسڪوز جي مالي سال 2022ـ23 ع جي ٽئين ٽه ماهي ايڊجسٽمينٽ جي مد ۾ ڪيو ويو: نيپرا

قيمتن ۾ واڌ جو فيصلو جولاءِ، آگسٽ ۽ سيپٽمبر جي بلن تي لاڳو ٿيندو، نيپرا ڊسڪوز جي درخواست تي 24مئي تي عوامي ٻڌڻي ڪئي هئي

جون تائين صارفين کان ٽه ماهي ايڊجسٽمينٽ جي مد ۾ 47 پئسا چارج ڪيا پئي ويا

اسلام آباد (م د) نيپرا بجلي جي قيمت ۾ هڪ رپيو 25 پئسا اضافو ڪرڻ جي منظوري ڏئي ڇڏي آهي.نيپرا موجب فيصلو ڊسڪوز جي مالي سال 2022ـ23 ع جي ٽئين ٽه ماهي ايڊجسٽمينٽ جي مد ۾ ڪيو ويو.قيمتن ۾ واڌ جو فيصلو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 07

دو درياءَ کان پورٽ قاسم تائين فيري سروس شروع ڪرڻ جي تجويز

ياماها پاڪستان جي تعاون سان ڪينجهر، گڏو، سکر ۽ ڪوٽڙي بئراج تي واٽر اسپورٽس جون سهولتون تيار ڪرڻ جو وڏو اسڪوپ موجود آهي: وڏو وزير

ٽرانسپورٽ جي سهولتن ۽ تفريح لاءِ دو درياءَ کان پورٽ قاسم تائين فيري سروس قائم ڪري سگهجي ٿي: دورو ڪندڙ ٽيم

سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه ۽ ياماها جاپان جي سينيئر جنرل مئنيجر سينٽرل ايشيا اينڊ مڊل ايسٽ مسٽر يوشيبيو کي ملاقات ڪئي

ڪراچي (اسٽاف رپورٽر): سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه ۽ ياماها جاپان جي سينيئر جنرل مئنيجر سينٽرل ايشيا اينڊ مڊل ايسٽ مسٽر يوشيبيو کي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 08


ڪراچي: سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه سان ايشيا اينڊ مڊل ايسٽ مسٽر يوشيبيو کي ملاقات ڪندي

وقتي صدر صادق سنجراڻي سپريم ڪورٽ جي ججن جي پگهارن ۾ واڌ جو آرڊر جاري ڪري ڇڏيو

اسلام آباد (م د) قائم مقام صدر صادق سنجراڻي سپريم ڪورٽ جي ججن جي پگهارن ۾ واڌ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 12

حڪومت جو 7 جولاءِ تي يوم تقدس قرآن ملهائڻ جو فيصلو

وزيراعظم شهباز شريف جي صدارت هيٺ اهم اجلاس ٿيو

اجلاس سوئيڊن ۾ قرآن پاڪ جي بي حرمتي جي معاملي تي غور ڪيو ويو

اسلام آباد (م د) حڪومت 7 جولاءِ تي يوم تقدس قرآن ملهائڻ جو فيصلو ڪيو آهي ۽ ان ڏينهن سوئيڊن واقعي خلاف سڄي ملڪ ۾ احتجاج /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 11

مهانگائي گهٽائڻ لاءِ قدم جاري آهن: گورنر اسٽيٽ بئنڪ

ملڪي معيشت کي ڪيترن ئي چئلينجن کي منهن ڏيڻو پيو: جميل احمد

پاڪستاني بئنڪنگ قانون جديد گهرجن سان مطابقت رکي ٿو: ڪراچي ۾ تقريب کي خطاب

ڪراچي (م د) اسٽيٽ بئنڪ جي گورنر جميل احمد چيو آهي ته مهانگائي گهٽائڻ لاءِ قدم کنيا پيا وڃن. ڪراچي ۾ تقريب کي خطاب ڪندي جميل /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 14


ڪراچي: اسٽيٽ بئنڪ جي گورنر جميل احمد تقريب ۾ ويٺل آهي

آءِ ايم ايف معاهدي باوجود موڊيز ۽ فچ پاڪستان لاءِ خطري جي گهنٽي وڄائي ڇڏي

پاڪستان کي هلندڙ مالي سال ۾ 25 ارب ڊالر قرض جي ادائيگي ڪرڻي آهي: ريٽنگ ايجنسيز

جيڪڏهن ڪرنٽ اڪائونٽ خسارو ٻيهر وڌيو ته آءِ ايم ايف فنڊنگ ڪافي نه هوندي

پاڪستان آءِ ايم ايف معاهدي لاءِ ٽيڪسن ۾ واڌ ڪئي ۽ خرچ گهٽايا

ڪراچي (م د) آءِ ايم ايف سان معاهدي باوجود عالمي ريٽنگ ايجنسين موڊيز ۽ فچ پاڪستاني معيشت تي خدشن جو اظهار ڪيو آهي. ريٽنگ ايجنسيز موجب قرض ادائيگي ۽ معاشي بحالي لاءِ پاڪستان کي آءِ ايم ايف فنڊنگ ڪانسواءِ به فنڊنگ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 15

اسلام آباد سميت ملڪ جي مختلف علائقن ۾ برسات جو سلسلو وقفي وقفي سان جاري

مري ۽ پرياسي ۾ برسات سبب موسم خوشگوار ٿي وئي، برسات ۽ ٿڌين هوائن سبب موسم وڌيڪ ٿڌو ٿي ويو

لاهور ۾ به سانوڻي جي شروعات کان پوءِ گذريل رات شهر ۾ ٿيندڙ برسات سبب گرمي جي شدت ۾ گهٽتائي ٿي

طوفاني برسات سبب هيٺاهين وارن علائقن ۾ پاڻي جمع ٿي ويو، تيز طوفان ۽ برسات سبب هڪ هوٽل جي ڇت ڪري پئي

اسلام آباد (م د) اسلام آباد ۾ برسات سبب موسم خوشگوار ٿي ويو آهي. موسميات کاتي موجب برسات جو سلسلو ايندڙ 24 ڪلاڪن تائين جاري رهڻ جو امڪان آهي. اسلام آباد ۾ برسات جو سلسلو وقفي وقفي سان جاري آهي. مري /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 13

ڊاڪٽر قادر مگسي جي صدارت هيٺ سنڌ ترقي پسند پارٽي جي مرڪزي ڪميٽي جو اجلاس ٿي گذريو

ملڪ جو سياسي ۽ معاشي طور استحڪام ملڪ جي سمورن صوبن کي برابري جي بنياد حق ڏيڻ سان آهي: ڊاڪٽر قادر مگسي

سنڌ کي قدرت انيڪ نعمتن سان مالا مال ڪيو آهي پر افسوس جوان شاهوڪار ڌرتي جا وارث هڪ ويلي جي ماني جي لاءِ پريشان آهن

بک بيروزگاري ۽ بدحالي سبب مسڪين پورهيت ماڻهن جو جيئڻ جنجال بڻجي چڪو آهي: اجلاس کي خطاب

حيدرآباد (اسٽاف رپورٽر) سنڌ ترقي پسند پارٽي جي مرڪزي ڪميٽي جو اجلاس ڊاڪٽر قادر مگسي جي صدارت هيٺ ٿي گذريو اجلاس کي خطاب ڪندي سنڌ ترقي پسند پارٽي جي چيئرمين ڊاڪٽر قادر مگسي چيو ته ملڪ جو سياسي ۽ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 16


حيدرآباد: سنڌ ترقي پسند پارٽي جي مرڪزي ڪميٽي جو اجلاس ڊاڪٽر قادر مگسي جي صدارت هيٺ ٿي رهيو آهي

اسٽيٽ بئنڪ 75 رپين جو هڪ يادگاري نوٽ جاري ڪري ڇڏيو

ڪراچي (م د) اسٽيٽ بئنڪ قائم ٿيڻ کي 75 سال مڪمل ٿيڻ تي پاڪستان حڪومت 75 رپين جو يادگاري نوٽ جاري ڪري ڇڏيو يادگاري نوٽ جاري ڪرڻ جو مقصد آزاد ملڪ ۾ مرڪزي بئنڪاري جا 75 سال مڪمل ٿيڻ جو جشن ملهائڻ آهي.ان حوالي سان اسٽيٽ بئنڪ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 20

دنيا جو هر مذهب رواداري ۽ مذهبي آزادي جو درس ڏئي ٿو: گيانچند ايسراڻي

سوئيڊن ۾ قرآن پاڪ جي بي حرمتي سڄي دنيا جي مسلمانن جي مذهبي جذبن کي مجروح ڪيو آهي

پاڪستان ۾ اهڙي واقعي جي حڪومت سميت هر ماڻهو سخت مذمت ڪري ٿو ۽ ان واقعي ۾ ملوث عنصرن خلاف فوري ڪارروائي پڻ ڪئي ويندي آهي

هندو برادري پاران قرآن پاڪ جي بي حرمتي جي سخت لفظن ۾ مذمت ڪجي ٿي

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ جي اقليتي معاملن واري صوبائي وزير گيان چند ايسراڻي سوئيڊن حڪومت جي اقدام تي قرآن پاڪ جي بي حرمتي جي سخت مذمت ڪندي سخت ڪاوڙ جو اظهار ڪيو آهي پنهنجي هڪ بيان ۾ هن چيو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 17


ڪراچي: سنڌ جي اقليتي معاملن وارو صوبائي وزير گيان چند ايسراڻي تقريب ۾ ويٺل آهي

ڪراچي ۾ 7 کان 8 جولاءِ دوران ڪٿي هلڪي ته ڪٿي وچولي درجي جي برسات پئجي سگهي ٿي: چيف ميٽرولاجسٽ سردار سرفراز

ڪراچي (م د) چيف ميٽرولاجسٽ سردار سرفراز ڪراچي ۾ اڄ کان گرمي جي شدت ۾ گهٽتائي جو امڪان ظاهر ڪيو آهي، سردار سرفراز نجي ٽي وي چئنل سان ڳالهائيندي چيو ته اڄڪلهه ڪراچي ۾ گرمي جي شدت وڌيڪ محسوس ڪئي پئي وڃي پر سياڻي کان ان ۾ گهٽتائي جو امڪان آهي ۽ گرمي ٻه ۾ هڪ کان به گريڊ سينٽي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 19

افغان طالبان جو عورتن جا بيوٽي سيلون بند ڪرڻ جو حڪم

افغان طالبان هڪ مهيني اندر عورتن جا بيوٽي سيلون بند ڪرڻ جو حڪم ڏئي ڇڏيو

سڄي ملڪ ۾ هڪ مهيني اندر بيوٽي سيلون بند ڪرڻ جو حڪم ڏنو آهي: طالبان

ڪابل (م د) افغان طالبان هڪ مهيني اندر عورتن جا بيوٽي سيلون بند ڪرڻ جو حڪم ڏئي ڇڏيو. برڙيهي ميڊيا موجب افغان عورتن جي عوامي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 18

ڪراچي پريس ڪلب جي وفد جي چيف سيڪريٽري سان ملاقات

سعيد سربازي ۽ سيڪريٽري ڪراچي پريس ڪلب شعيب احمد ڊاڪٽر محمد سهيل راجپوت سان ملاقات ڪئي

ملير ڊولپمينٽ اٿارٽي بلاڪ 12 جي جرنلسٽ ڪالوني جي الاٽيز جي آبادڪاري لاءِ ترقياتي ڪم شروع ڪرڻ بابت آگاهي ڏني

ڪراچي (رپورٽر) ڪراچي پريس ڪلب جي صدر سعيد سربازي ۽ سيڪريٽري ڪراچي پريس ڪلب شعيب احمد جي چيف سيڪريٽري سنڌ ڊاڪٽر محمد سهيل راجپوت سان ڪراچي پريس ڪلب جي هائوسنگ سوسائٽي جي مسئلن تي ملاقات، ڪراچي پريس ڪلب جي صدر سعيد سربازي چيف سيڪريٽري سنڌ کي لياري ڊولپمينٽ اٿارٽي هاڪس بي بلاڪ 68 جي حدبندي، بلاڪ 3 اي ۽ 3 اي ون ۾ ترقياتي ڪم، ملير ڊولپمينٽ اٿارٽي بلاڪ 12 جي جرنلسٽ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 22


ڪراچي پريس ڪلب جو صدر سعيد سربازي ۽ سيڪريٽري شعيب احمد چيف سيڪريٽري ڊاڪٽر محمد سهيل راجپوت سان ملاقات بعد بيٺل آهن

آمريڪا ۾ فائرنگ جي مختلف واقعن ۾ 8 ڄڻا مارجي ويا

واقعو پنسلوانيا رياست جي شهر فلاڊلفيا ۾ پيش آيو، جتي هڪ شخص انڌاڌند فائرنگ ڪري 5 ڄڻن کي ماري وڌو

جوابدارن کي ڳرن هٿيارن سميت گرفتار ڪيو ويو آهي، واقعي جي جاچ جاري آهي: پوليس

واشنگٽن (م د) آمريڪا ۾ فائرنگ جي ٻن مختلف واقعن ۾ 8 ڄڻا مارجي ويا.آمريڪي ميڊيا موجب پهريون واقعو پنسلوانيا رياست جي شهر فلاڊلفيا ۾ پيش آيو، جتي هڪ شخص انڌاڌند فائرنگ ڪري 5 ڄڻن کي ماري وڌو، جڏهن ته /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 21

آئي پي پي پاران چونڊن لاءِ پارلياماني بورڊ جوڙڻ جو فيصلو

پارٽي قيادت اميدوارن جي چونڊ لاءِ پارلياماني بورڊ بڻائڻ جو فيصلو ڪري ورتو

منظوري جي لاءِ پارٽي پيٽرن انچيف جهانگير ترين ۽ صدر آءِ پي پي عبدالعليم خان کي ڏيندو

آءِ پي پي پارلياماني بورڊ جي پهرين ترجيح پارٽي ۾ شامل ٿيندڙ پارليامينٽيريز هوندا: ذريعا

اسلام آباد (بيورو رپورٽ) استحڪام پاڪستان پارٽي عام چونڊن ۾ حصو وٺڻ جون تياريون شروع ڪري ڇڏيون آهن پارٽي قيادت اميدوارن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 25


حڪام پاڪستان پارٽي جو سربراهه جهانگير ترين

ليه زمين اسڪينڊل: عمران خان جي ڀيڻ ۽ ڀيڻوئي سميت طلب

اينٽي ڪرپشن طرفان پي ٽي آءِ چيئرمين جي ڀيڻ عظميٰ خان ۽ ڀائٽي کي به اُن ڪيس ۾ طلب ڪيو ويو

اينٽي ڪرپشن ترجمان موجب طلبي جو نوٽيس چيئرمين پي ٽي آءِ جي رهائشگاهه تي چسپا ڪيو ويو

لاهور (م د) اينٽي ڪرپشن ليه لينڊ ڪرپشن اسڪينڊل ۾ پي ٽي آءِ چيئرمين کي اڄ طلب ڪري ورتو اينٽي ڪرپشن طرفان پي ٽي آءِ چيئرمين جي ڀيڻ عظميٰ خان ۽ ڀائٽي کي به ان ڪيس ۾ طلب ڪيو ويو آهي، اينٽي ڪرپشن ترجمان /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 26

توشا خانا ڪيس: پي ٽي آءِ چيئرمين جي درخواست رد ڪرڻ جو ٽرائل ڪورٽ جو فيصلو ڪالعدم قرار

اسلام آباد هاءِ ڪورٽ جي چيف جسٽس ٽرائل ڪورٽ جو فيصلو ڪالعدم قرار ڏئي ڇڏيو

ٽرائل ڪورٽ توشا خانا ڪيس نه ٻڌڻي جوڳو قرار ڏيڻ جي درخواست رد ڪري ڇڏي هئي

ٽرائل ڪورٽ کي پي ٽي آءِ چيئرمين جي وڪيل جي دليلن تي ٻيهر فيصلو ڪرڻ جو حڪم ڏنو

اسلام آباد (م د) اسلام آباد هاءِ ڪورٽ توشا خانا ڪيس ۾ تحريڪ انصاف چيئرمين جي درخواست رد ڪرڻ جو ٽرائل ڪورٽ جو فيصلو ڪالعدم قرار ڏئي ڇڏيو.اسلام آباد هاءِ ڪورٽ جي چيف جسٽس ٽرائل ڪورٽ جو فيصلو ڪالعدم قرار ڏئي ڇڏيو. ٽرائل ڪورٽ توشا خانا ڪيس نه ٻڌڻي جوڳو قرار ڏيڻ جي درخواست رد ڪري ڇڏي هئي، اسلام آباد هاءِ ڪورٽ معاملو واپس /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 23

قصور پرسان ڀيءُ ۽ ڀڻ نياڻين کي غيرت جي نالي تي قتل ڪري ڇڏيو

واقعو قصور جي ڳوٺ حويلي نٿوالي ۾ پيش آيو

جو لڳا اسعيد نادي ۽ الشبا کي فائرنگ ڪري قتل ڪري ڇڏيو

قصور (م د) قصور پرسان ڀيءُ ۽ ڀڻ نياڻين کي غيرت جي نالي تي قتل ڪري ڇڏيو آهيان سلسلي ۾ پوليس جو چوڻ آهي ته واقعو قصور جي ڳوٺ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 24

ڪراچي هن وقت بدترين لوڊشيڊنگ کي منهن ڏئي پيو: حافظ نعيم الرحمان

2005 ۾ ڪي اليڪٽرڪ جي نجڪاري ڪئي وئي، معاهدا ڪيا ويا ۽ چيو ويو ته سمورا لائين لاسز ختم ڪيا ويندا

نيپرا رگو رپورٽون تيار ڪري ٿو، ڪو ايڪشن نه ٿو وٺي، چيو ويو ته نيشنل گرڊ مان بجلي وٺڻ جي ضرورت ناهي

مينٽيننس جي نالي تي ڪوڙ ڳالهائڻ لوڊشيڊنگ کان فري علائقن ۾ به بجلي بند ڪئي پئي وڃي

ڪراچي (رپورٽر) جماعت اسلامي ڪراچي جي امير حافظ نعيم الرحمان چيو آهي ته ڪراچي هن وقت بدترين لوڊشيڊنگ کي منهن ڏئي رهيو آهي. ڪراچي ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي حافظ نعيم الرحمان چيو ته 2005 ۾ ڪي اليڪٽرڪ جي نجڪاري ڪئي وئي، معاهدا ڪيا ويا ۽ چيو ويو ته سمورا لائين لاسز ختم ڪيا ويندا.هن چيو ته نيپرا رگو رپورٽون تيار ڪري ٿو ڪو ايڪشن نه ٿو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 27


اسلام آباد: وفاقي وزير سينيٽر اعظم نذير تارڙ ترڪي جي سفير سان ملاقات ڪري رهيو آهي

هندو سنڌ جا وارث آهن، سنڌن ڌارڻن کي بازياب ڪرائيندس: ڊاڙيل جو وڊيو بيان

ڪشمور (رپورٽر) ڪشمور جي ڪچي ۾ مبينا طور ڌاڙيل راڻو شر هندو ڪٽنبن طرفان سنڌ ڇڏڻ واري عمل تي رد عمل ڏنو آهي ته هندو سنڌ جا اصل وارث آهن، خدارا سنڌ نه ڇڏيو، آئون انهن جي حفاظت ڪندس ڌاڙيل راڻو شر وڊيو ۾ ڌاڙيلن کي اپيل ڪئي آهي ته مغوين جي بازيابي لاءِ نڪرندڙ ريليز جي رستا روڪ نه ڪئي وڃي راڻو شهر ڇڏي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 29

ٿرپارڪر: 3 ڏينهن دوران 60 ڄڻن کي نانگ ڪکي ويا

3 ڏينهن دوران نانگن جي ڪاچ کان متاثر 60 ڄڻن کي اسپتال آندو ويو

برساتن کانپوءِ نانگن جي فوت ٿيڻ جي واقعن ۾ تيزي سان اضافو ٿي ويو

اسلام ڪوٽ (رپورٽر) ٿرپارڪر ۾ اسلام ڪوٽ جي مختلف ڳوٺن ۾ 24 ڪلاڪن دوران 15 ڄڻن کي نانگ ڪاٽي فوت ٿي ويا، گذريل 3 ڏينهن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 28

ڪراچي مان اغوا ٿيل ڇوڪريون بازياب

ڇوڪريون سومر جي شام آئس ڪريم کائڻ لاءِ گهر کان ٻاهر نڪتيون هيون: پوليس

ننهي ڄڻن کي گلشن اقبال مان هٿ ڪيو ويو، واقعي جي وڌيڪ جاچ ڪئي پئي وڃي

ڪراچي (رپورٽر) ڪراچي جي علائقي سولجر بازار مان اغوا ٿيل ٽن مبينا ڇوڪرين کي بازياب ڪرايو ويو پوليس موجب ڇوڪريون سومر جي شام /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 30

سرڪاري گودام ۾ رکيل ڪڻڪ مٽيءَ ۽ ڀهه ۾ تبديل، ڇاپي دوران عملو فرار

اسسٽنٽ ڪمشنر ارسلان حيدر قلپوتو جي سربراهي ۾ شاهه حسين باءِ پاس پرسان ڳوٺ پير مگيو ۾ ڪڻڪ جي گودام تي ڇاپو هنيو ويو

ٽيمر گودام تي ڇاپو هڻي مٽي ۽ ڀهه سان ڀريل 7786 ٻورين هٿ ڪري ورتيون، ڇاپي دوران فوڊ سپروائيزر بهادر ميراڻي ۽ ٻيا ملازم فرار ٿي ويا

خيرپور (رپورٽر) ڪڻڪ جي گودام تي خوراڪ کاتي جي عملدارن پاران ڪڻڪ وڪڻي ٻورين ۾ قلپوتو جي سربراهي ۾ شاهه حسين باءِ پاس پرسان مٽيءَ ۽ گند ڀري رکڻ جو انڪشاف ٿيڻ بعد ٽيمر ڇاپو هنيو آهي اسسٽنٽ ڪمشنر ارسلان حيدر /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 31

ٺٽو سب ڊويزن جي ناري ڇچ مان نڪرندڙ ڪيهڪي شاخ جي آبادگارن پاران احتجاجي مظاهرو

وڏيرو عمر کهيو محمد سليم نيازي، اميد علي کهيو، محمد علي کهيو، جمعو کهيو احتجاج ڪيو

پاڻي پوڇڙ تائين نه پهچڻ ڪري اسان جون سرسبز شاداب زمينون بنجر بڻجي ويون آهن: مظاهرين جون ڏانهون

شاخ ڪي وڏا ڳنڍا هٽي لفٽ مشينون رکي ڇڏيون اٿن جيڪي غير قانوني مڇي جا تلاءَ ڀري رهيا آهن: ڳالهيون

ٺٽو (رپورٽ: جاويد لطيف ميمڻ) ٺٽو سب ڊويزن جي ناري ڇچ مان نڪرندڙ ڪيهڪي شاخ جي آبادگارن وڏيرو عمر کهيو محمد سليم نيازي، اميد علي کهيو، محمد علي کهيو، جمعو کهيو، مهتاب ڪرنائي ۽ٻين سخت احتجاج ڪندي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 01



ٺٽو: ڪيهڪي شاخ جا آبادگار پاڻي ڪوٽ خلاف احتجاج ڪري رهيا آهن

جماعت اهلسنت ملير طرفان سوئيڊن ۾ قرآن پاڪ جي بي حرمتي خلاف سخت احتجاج

ڪراچي (رپورٽر) جماعت اهلسنت ملير جي طرفان سوئيڊن ۾ قرآن پاڪ جي بي حرمتي خلاف سخت احتجاج، يهودي ۽ عيسائي مسلمانن جي جذبن کي ڀڙڪائڻ جي سازش ڪن ٿا. علامه سيد عبدالوهاب قادري، مظاهري ۾ عالمن، اديبن، سماجي ڪارڪنن ۽ عوام وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي. مغربي ملڪ سويڊن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 02

ٻنون جي رهواسي رٽائرڊ استاد ۽ سوشل ورڪر مهانگائي خلاف پاڻ ساڙي ڇڏيو

سوشل ورڪر 50 سالن جي ظهور احمد عرف زخمي خاصخيلي پيٽرول هاري باهه ڏئي ڇڏي

ڊاڪٽرن طرفان ظهور زخمي جو ڪافي جسم سڙي وڃڻ جي تصديق، سول اسپتال حيدرآباد منتقل

دڙو (شوڪت ميمڻ) ٻنون شهر جو رهواسي رٽائرڊ استاد ۽ سوشل ورڪر 50 سالن جو ظهور احمد عرف زخمي خاصخيلي مهانگائي ۽ بيروزگاري سبب ٻنون جي سرڪاري اسپتال سامهون پاڻ مٿان پيٽرول هاري باهه ڏئي ڇڏي، جنهن کي نازڪ حالت ۾ سول اسپتال حيدرآباد منتقل ڪيو ويو، جتي ڊاڪٽرن طرفان ظهور زخمي جو ڪافي جسم سڙي وڃڻ جي تصديق ڪئي وئي آهي./بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 03

ملير جي يوسي مراد ميمڻ جي واٽر سپلاءِ اسڪيم جي هاشم خاصخيلي ۾ رهواسي پريشان

سيوريج جو گندو پاڻي ڇوڙ ڪيو پيو وڃي، پيئڻ جي پاڻي ۾ گٽرن جي بدبو اچي رهي آهي: رهواسي

هاشم جوکيو ڳوٺ، اُدرا اميد علي جوکيو ڳوٺ، ٻپارا بندچا محلا، ٻڙيجا محلا، زرگر محلا متاثر ٿيڻ لڳا

تلاءَ کي مڪمل صاف ڪرايو وڃي، مين لائين کي به صاف ڪرايو وڃي، نه ته احتجاج وسيع ڪنداسين: رهواسي

ڪراچي (رپورٽر) ملير جي يوسي مراد ميمڻ جي واٽر سپلاءِ اسڪيم جي هاشم خاصخيلي ڳوٺ مان مين لائين ۾ سيوريج جو گندو پاڻي ڇوڙ ڪيو پيو وڃي، پيئڻ جي پاڻي ۾ گٽرن جي بدبو اچي رهي آهي، جنهن سبب ڪيترن ئي ڳوٺن ۾ وبا پکڙجڻ جو خطرو وڌي رهيو آهي. هن واٽر سپلائي اسڪيم ۾ ميمن ڳوٺ هاشم خاصخيلي ڳوٺ، هاشم جوکيو ڳوٺ، اُدرا اميد علي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 04



ڪراچي: يوسي مراد ميمڻ ۾ ناڪاره بڻيل واٽر سپلائي جي لائين جو ڏيک

خيرپور ۾ قانون لاڳو ڪندڙ ادارن جي ٽيم جو اسسٽنٽ ڪمشنر جي اڳواڻي ۾ ڪارروائي

خيرپور (رپورٽر) خيرپور ۾ قانون لاڳو ڪندڙ ادارن جي ٽيم جو اسسٽنٽ ڪمشنر ارسلان حيدر قليوٽو جي سربراهي ۾ شاهه حسين ٻاءِ ٻاس پرسان ڳوٺ پير مگيو ۾ ڪٺڪ جي گودام تي ڇاپو ٽيم گودام تي ڇاپو هٽي مٽي ۽ ڀهه سان ڀريل 7786 ٻورين هٽ ڪري ورتيون ڇاپي دوران، فوڊ ڪنٽرولر منور ميرالي، فوڊ سپروائيزر بهادر /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 05

نئون ديرو ۾ آءِ بي اي جي 40 پلس ٽيسٽ پاس اميدوارن پاران احتجاجي مظاهرو

نئون ديرو هائوس ٻاهران ايم پي اي فريال ٽالپر جي موجودگيءَ ۾ احتجاجي ڌرڻو هنيو ويو

ديدار منگي، اويس ڀٽو، فرمان ڪٽپر، عصمت انصاري، سرتاج سومرو، اسد الله جروار مظاهرو ڪيو

قيادت کي آگاهه ڪنداسين تعليم کاتي جا ڪامورا ووٽرن سان کهڙي ويڌن ڪري رهيا آهن: مظاهرين

نئون ديرو (رپورٽر) پرائمري ٽيچر لاءِ آءِ بي اي جي 40 پلس ٽيسٽ پاس اميدوارن آرڊر جاري نه ٿيڻ خلاف نئون ديرو هائوس ٻاهران ايم پي اي فريال ٽالپر جي موجودگيءَ ۾ احتجاجي ڌرڻو هنيو، مظاهرين هٿن ۾ پارٽي قائدين جون تصويرون ۽ پلي ڪارڊ کڻي مطالبن جي حق ۾ نعريبازي ڪئي، مظاهري جي اڳواڻي ديدار منگي، اويس ڀٽو، فرمان ڪٽپر، عصمت انصاري، /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 06

سيٺارجا جماعت اسلامي پاران سوئيڊن ۾ قرآن پاڪ جي بي حرمتي خلاف احتجاجي مظاهرو

حضرت محمد مصطفي صلي الله عليه وسلم جن جي شان مبارڪ ۾ گستاخي خلاف ريلي ڪڍي وئي

ممتاز حسين سهتو، استاد بشير احمد سهتو، رسول بخش سهتو، در محمد خاصخيلي، امتياز حسين شريڪ

سوئيڊن جي سفارتڪار کي فوري طور ملڪ مان نيڪالي ڏني وڃي ان سان سفارتي تعلقات ختم ڪيا وڃن: مظاهرين

سيٺارجا (رپورٽ: الطاف حسين ڀٽو) جماعت اسلامي پاران سوئيڊن ۾ قرآن پاڪ جي بي حرمتي ۽ سنڌ ۾ پاڪ رسول حضرت محمد مصطفي صلي الله عليه وسلم جن جي شان مبارڪ ۾ گستاخي جي خلاف سيٺارجا جي جماعت/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 07



سيٺارجا: سوئيڊن خلاف جماعت اسلامي پاران احتجاج ڪيو پيو وڃي

نوشهروفيروز ۾ بدامني چوٽ تي چڙهيل موٽرسائيڪلون چوري ٿيڻ معمول

نوشهرو فيروز (د ر) نوشهروفيروز ۾ بدامني چوٽ تي چڙهيل موٽرسائيڪلون چوري ٿيڻ ڦر جي وارداتن ۾ ماڻهن کان روڪ رقم کسڻ جو سلسلو رڪجي نه سگهيو گوٺائن پاران احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو احتجاج جي اڳواڻي محمد يونس راڄپر، علي نواز راڄپر، امين راڄپر، شڪل راڄپر، عبدالرحيم راڄپر، ڪليم الله ڪلهوڙو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 08

ٽنڊو محمد خان ۾ انجمن ترقي پسند مصنفين طرفان سنڌي اردو مشاعري ۾ ٻيٽا پيش

ٽنڊي محمد خان چيپٽر پاران سنڌي ادبي سنگت شاخ ٽنڊي محمد خان جي سهڪار سان تقريب

اردو مشاعري ۾ صدارت ڪندڙ شاعر آغا جان آغا، عبدالستار "آڪاش" ٽڪرائي ۽ ٻين فن جو مظاهرو ڪيو

تقريب ۾ اعجاز علي جسڪاڻي، ڊاڪٽر جمال ناصر سولنگي، رفيق آس لغاري، عاشق علي ڳاهي ۽ ٻين ويچار ونڊيا

ٽنڊو محمد خان (د ر) ٽنڊو محمد خان ۾ انجمن ترقي پسند مصنفين جي طرفان سنڌي اردو مشاعري ۾ شاعرن پنهنجي شاعري سان ٻيٽا ڏني. انجمن ترقي پسند مصنفين ٽنڊي محمد خان چيپٽر پاران سنڌي ادبي سنگت شاخ ٽنڊي محمد خان جي سهڪار سان "سنڌي ـ اردو مشاعرو" منعقد ڪيو ويو. سنڌي ـ اردو مشاعري ۾ صدارت ڪندڙ شاعر آغا جان آغا، عبدالستار/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 09

ڏهرڪي ۾ ايم اين اي سردار خالد احمد خان لُنڊ پاران شهر جي مختلف هنڌن تي دورا

اين اي 204 جي ايم اين اي ۽ سنڌس فرزند مير نور محمد خان لُنڊ جو شاندار استقبال ڪيو ويو

ڪجهه ماڻهو سياست ۾ اخلاق کان ڪريل حرڪتون ڪري رهيا آهن غلط ڳالهائي رهيا آهن: خالد احمد

سوين ترقياتي منصوبا ڏنا آهن، ڪيترائي آر او پلانٽ ڏنا آهن ته جيئن صاف پاڻي واپرائي بيمارين کان بچي سگهن

گهوٽڪي (رپورٽ لالچند مرتواڻي) ڏهرڪي ۾ ايم اين اي سردار مير خالد احمد خان لُنڊ جا شهر جي مختلف هنڌن تي دوره مڪمل ٿيل ترقياتي اسڪيمن آر او پلانٽ ۽ سي سي پيور بلاڪ جا افتتاح تفصيل موجب افتتاحي تقريبن دوران عوام پاران اين اي 204 جي ايم اين اي ۽ سنڌس فرزند مير نور محمد خان لُنڊ جو شاندار استقبال ڪيو ويو، وڪ وڪ تي گل نڇاور ڪيا ويا، جڏهن ته /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 10

ڏوڪريءَ پوليس ڏيرا پاڙي تي ڪارروائي ڪري اشتهاري ڌوهارين کي گرفتار ڪري ورتو

ڏوڪري (رپورٽر) ڏوڪريءَ پوليس ڏيرا پاڙي تي ڪارروائي ڪري اشتهاري ڌوهارين کي گرفتار ڪري ورتو جنهن بعد ڏيرا برادري جي هٿيارٻندن پوليس مٿان فائرنگ ڪري ڏني ۽ ڏوڪري پوليس موبائل مان وائرليس سيٽ ۽ پوليس ڪانسٽيبل نديم ميمڻ کان سرڪاري هٿيار ايس ايم جي ڦر ڪئي ۽ تشدد جو نشانو بڻايو ۽ فرار ٿي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 11



گهوٽڪي: پ پ اڳواڻ خالد احمد لنڊ تقريب کي خطاب ڪري رهيو آهي

سجاول جي انتظاميا نااهلي جا سمورا رڪارڊ ٽوڙي ڇڏيا، ڪريل ٽاور جي مرمت نه ٿي سگهي

ٻنهي جهانن جي سردار حضرت محمد صلي الله عليه وسلم جن جي نالن وارو ڪري پيو هيو

هاءِ ڪورٽ جي وڪيل امرجاڻي ميمڻ پاران ڊي سي سجاول کي لکت ۾ درخواست موڪلي هئي

معمولي يونين ڪائونسل سيڪريٽري پاران ضلعي جي ڊپٽي ڪمشنر جو حڪم ٽاڏي ڇڏيو آهي

دڙو (رپورٽ: شوڪت ميمڻ) سجاول ضلعي جي انتظاميا نااهلي جا سمورا رڪارڊ ٽوڙي ڇڏيا، جهوڪ شريف شهر ۾ لڳل ٻنهي جهانن جي سردار حضرت محمد صلي الله عليه وسلم جن جي نالن وارو ٽاور جيڪو انتظامي نااهلي سبب ڪري پيو هو ان جي مرمت لاءِ هڪ سال اڳ سنڌ هاءِ ڪورٽ جي وڪيل امرجاڻي ميمڻ پاران ڊي سي سجاول کي لکت ۾ درخواست موڪلي هئي، جنهن/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 12

پنگريو ٽائون ۾ صفائي نه ٿيڻ ۽ برساتي پاڻي جو نيڪال نه ٿيڻ جو نوٽيس

پاڻي جو نيڪال نه ٿيڻ جون سوشل ميڊيا تي هلندڙ خبرن جو انتظاميا نوٽيس ورتو

خط ۾ عوامي شڪايتون دور ڪري رپورٽ ڏيڻ جي پڻ هدايت ڪئي وئي آهي: ذريعا

ٽنڊوباگو (ـ سهيل سمون) غازي محلہ پنگريو ٽائون ۾ صفائي نه ٿيڻ ۽ برساتي پاڻي جو نيڪال نه ٿيڻ جون سوشل ميڊيا تي هلندڙ خبرن جو ضلعي انتظاميه نوٽيس رٺي ورتو اسسٽنٽ ڪمشنر ٽنڊو باگو ۽ چيئرمين پنگريو ٽائون کي فوري/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 13

سرحد واري علائقي جي رهواسي پسند جو پرڻو ڪندڙ نوجوان ناري پاران احتجاج

نوجوان ناري انيلا عباسي پنهنجي مڙس رياض احمد لکڻ سان گڏ احتجاجي مظاهرو ڪيو

حافظ علي نواز عباسي ۽ ٻيا تنگ ڪري رهيا آهن جنهن سبب اسان جي حياتن کي خطرو آهي

سکر (بيورو رپورٽ) گهوٽڪي ضلعي جي سرحد واري علائقي جي رهواسي پسند جو پرڻو ڪندڙ نوجوان ناري انيلا عباسي پنهنجي مڙس رياض احمد لکڻ سان گڏ سکر پريس ڪلب پهچي دانهيو ته هنن 10 جون تي ميرپورماٿيلو جي عدالت/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 15



سکر: پسند جو پرڻو ڪندڙ جوڙو تحفظ لاءِ احتجاج ڪري رهيو آهي

پ پ پ ايم پي اي علي حسن زرداري ترقياتي ڪم ڪرايا آهن: عبدالحميد پنهور

ڀٽو خاندان جون وڏيون قربانيون آهن، جن قربانين عيوض ملڪ ۾ جمهوريت قائم آهي

اليڪشن ۾ پ پ پوري ملڪ مان ڪاميابي ماڻيندي ۽ بلاول ڀٽو زرداري ٿيندو: ميڊيا سان ڳالهيون

ٺٽو (رپورٽ: جاويد لطيف ميمڻ) ضلعي ڪائونسل ٺٽي جي چيئرمين، پ پ پ ضلعي ٺٽي جي سينيئر نائب صدر عبدالحميد پنهور، ضلعي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 18

ساحلي علائقي ڳاڙهو ويجهو ڳوٺ حاجي عمر خان لاشاري جا رهواسي 2 ٻارڙا ٻُڏي فوت

ٻار معصوم ٻارڙا ڳوٺ پرسان واهه ۾ وهنجندي ٻڏي فوت ٿي ويا، گهر ۾ ڪهرام مَتل

عبدالمجيد ملاح ۽ 6 سالا نينگري شيدان عباس ملاح ڳوٺ پرسان واهه ۾ وهنجندي ٻڏي فوت

ٺٽو (جاويد لطيف ميمڻ) ٺٽي جي ساحلي علائقي ڳاڙهو ويجهو ڳوٺ حاجي عمر خان لاشاري جا رهواسي 2 معصوم ٻارڙا ڳوٺ پرسان واهه ۾ وهنجندي ٻڏي فوت ٿي ويا، گهر ۾ ڪهرام مَتل. تفصيل موجب ٺٽي جي ساحلي علائقي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 20

نوجوان جي بازيابي لاءِ عورتن جو نئونڪوٽ پوليس خلاف احتجاجي مظاهرو

3 لکن عيوض آزاد ڪري اسانجي نوجوان کي ڪنهن گم ڪري ڇڏيو آهي: مظاهرين

گرفتار ڪيل ٻن نوجوانن ولي داد گرگيز ۽ نور خان گرگيز کان 3 لک رپيا وٺي آزاد ڪري ڇڏيو

نئون ڪوٽ (ممتاز جونيجو) نوجوان جي بازيابي لاءِ عورتن جو نئونڪوٽ پوليس خلاف احتجاج، پوليس ٻن نوجوان کي 3 لکن عيوض آزاد ڪري اسانجي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 22



نئون ڪوٽ: پوليس خلاف عورتون احتجاج ڪري رهيون آهن

غوٿپور شهر ۽ ان جي ڀرپاسي وارن علائقن ۾ بدامني تي ضابطو نه اچي سگهيو

موٽرسائيڪل تي سوار ٽي هندو واپاري ديوان لال جي ميڊيڪل اسٽور تي چڙهائي ڪئي

پوليس جي موجودگي ۾ اسان کي هٿيارن جي زور تي يرغمال بڻائي لکين رپيا ڦري ويا: واپاري

غوٿپور (عبدالنبي ملڪ) غوٿپور شهر ۽ ان جي ڀرپاسي وارن علائقن ۾ بدامني تي ضابطو نه اچي سگهيو شهر جي مصروف چوڪ دولي چوڪ واري علائقي ۾ ٻن اڻڄاتل هٿيارٻندن موٽر سائيڪل تي سوار ٽي هندو واپاري ديوان لال جي ميڊيڪل /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 24

نوشهروفيروز جي رهواسڻ مسمات بشيران عمراڻي پاران پٽ جي ظلمن خلاف احتجاج

رهواسڻ مسمات بشيران عمراڻي پنهنجي پٽ جي ظلمن کان تنگ ٿي احتجاج ڪيو

ننڍڙن ٻچن سميت ٻاهه ڏيندس ۽ ڪجهه به ٿيو ته ان جو ذميوار جبار عرف ڪيٽو هوندو: عورت

نوشهروفيروز (رپورٽ: اسد علي عمراڻي) مهراڻ ٽائون نوشهروفيروز جي رهواسڻ مسمات بشيران عمراڻي پنهنجي پٽ جي ظلمن کان تنگ ٿي ڪري ميڊيا سان ڳالهائيندي چيئو ته منهنجو پٽ نالي عبدالجبار عرف ڪيٽو عمراڻي جيڪو غلط /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 27



نوشهروفيروز: پٽ جي ظلمن خلاف عورت احتجاج ڪري رهي آهي

سکر ميونسپل ڪارپوريشن جي ڪائونسل جو تعارفي، برسات بابت ڪميٽي قائم

مون سون جي برسات جي امڪاني صورتحال کي منهن ڏيڻ لاءِ ڪميٽي قائم ڪئي وئي

ايس ايم سي ميمبر ايڊووڪيٽ فرح بلوچ، گل محمد ملڪ، انجنيئر نعمان ۽ ٻيا شامل هئا

سکر (بيورو رپورٽ) سکر ميونسپل ڪارپوريشن جي ڪائونسل جو تعارفي اجلاس، مون سون جي برسات جي امڪاني صورتحال کي منهن ڏيڻ لاءِ ڪميٽي قائم، ايڊووڪيٽ فرح بلوچ ۽ ٻين کي ڪميٽي لاءِ نامزد ڪيو ويو خبر موجب، سکر ميونسپل /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 29

پنوعاقل ۾ قومي شاهراهه تي مسافر ڪوچ کي باهه ڪرچ، قيمتي سامان سڙي ويو

مسافر ڪوچ کي باهه ڪرچ مسافرن جي قيمتي سامان سميت سڙي تباهه ٿي وئي آهي

پنجاب طرف ويندڙ مسافر ڪوچ کي پنوعاقل شهر ۾ بائجي چوڪ وٽ اوچتو باهه لڳي وئي

سکر (بيورو رپورٽ) پنوعاقل ۾ قومي شاهراهه تي مسافر ڪوچ کي باهه ڪرچ مسافرن جي قيمتي سامان سميت سڙي تباهه ٿي وئي، مسافر محفوظ رهيا. ڪو به جاني نقصان نه ٿيو. پنوعاقل ۾ قومي شاهراهه تي پنجاب طرف ويندڙ مسافر/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 31

گمبٽ جي واپاري جي سي ڊي موٽرسائيڪل گهر مان چوري ٿي وئي، شهري حيران!!!

گهر جي در اندران چوريون ٿيڻ لڳيون، گمبٽ شهر ۾ روزانو ڦرون جو معمول بڻيل آهن: شهري

مجبور ٿي گمبٽ واپاري ملي ڪري احتجاج جو ڏائرو وڌائينداسين ۽ شٽر بند هڙتال ڪنداسين

گمبٽ (رپورٽ عبدالحي شيخ) گمبٽ جي واپاري بشير احمد شيخ جي سي ڊي موٽرسائيڪل گهر جي در اندران چوري خبر موجب گمبٽ جي واپاري بشير احمد شيخ جي سي ڊي موٽرسائيڪل گهر جي در اندران چوري گمبٽ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 33



گمبٽ: واپاري پريس ڪانفرنس ڪري رهيا آهن

ڪمشنر شهيد بينظيرآباد جي صدارت هيٺ اجلاس منعقد، حفاظتي انتظامن جو جائزو

برساتن جي انتظامن جو جائزو وٺڻ لاءِ اجلاس ڪمشنر آفيس جي ڪميٽي روم ۾ ٿي گذريو

موسميات کاتي پاران مون سون جي امڪاني برساتن جي اڳڪٿي ڪئي وئي آهي: محمد عباس بلوچ

سم نالن جي کاٽي، پمپنگ اسٽيشنز تي مشينري، جنريٽر ۽ تيل جي موجودگي کي يقيني بڻايو وڃي: هدايتون

نوشهرو فيروز (رپورٽ: منظور ملڪ) ڪمشنر شهيد بينظيرآباد ڊويزن محمد عباس بلوچ جي صدارت هيٺ مون سون جي امڪاني برساتن ۽ ٻوڏ دوران حفاظتي انتظامن جو جائزو وٺڻ لاءِ هڪ اجلاس اڄ ڪمشنر آفيس جي ڪميٽي روم ۾ ٿي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 14



نوابشاهه: ڊويزنل ڪمشنر جي صدارت هيٺ ڪوٺايل اجلاس جو ڏيک

ٿرپارڪر ۾ وڌندڙ خودڪشي وارن واقعن بعد انتظاميا ٿرپارڪر حرڪت ۾ اچي ويئي

مٺي (رپورٽ) ٿرپارڪر ۾ وڌندڙ خودڪشي وارن واقعن بعد ضلعي انتظاميا ٿرپارڪر حرڪت ۾ اچي ويئي، ايس ايس پي ٿرپارڪر زاهدا پروين جي صدارت ۾ اسٽيڪ هولڊرن جو اهم اجلاس. 15 ڏينهن خودڪشين جي روڪٿام لاءِ ايونيس ڪميٽين هلائڻ جو فيصلو. 2 ڏينهن جو مٺي ۾ فيميل فيسٽيول ڪيو ويندو ، ڊپٽي ڪمشنر ٿرپارڪر /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 16

انڪم سپورٽ جا پيسا ايندي ئي ٽنڊو غلام حيدر ۾ ڊوائيس هولڊرن جون زيادتيون

هولڊر في ڪارڊ تي پئيسا ڪڍڻ لاءِ هڪ هزار کان 2 هزار روپيه ڪٽوتي ڪري رهيا آهن

مستحق عورتن پاران بار بار احتجاج ۽ شڪايتن ڪرڻ جي باوجود ڪو به نوٽيس ناهي ورتو ويو

ٽنڊو غلام حيدر (ميرحسن رند) انڪم سپورٽ پروگرام جا پيسا ايندي ئي تعلقي جي مختلف شهرن ۾ ڊوائيس هولڊر عورتن کي ڦرڻ شروع ڪري ڏنو آهي، پروگرام تحت ملندڙ وظيفي مان ڊوائيس هولڊر في ڪارڊ تي پئيسا ڪڍڻ لاءِ هڪ هزار کان 2 هزار روپيه ڪٽوتي ڪري رهيا آهن. ان سلسلي ۾ غريب ۽ مستحق عورتن پاران بار بار احتجاج ۽ شڪايتن ڪرڻ جي باوجود ڪو به /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 17

مورو ويجهو ڳوٺ حاجي باگو سيٺار جي رهواسين پاران پوليس جي ظلم خلاف احتجاج

غلام مصطفي، عبدالغفار، خادم حسين، محمد فضل، طالب حسين، محمد اعظم مظاهرو ڪيو

اسان کي بنا جواز تنگ ڪري ڪوڙا ڪيس داخل ڪرائي روزاني جي بنياد تي تنگ ڪيو پيو وڃي: مظاهرين

اسان مٿان ڪوڙا ڪيس داخل ڪري اسان جي گهرن تي چڙهايون ڪري تشدد ڪري رهي آهي، نوٽيس ورتو وڃي

نوشهروفيروز (رپورٽ: منظور ملڪ) مورو ويجهو ڳوٺ حاجي باگو سيٺار جي رهواسين پاران پوليس جي ظلم زيادتين خلاف احتجاجي مظاهرو ڪيو جنهن جي اڳواڻي غلام مصطفي، عبدالغفار، خادم حسين، محمد فضل، طالب حسين، محمد اعظم، محمد خان، محمد سومر، ارشاد، منير، مجن، مدثر سيٺار، دلشير گلشير سيٺار، پنهل سيٺار ۽ ٻيا ڪري رهيا هئا جتي هنن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 19



نوشهروفيروز: ڳوٺ حاجي باگو سيٺار واسي پوليس خلاف احتجاج ڪري رهيا آهن

ڊي سي ميرپورخاص جي حڪمن کي ڪچهه جي واپارين ٺوڪري ۾ اڇلائي ڇڏيو

ڪوٽ غلام محمد (رپورٽر) ڪوٽ غلام محمد ڊي سي ميرپورخاص جي حڪمن کي ڪچهه جي واپارين ردي جي ٽوڪري ۾ اڇلائي ڇڏيو اي سي مختيارڪار ڪاٺن مافيا اڳيان ٻيوس بڻيل ، زميندارن، آبادگارن ۽ هارين سان ناانصافي بدستور جاري. ڪوٽ غلام محمد ۾ ڪاٽي ٻيدي وارا زميندارن کي گورنمنٽ جي ڏنل اگهه /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 21

ٽنڊو باگو شهر جي وارڊ نمبر 2 مير محلہ جي ٻچل شاهه ڪالوني جي رهواسين پاران احتجاج

عطا حسين لاشاري، غلام حيدر لغاري، محمد علي جروار، خالد آرائين ۽ آصف خاصخيلي احتجاج ڪيو

واپڊا وارا سڙي ويل ٽرانسفارمر تبديل ڪرڻ لاءِ 90 هزار رشوت جي گهر ڪري رهيا آهن: مظاهرين جون ڏانهون

24 ڪلاڪن ۾ ٽرانسفارمر نه لڳايو ويو ته ڌرڻو هڻي جهڏو ٽنڊوباگو روڊ بلاڪ ڪنداسين ذميوار انتظاميا هوندي

ٽنڊوباگو (رپورٽ: ـ رفاقت جروار) ٽنڊوباگو شهر جي وارڊ نمبر 2 مير محلہ جي ٻچل شاهه ڪالوني جي رهواسين پاران هڪ مهيني کان سڙي ويل ٽرانسفارمر تبديل نه ڪرڻ تي واپڊا خلاف عطا حسين لاشاري، غلام حيدر لغاري، محمد علي جروار، خالد آرائين ۽ آصف خاصخيلي جي اڳواڻي ۾ ماڻهن جي وڏي تعداد احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو ان موقعي تي عطا حسين لاشاري/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 23

ڳڙهي ياسين پوليس خلاف ڳوٺاڻن جو پريس ڪلب تي احتجاج، انڊس هاءِ وي تي ڌرڻو

ڳوٺ مارون ڪاڪيپوٽا جي رهواسي نوجوان اورنگزيب ڪاڪيپوٽو کي زخمي ڪرڻ خلاف احتجاج

اورنگزيب ڪاڪيپوٽو جي وارثن سندس زال مسمات غزال، ڀيڻ مسمات شبانه احتجاجي مظاهرو ڪيو

ايس ايس پي شڪارپور کان نوجوان زخمي ڪري گرفتار ڪرڻ جي انڪوائري ڪرائي ويندي: اسسٽنٽ ڪمشنر

ڳڙهي ياسين (رپورٽر) ڳڙهي ياسين پوليس خلاف ڳوٺاڻن جو پريس ڪلب تي احتجاج، انڊس هاءِ وي تي ڌرڻو روڊ بند، مسافر پريشان، ڳوٺاڻن جي گرفتار ڪيل نوجوان آزاد ڪرڻ جي گهر ڳڙهي ياسين لڳ ڳوٺ مارون ڪاڪيپوٽا جي رهواسي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 25



ڳڙهي ياسين: ڳوٺ مارون ڪاڪيپوٽا واسي پوليس خلاف احتجاج ڪري رهيا آهن

ڪوٽ غلام محمد يوسي ڪاڇيلو ۾ ڪاڇيلو فارم جو نينگر ڪتن جي حملي ۾ زخمي

ڪوٽ غلام محمد (رپورٽر) ڪوٽ غلام محمد يوسي ڪاڇيلو ۾ ڳوٺ ڪاڇيلو فارم جو رهواسي معصوم 10سالا ڪيول پٽ نورو ڪولهي کي ٽن ڪتن ڏاڍهي سخت زخمي ڪري ڇڏيو زخمي کي ڪوٽ غلام محمد سول اسپتال آندو ويو جتان سخت زخمي هجڻ سبب ايمرجنسي ۾ حيدرآباد ريفر ڪيو ويو واضح رهي يوسي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 26

پ ٽ الف سنڌ طرفان استادن جي مطالبن جي مڃتا لاءِ پيادل لانگ مارچ قافلو شروع

لاڪيٽي شاعر شاهه عبدالڪريم بلڙي واري جي نگري کان پيادل لانگ مارچ قافلو شروع ڪيو ويو

مرڪزي اڳواڻ شفيع محمد سنيو، سڪندر جتوئي، عتيق الرحمان، ميڊم انيتا جي اڳواڻي ۾ مارچ

مارچ صوفين جي سرتاج شهيد صوفي شاهه عنايت جي جهوڪ واري نگري ۾ پهچي ويو، شاندار آجيان

ٽنڊو محمد خان (رپورٽ: مظفر علي بروهي) پ ٽ الف سنڌ طرفان استادن جي مطالبن جي مڃتا لاءِ ڊٽل چارٽر آف ڊمانڊ کي تسليم ڪرائڻ لاءِ سنڌي ٻولي جي پهرين لاڪيٽي شاعر شاهه عبدالڪريم بلڙي واري جي نگري کان پيادل لانگ مارچ قافلو شروع. ٽنڊو محمد خان جي بلڙي شاهه ڪريم شهر ۾ پ ٽ الف سنڌ طرفان استادن جي مطالبن جي مڃتا لاءِ چارٽر آف ڊمانڊ کي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 28

ٽاروشاهه پرسان ڳوٺ نوازيو پان ۾ مبينا طور گهر تي حملو، 2 عورتن سميت 4 ڄڻا زخمي

ڳوٺ جي بااثرن جو گهر تي حملو لنيون سروٽا ۽ پٿر لڳڻ ڪري ٻن عورتن کي زخمي ڪري ڇڏيو

معين الدين پان سميت چار ڄڻا زخمي ٿي پيا، جن کي رورل هيلٿ سينٽر ٽاروشاهه ۾ داخل ڪيو ويو

اين سي ٽاروشاهه ٿاڻي تي داخل ڪرائي پر پوليس به هنن خلاف ڪابه ڪاروائي ڪرڻ لاءِ تيار نه آهي

نوشهروفيروز (رپورٽ: منظور ملڪ) ٽاروشاهه پرسان ڳوٺ نوازيو پان ۾ مبينا طور گهر تي حملو ٻن عورتن سميت چار ڄڻا زخمي اسپتال منتقل اين سي داخل پوليس ڪو به جوابدار گرفتار نه ٿي سگهيا متاثرن جو جوابدارن جي گرفتاري نه ٿيڻ خلاف احتجاج، ٽاروشاهه پرسان ڳوٺ نوازيو پان ۾ سوشل ميڊيا تي ڪمينٽ ڪرڻ تان ڳوٺ جي بااثرن جو گهر تي حملو لنيون سروٽا ۽ پٿر لڳڻ ڪري/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 30



نوشهروفيروز: ڳوٺ نوازيو پان واسي احتجاج ڪري رهيا آهن

نئون ڪوٽ پوليس چوري ٿيل موٽرسائيڪل برآمد ڪري 3 جوابدارن کي گرفتار ڪري ورتو

نئون ڪوٽ (رپورٽر) نئون ڪوٽ پوليس عيد رات چوري ٿيل موٽرسائيڪل برآمد ڪري 3 جوابدارن کي گرفتار ڪري جيل حوالي ڪيو ويو جوابدارن جي نشاندهي تي پوليس ڪاروائي ڪندي ڳوٺ محمد ملوڪ گرگيز مان 7 چوري ٿيل موٽرسائيڪلون برآمد ڪري ورتيون عيد رات رش جو فائدو وٺندي نئون ڪوٽ جي مين خواجہ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 32

ڊي سي ٿرپارڪر پاران سنڌ مينٽل هيلٿ اٿارٽي کي خط، سينٽر قائم ڪرڻ جي سفارش

لعل ڏنو منگي سنڌ مينٽل هيلٿ اٿارٽي کي ريسڪيو سينٽر قائم ڪرڻ جي سفارش ڪري ڇڏي

ادارا ٿرپارڪر ۾ اهڙن واقعن تي ڪنٽرول ڪرڻ جي لاءِ سنجيدگي سان ڪم ڪري رهيا آهن: ڊي سي

مينٽل اٿارٽي مناسب نيورولاجسٽ ۽ سائيڪولاجسٽ سان گڏ هڪ ريسڪيو سينٽر قائم ڪيو وڃي

مٺي (پ ر) ڊپٽي ڪمشنر ٿرپارڪر پاران سنڌ مينٽل هيلٿ اٿارٽي کي خط. ٿرپارڪر ۾ سنڌ مينٽل هيلٿ اٿارٽي کي ريسڪيو سينٽر قائم ڪرڻ جي سفارش ڊپٽي ڪمشنر ٿرپارڪر لعل ڏنو منگي ٿرپارڪر ضلعي ۾ خودڪشي جي واقعن تي ڪنٽرول ڪرڻ جي لاءِ چيئرمين سنڌ مينٽل هيلٿ اٿارٽي سينيئر ڊاڪٽر عبدالڪريم خواجه کي خط لکندي چيو آهي ته ضلعي انتظاميا /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 34

*** روزاني سنڌيار سکر پبلشر اي حسين، سم پرنٽنگ پريس بي آر ٽاور چندريگر روڊ ڪراچي مان ڇپرائي سکر آفيس گهر نمبر سي 92، دهلي مسلم هائوسنگ سوسائٽي ايئرپورٽ روڊ سکر مان پڌري ڪئي وئي ***

روزاني
سنڌيار
ايڊيٽر: اعجاز مهر
Daily SINDHYAR
www.dailysindhyar.com

اربع 05 جولاءِ 2023ع

سنڌ کي پٿر جي دور ۾ موڪليندڙ بجلي ڪمپنيون

هونئن ته ڪراچيءَ ۾ به ’ڪي- اليڪٽرڪ‘ جو ’اڇو مُنهن- نيرا پير‘ آهن. پر سنڌ جي باقي ضلعن سان جيڪو ظلم حيسڪو ۽ سيپڪو وارن ڪيو آهي، ان جي جيتري به مذمت ڪجي، اها گهٽ آهي. انهن بجلي ڪمپنين سنڌ کي پٿر جي دور ۾ پهچائي ڇڏيو آهي. هونئن ته اڳ ئي سنڌ کي ڪالاباغ ڊيم جي مخالفت جي سزا بجليءَ جي بندش جي صورت ۾ ملندي رهي آهي، پر تازو شديد گرمين جي هن موسم ۾ عيد کان ڪجهه ڏينهن اڳ ٽنيا ڪرڻ سبب جيڪو سنڌ جي اترين ضلعن ۾ بجليءَ جو بريڪ ڊائون ٿيو هو، اتي بجلي اڃان تائين پوريءَ ريت بحال نه ٿي سگهي آهي. بجلي نه هجڻ جي ڪري ماڻهن جي مرڻ جون خبرون به رپورٽ ٿي چڪيون آهن. ماڻهو ساڳي ريت عذاب ۾ آهن. نه انهن ڪا عيد ڪئي، نه خوشيون ملهايون. هن شديد گرميءَ ماڻهن کان سهپ کسي ورتي آهي. سنڌ ۾ بجليءَ جي بندش خلاف احتجاج شروع ٿي ويا آهن ۽ هاڻي ته انهن احتجاجن پرتشدد رخ وٺڻ شروع ڪيو آهي، جنهن جو هڪ مثال سيپڪو گرڊ اسٽيشن ڳڙهي ياسين تي هٿياربند ماڻهن جي مبينا چڙهائي آهي. پر افسوس اهو آهي ته، سنڌ جا اختيار ڌڻي بجليءَ کان محروم ڪري عذابن جي ’تحت الثريٰ‘ ۾ اڇلايل ماڻهن جا پرچلائي ٻيهڻ لاءِ به تيار ناهن.

بجلي ڪمپنين سنڌ کي گرميءَ ۽ اونداهين جي اوڙاهه ۾ اڇلائي ڇڏيو آهي. نه صرف صنعت، ڪاروبار ۽ روزمره جو همواري وهنوار، توڙي عوام کي پيئڻ جي پاڻيءَ سميت سمورين ميونسپل سهولتن جي فراهمي بجليءَ جي بنا رنڊڪ وهڪري تي آڌاريل آهي. هونئن به بجلي ڪمپنين عام ڏينهن ۾ به 8 کان 16 ڪلاڪن تائين بجليءَ جي بندش کي معمول بڻائي ڇڏيو آهي. غريب ۽ وچولي طبقي جا ماڻهو (ملڪ ۾ هاڻي وچولو طبقو رهيو ئي ڪٿي آهي!) پنهنجي زندگيءَ جي وهنوار ۽ سهولتن لاءِ گرڊ اسٽيشنن جي بجليءَ تي انحصار ڪن ٿا. باقي جيڪي سرنديءَ وارا آهن انهن جي بجليءَ جي متبادل ذريعن تائين رسائي آهي. جنريٽر کان سولر پينل تائين انهن کي هر سهولت ميسر آهي ۽ بجلي آهي يا نه آهي، بجلي اچي ٿي يا وڃي ٿي، ان جو انهن جي زندگيءَ جي معمول تي ڪو به اثر نٿو ٿئي. رهي ڳالهه هن ديس جي مسڪين ماڻهن جي، ته بجلي ڪمپنيون به انهن کي ئي ستائي، سندن جيئڻ جنجال ڪري رهيون آهن. هاڻي ته اهي جوڳي به جاڳڻ شروع ٿي ويا آهن ۽ انهن احتجاج شروع ڪري ڇڏيا آهن. انهن احتجاجن جو ڳٽيءَ جو گهرخ انهن جو پرتشدد ٿيڻ آهي. سنڌ جي حڪمرانن کي آخر اها ڳالهه سمجهه ۾ چونتي اچي ته ان سان "لا اينڊ آرڊر" جو مسئلو پيدا ٿيندو، جيڪو پڻ انتشار ۽ افراتفريءَ جو سبب بڻجندو. مرڪز ۾ پ پ پ جي حڪمرانيءَ دوران جڏهن بجليءَ جو بحران پيدا ٿيو هو، تڏهن پنجاب ۾ وڏي پيماني تي احتجاج شروع ٿي ويا هئا ۽ پڙهندڙن کي ياد هوندو ته پنجاب جي تڏهوڪي وڏي وزير شهباز شريف پڻ احتجاجن جي قيادت ڪئي هئي. هتي اسان جو مطلب اهو ڪونهي ته سنڌ جا حڪمران به احتجاجن جي قيادت ڪن (يقينن اهي ائين ڪندا به ڪونه، ڇو ته مرڪز ۾ به سنڌ جي حڪمران جماعت اقتدار ۾ ڀائيوار آهي ۽ مرڪزي حڪومت جي ڪوتاهين جي ذميواري انهن تي به عائد ٿئي ٿي) اسان ته رڳو اهو ٿا چئون ته اهي هن وقت عوام کي اڪيلو نه ڇڏين ۽ وفاقي حڪمرانن وٽ سنڌ جو اهو اهم مسئلو بردباريءَ سان ۽ ٻنان ڪنهن اگر مگر جي رکن.

اسان سمجهون ٿا ته اهو ڪو نظرانداز ڪرڻ جهڙو مسئلو ڪونهي، جنهن کي ايترو غير سنجيدگيءَ سان ورتو پيو وڃي. واڌو ۽ ڪوڙا بل، ڊيٽڪشن بل موڪلڻ ۽ سنڌ ۾ بجليءَ جي واهپيدارن کي اجايو تنگ ڪرڻ کان پوءِ وري ڪيترن ئي علائقن ۾ بهانا ڪري بجليءَ کان ئي ڪُنو جواب ڏنو ويو آهي. سنڌ جا ماڻهو غير انساني حالتن ۾ زندگي گذاري رهيا آهن. سنڌ جي حڪمرانن کي اسان اهو چوڻ جي ضرورت ٿا محسوس ڪريون ته سنڌ ۾ بجليءَ جي بندش، بريڪ ڊائون، لوڊ مئنيجمينٽ جي نالي ۾ ڏکهي ۽ اڻ اعلانيل لوڊشيڊنگ جي آزار مان نجات لاءِ وفاقي حڪومت وٽ معاملو کنيو وڃي. سنڌ جي عوام جي ان اهم مسئلي کان لاتعلقي اختيار نه ڪئي وڃي.

5_جولاءِ پاڪستان جي تاريخ جو بدترين ڪارو ڏينهن

طفيل مگسي

اڄ کان 46 سال اڳ يعني 5_جولاءِ 1977ع تي هٽلر ميسوليني چنگيز خان هٽلر ۽ هلاڪو خان جي نسل سان تعلق رکندڙ ڊڪٽيٽر جنرل ضياءَ رات جي اونداهي ۾ پيپلزپارٽي جي چونڊيل عوامي حڪومت کي ختم ڪري پاڻ اقتدار تي جلاد بڻجي ڪري ويهي رهيو. جنهن جي پٺيان ڊڪٽيٽرن ۽ آمرن کي تاتيندڙ امريڪي سامراج جو سڌوسنئون هٿ هو ڇاڪاڻ ته ان دور ۾ امريڪي سامراج جي اها خواهش هئي ته بنيادپرستي کي واڌ ويجهه ڏئي ڪري ڪابي ڌر جي حڪومتن ۽ تحريڪن کي درندگي سان چٿي ڇڏجي جنهن ۾ هن خاص طور تي مذهب پرستي ۽ رجعت پرستي جهڙين سوچين کي استعمال ڪيو هو ضياءَ الحق جيڪو بعد ۾ پنهنجي ئي آقا امريڪي سامراج جي هٿان فضا ۾ ٽي ٽڪر ٽڪر ٿي ڪري ڪاري خاڪ ۽ هڏن جي صورت ۾ زمين تي اچي پٽ پيو اهڙي ريت ڊڪٽيٽر ضياءَ جو انجام ته پورو ٿيو ليڪن باوجود ان جي اڄ به اهائي ساڳئي ضياءَ واري دور جي پاليسي امريڪي سامراج سڌي ريت يا اڻ سڌي ريت جاري رکيون پيو اچي ۽ اڄ جيڪڏهن امريڪي سامراج ۽ سندس سامراجي طاقتون ان دهشتگردي کي پنهنجي ملڪ ۾ سبب بڻائي ڪري پيش ڪن ٿيون ته انهن جي پٺيان سندن جو صرف اهوئي مقصد هوندو آهي ان دهشت جو خوف محنت ڪش طبقن جي نفسيات ۾ اهڙي ريت (جهڙي ريت تعويذن تي يقين ڪندڙ ماڻهو تعويذن کي پاڻي ۾ نپوڙي ڪري ڪنهن کي به بيماري ڇڏيندا آهن) نپوڙي وڌو وڃي ته اهي پيوس ۽ مجبور ٿي ڪري انهن جي اقتصادي يا سماجي حملن جي خلاف ڪا بغاوت نه ڪري سگهن ۽ ائين ئي ترقي يافته مغربي ملڪن ۾ فلاحي رياست کي هڪ منصوبابندي جي تحت هوريان هوريان ڊاٿو وڃي پيو ڇاڪاڻ ته سرمائيداري ۾ عوامي سهوليتن جي گنجائش ناهي رهي.

1977ع ۾ امريڪي سامراج کي پاڪستان ۾ هڪ اهڙي حڪومت جو سامهون هو جنهن جو وزيراعظم ڪڏهن ٿي ويندو هو ۽ اهڙي فرمابرداري کان مڪمل انڪاري هو جيڪا امريڪي سامراج کي گهربل هئي. جنرل ضياءَ جنهن اعلي امريڪي فوجي اداري فورٽ بريگ کان تربيت ورتي هئي امريڪي حاڪمن ۽ پينٽاگون سان ويجهڙائي وارا رابطا اختيار ڪري چڪو هو منهنجي خيال ۾ ته مغربي ۽ مشرقي سامراجي ملڪ جيڪي ترقي پذير ملڪن جي اعلي رياستي اهلڪارن کي پنهنجن انهن ادارن ۾ گهرائين ٿا. انهن جا ڪورس ڪرائين ٿا. انهن تي خرچ ڪن ٿا. اتي انهن جي نه صرف فوجي يا انتظامي تربيت ڪن ٿا بلڪ "نظرياتي" تربيت به ڪئي وڃي ٿي ۽ انهيءَ عمل ۾ شايد اهي هتان جي رياستن ۾ پنهنجو اثرورسوخ قائم ڪن ٿا ۽ پنهنجن مفادن جي تحفظ جي لاءِ مرڪزي عهدن تي "پنهنجا ماڻهو" مقرر ڪرائين ٿا. وزيراعظم جي عهدي کان هٽائڻ ڪانپوءِ به جڏهن ڀٽي فرمانبرداري کان انڪار ڪيو ته هن تي ڪيس ناهيا ويا ۽ مختلف نفسياتي اذيتون پڻ پهچايون ويون. ليڪن انهيءَ ڏاڍ هن کي وڌيڪ ڪاوڙايو ۽ جيل جي ڪال ڪوٺڙي ۾ لکيل تحرير "جيڪڏهن مون کي قتل ڪيو ويو" ۾ ڀٽي صاحب خاص لکي ڇڏيو ته هن جي زوال جو سبب هن جي مخالف طبقن ۾ هڪجهڙائپ ۽ مصالحت پيدا ڪرڻ جي فرسوده پاليسي هئي. ان ريت سان هو پڪو ۾ ڪري رهيو هو ته جيڪڏهن ٻيهر اقتدار ۾ آيو ته سرمائيداري ۽ طبقاتي معاشري جي خاتمي واريون پاليسيون اپنائيندو

سامراجين ۽ حڪمران طبقن کي اهوئي خوف هو ته جيڪو واقعو عدالتي قتل جي ذريعي ڀٽو جي موت جو سامان بڻجي ويو الميو اهو آهي ته ان وقت جي پيپلز پارٽي جنهن جي چيئرمين محترمه بينظير ڀٽو هئي. پنهنجي اقتدار جي خاطر پنهنجي پيءُ جي ڪيس جي ڪا به پيروي نه ڪئي. جڏهن هوءَ وري پاڻ قتل ٿي ته سندس پارٽي تي زرداري جهڙو سفاڪ ۽ لالچي انسان قابض ٿي ويو جنهن پنهنجي ذاتي مقصدن جي لاءِ دولت ۽ اقتدار جي لالچ ۾ ضياءَ جي هٿان ڀٽو جي عدالتي قتل کي "قانوني" "تسليم" "ڪري ورتو بلڪ انهن سان ڪلهو ڪلهي ۾ ملائي هن وقت شريڪ اقتدار آهي. اهڙو عمل ڪري جيتوڻيڪ حڪمران ڏوهاري ڪيسن کان بري ته ٿي وڃن ٿا. ليڪن تاريخ جا وهڪرا اهڙي پارٽي کي سدائين جي لاءِ متائي ڇڏين ٿا. جنهن جي شروعات ٿي چڪي آهي جيڪي پنهنجين بانين جي ميراث کي ائين سرٻازار نيلام ڪن ٿيون.


ضياءَ الحق جي "اسلامائيزيشن" سامراجين جي پٺڀرائي ۽ حمايت سان هئي. ان جا اندريان ۽ ٻاهريان ٻنهي قسمن جا ارادا هئا. ٻاهرين محاذ تي افغانستان جي ثور انقلاب کي ناڪام ڪرڻ جي لاءِ هن کي استعمال ڪيو ويو جڏهن ته داخلي ميدان ۾ هن کي هر ترقي پسند ۽ انقلابي لاڙي کي چٿڻ جي لاءِ استعمال ڪيو ويو ظلم وجبر جون حدون بلڪل اورانگهجي چڪيون هيون. ڪوڙن ۽ ڦٽڪن جو دستور هلي پيو ۽ رجعت جي ان جبر معاشري ۾ اهڙي منافقت کي جنم ڏنو جيڪا خاص طور تي وچولي طبقن ۾ اڄ تائين عام آهي.

جون 1978ع ۾ امريڪي صدرجمي ڪارٽر جي قومي سلامتي جي مشير پنهنجي خيبر جي دوري وقت "الله اڪبر" جو نعرو هڻي ڪري افغان جهاد جي باقاعدي شروعات ڪئي هئي. سڄي دنيا کان مسواڙ تي وٺي ايندڙ وڙهاڪن کي هتي آڻي ڪري لانچ ڪيو ويو هتي غريبن جي هزارين ٻارڙن کي هڪ نيٽ ورڪ جي وسيلي ان رد انقلاب جو ٻارڻ بڻايو ويو اڄ ڪانپوءِ افغانستان ته تاراج ٿي رهيو آهي. ليڪن ان جهاد پاڪستان جو به جيڪو حشر ڪري ڇڏيو آهي. اهو سڀني جي سامهون آهي.

جڏهن 1978ع جي وچ ۾ ان جهاد (سي آئي اي جو آپريشن سائيڪلون) جي شروعات ڪرائي وئي ته افغانستان ۾ روسي فوجين جو نالو ونشان نه هو نورمحمد تراڪئي جي حڪومت ماسڪو تي قطعي اعتبار نه ڪندي هئي ۽ ڪنهن وڏي طاقت جي جهولي جو ٻار بڻجڻ جي بجاءِ مسلسل جدوجهد ڪري رهي هئي. افغان انقلاب جي نقط نظر کان روسي فوجين جي مداخلت هڪ منفي قدم هو جنهن جو مقصد افغانستان جي انقلاب کان وڌيڪ ماسڪو جي آفيسرشاهي جي مفادن جو تحفظ هو ليڪن جهڙي ريت روسي فوجين جو اچڻ غلط هو انهيءَ ريت اچڻ ڪانپوءِ ايتري بي آرامي پيدا ڪرائي اوچتو وڃڻ به غلط هو ان مداخلت کي سبب بڻائي ڪري مغربي سامراجين پروپيگنڊه جي بازار گرم ڪري ڇڏي. 1980ع ۾ ماسڪو اولمپڪس جو بائيڪاٽ ڪرايو ويو ۽ خاص طور تي وچ اوڀر جي امير بادشاهن کان بي حساب دولت ان جهاد جي "امداد" جي لاءِ گڏ ڪئي وئي. جتي ان دولت کان هٿيار خريد ڪيا ويا ۽ اتي افغانستان ۽ پاڪستان ۾ ٽريننگ ڪيمپون به قائم ڪيون ويون امريڪا کان وڏي انگ ۾ جهادي لٽريچر ڇپرائي هتي ورهايو ويو مذهبي جنون کي هر پاسي کان اپاريو ويو مغربي سامراج پنهنجن انهن لاڏلن کي اڄ وري دهشتگرد سڏين ٿا. پاڪستان ۾ ان ديو جهڙي رجعتي عمل جا جتي بيا خطرناڪ سماجي اثر پيا. اتي ڪلاشنڪوف ڪلچر ڀتاخوري. منشيات جو ڪاروبار ۽ استعمال پهرين ڀيرو وڏي پيماني تي ٿيو ۽ اڄ تائين اهو بيمار معاشرو ان زهر کان چنگهي رهيو آهي. اڄ ان دهشتگردي جي خلاف آپريشن ٿيا\ ٿي رهيا آهن. ليڪن نه ته ماضي جي انهن مجرمانئين غلطين کي تسليم ڪيو وڃي ٿو نه ته انهن پاليسين ۾ ڪا ريڊيڪل تبديلي نظر اچي ٿي. ان جهاد جون مالي ضرورتون پوريون ڪرڻ جي لاءِ سي آئي اي جيڪو منشيات جي تياري ۽ پهچائڻ جو نيٽ ورڪ وڇايو ان ڪاري ڌنڌي جي مسلسل وڌندڙ طاقت معشيت کي جنم ڏنو مختلف ڏوهن تي مشتمل اها معشيت اڄ پاڪستان جي سرڪاري ياغير سرڪاري معشيت کان به وڌيڪ وڏي طاقت اختيار ڪري چڪي آهي. ان جي مداخلت سياست، معاشرت ۽ رياست ۾ ايتري وڌي وئي آهي ته سياسي پارٽين کان وٺي ڪري سماجي اخلاقيات جي پيروڪارن کي پنهنجي اختيار ۾ وٺي چڪي آهي ۽ ان جا مالڪ سمورين راندين پنهنجي مفادن جي تحت کيڏي رهيا آهن. ائين 5 جولاءِ ڪانپوءِ اچڻ واريون رجعتي تبديليون اڄ تائين به قائم آهن بعد ۾ ڪافي نام نهاد جمهوري حڪومتون به آيون ليڪن ضياءَ جي طرف کان آئين ۾ زبردستي وڌل شقن منجهان ڪنهن هڪ جو به خاتمو نه ڪري سگهيون. جتي سياست ۽ سرڪار هئي انهيءَ ڪاري ڌنڌي جا مالڪ آهن. اتي جمهوريت ۽ آمريت جي نقلي ٽڪراءَ کي اپاري ڪري امير ۽ غريب، محنت ۽ ناڻي جي بنيادي ٽڪراءَ کي دٻايو وڃي ٿو ليڪن 5 جولاءِ جي تبديليءَ جيڪو زهر هن سماج جي رڳن ۾ داخل ڪيو ان جي اٿيوري لبرل ۽ سيڪيولر سياست به متحمل ناهي ڇاڪاڻ ته اهي لاڙا به انهيءَ نظام جو حصو آهن سرمائيداري نظام جي انڌيري کي متائڻ بنا 5 جولاءِ جي ٻاٽ اونداهي ڪڏهن به ختم نٿي ٿي سگهي.

تو جنين جي تاتِ، تن پڻ آهي تنهنجي؛
'فاذڪروني اَذڪر ڪم'، اِيَ پروڙج بات؛
هَتِ ڪاتي ڳُڙ واتِ، پُڇڻُ پَر پرين جي.

هڪ ڏاڙيل جو ڏاڙو ۽ نوستارن جي نوٽڻ



پروفيسر ڊاڪٽر امانت علي جلباڻي

حضرت علي ڪرم الله وجه جو قول آهي ته، "جنهن جي سياست شئي هوندي، ان جي رياست دائمي هوندي." اهڙي سوچ شهيد ذوالفقار علي ڀٽي جي خاندان جي رهي آهي. ڀٽي خاندان، قوم، رياست ۽ ساست جي خوب خدمت ڪئي آهي، ايتري تائين جو پنهنجي جان جا نذرانا به پيش ڪري نه ٿڪيا آهن.

پنجين جولاءِ قومي ڪيلينڊر جو ڪارو ترين ڏينهن آهي، ان ڏينهن جمهوريت تي راتاهو هنيو ويو. ان ڏينهن ان وقت جي آرمي چيف جنرل ضياءَ الحق چونڊيل وزيراعظم ذوالفقار علي ڀٽو جي حڪومت جو تختو اونڌو ڪيو هو.

7 مارچ 1977ع تي ملڪ اندر چونڊون ڪرايون ويون، ان چونڊن ۾ پاڪستان پيپلز پارٽي کي ڪاميابي حاصل ٿي پر حزب اختلاف سان تعلق رکندڙ جماعتن 1977ع واري چونڊن جي نتيجي کي تسليم ڪرڻ کان انڪار ڪيو 9 جماعتن تي ٻڌل پاڪستان قومي اتحاد عرف "9 ستارن" ڌانڌلين جا الزام هڻي شهيد ذوالفقار علي ڀٽي جي منتخب حڪومت خلاف احتجاجي تحريڪ شروع ڪري ڇڏي. ان دوران پاڪستان پيپلز پارٽي جي حڪومت ۽ مخالف ڌر جي وچ ۾ ڳالهيون ٿيون. جيڪي تقريبن ڪامياب به ٿي چڪيون هيون. جنهن ۾ ملڪ اندر نين چونڊن ڪرائڻ تي اتفاق ٿي ويو هو 4 جولاءِ 1977ع تي ٻنهي ڌرين ٻاران هڪ ڊرافٽ به تيار ٿي ويو هو پر بدقسمتي سان جنرل ضياءَ جنهن اڳواٽ سامراجي قوتن جي اشاري تي اقتدار تي قبضو ڪرڻ لاءِ منصوبو جوڙي ڇڏيو هو. تنهن 5 جولاءِ 1977ع تي رات جي آخري پهرن ۾ شهيد ذوالفقار علي ڀٽي جي منتخب ۽ جمهوري حڪومت جو تختو اونڌو ڪري چونڊيل وزيراعظم ۽ اسلامي سربراهي ڪانفرنس جي چيئرمين شهيد ڀٽي کي حراست ۾ وٺي ڪوهه مري ۾ نظربند ڪري ڇڏيو جنرل ضياءَ قومي اسيمبلي کي توڙي ڇڏيو ۽ 1973ع جي متفق آئين کي به معطل ڪري ڇڏيو اهڙي طرح پاڪستان اندر 5 جولاءِ 1977ع تي آمريت جي دور جو آغاز ٿيو اها آمريت ملڪ جي تاريخ جي طويل ترين آمريت هئي. جنرل ضياءَ چيف مارشل لا ايڊمنسٽريٽر جي حيثيت ۾ ملڪ اندر 18 آڪٽوبر 1977ع تي اليڪشن ڪرائڻ جو اعلان ڪيو پر هن پهرين آڪٽوبر 1977ع تي چونڊن کي اڻ ڄاڻايل مدت لاءِ ملتوي ڪري ڇڏيو بهرحال 5 جولاءِ 1977ع پاڪستان جي تاريخ جو بدترين ڏينهن هو ان ڪاري ڏينهن تي هڪ آمر ۽ جابر جنرل ضياءَ ملڪي تاريخ ۾ پهرين منتخب حڪومت کي ختم ڪري ملڪ اندر مارشل لا نافذ ڪري ڇڏيو. جنرل ضياءَ رات جي اونداهي ۾ هڪ ڏاڙيل ۽ رهزن جيان واردات ڪري پاڪستان کي هڪ ڏيڻ ۾ ڦاسائي ڇڏيو. جمهوريت تي راتاهو هڻندڙ جنرل ضياءَ خانه ڪعبه جي غلاف کي چمندي واعدو ڪيو هو ته ملڪ اندر ٽن مهينن اندر چونڊون ڪرائي اقتدار عوام جي منتخب نمائندن حوالي ڪيو ويندو. پر جنرل ضياءَ جيڪو پاڻ کي مرد مومن ۽ مرد حق سڏائيندو هو تنهن واعدي خلافي ڪري پنهنجي اقتدار کي ڊيگهه ڏني. جنرل ضياءَ اقتدار جي حوس ۽ شهيد ڀٽي جي دشمني ۾ ملڪ اندر يزيدي ڪردار ادا ڪندي پيپلز پارٽي جي ڪارڪنن مٿان ظلم جا پهاڙ توڙي ڇڏيا. جنرل ضياءَ جي دور ۾ پ پ پ جي هزارين ڪارڪنن کي گرفتار ڪيو ويو سون جي تعداد ۾ ڪارڪنن کي ڪوڙا هنيا ويا ۽ ڪيترن ئي سياسي ڪارڪنن کي گولين سان اڏايو ويو. ان جي باوجود به پيپلز پارٽي جا ڪارڪن "جيئي ڀٽو سدا جيئي" ڀٽو جا نعره هڻندا رهيا. ضيائي آمريت واري دور ۾ پ پ جي ڪارڪنن کان علاوه صحافين، دانشورن ۽ سياستدانن کي به ڪوڙا هنيا ويا ۽ جيل اندر بند ڪري اذيتون ڏنيون ويون. جنرل ضياءَ حق ۽ سچ لکڻ تي ڪيترن ئي اخبارن مٿان سينسرشپ جو قانون مڙهي ڇڏيو

"وارن بينس" سياست ۽ ليڊرشپ جي حوالي سان پنهنجا خيال پيش ڪيا آهن ته، "ليڊرشپ چئجي ٿو، صلاحيتن جي صحيح استعمال ڪرڻ کي، صلاحيت اها لياقت آهي جا پنهنجي مقصد کي سچائي ۽ ٻئا ڏانهن تبديل ڪري ٿي." اها ئي تبديلي ڀٽي صاحب جي ذهن ۾ هئي. ان دوران پاڪستان ملڪ ناهڻ لاءِ ٿيندڙ ڪوشش زور شور سان جاري هيون ان دوران ذلفي ڀٽو تحريڪ پاڪستان جي باني قائداعظم محمد علي جناح جي ڪوشش کي ساراهيندي ڏانهس هڪ خط لکي پنهنجن جذبن جو هن طرح اظهر ڪيائين، "جيئن ته مان هينٽر اسڪولنگ ڪري رهيو آهيان ۽ پاڪستان ناهڻ ۾ مان ڪا به مدد ڪري نٿو سگهان، پر ايندڙ وقت ۾ مان پنهنجي ملڪ لاءِ جان به قربان ڪندس." واقعي ذلفي ڀٽي پنهنجي لکيل خط سان پاڻ ملهائي ڏيکاريو

دنيا جي ذهين انسانن مان ذوالفقار علي ڀٽو به هڪ هو جنهن جو ملڪ ۽ قوم لاءِ انيڪ خوبيون تاريخ پاڻ پسائي رهي آهي، جنهن ۾ مزدورن جي حقن لاءِ جاکوڙ، اسپتالن جو قيام، شملا معاهدي تي دستخط، مارشل لا ختم ڪرڻ جو اعلان، 90 هزار پاڪستاني فوجين کي هندستان جي قيد ۾ آزادي وٺائڻ، پاڪستان جي وڏي نيوڪليئر پاور پلانٽ جو افتتاح، قائد اعظم يونيورسٽيءَ جو قيام، قاسم پورٽ اٿارٽيءَ جو بنياد، لاهور ۾ اسلامي سربراهي ڪانفرنس سڏائڻ، پاڪستان ۾ پهرين سيرت ڪانفرنس جو بنياد وجهڻ، 1974ع تي ڊاڪٽر قديرخان کي ايٽمي پروگرام تيار ڪرڻ لاءِ اتساهڻ ۽ همٿائڻ سلوار قميص کي قومي لباس جو درجو ڏيارڻ ۽ تعليمي ادارن ۾ سنڌي ٻوليءَ کي لازمي پڙهائڻ سميت ڪافي اهڙا ادارا ۽ قانون پاس ڪيائين جن ۾ اڄ تائين ملڪ جو عوام فائدو ڪئي ۽ وٺي رهيو آهي.

بهرحال 5 جولاءِ ملڪ جي تاريخ جو هڪ ڪارو ڏينهن آهي. ان منحوس ڏينهن تي قائد عوام ذوالفقار علي ڀٽي جي حڪومت کي هڪ سازش ۽ منصوبي هيٺ ختم ڪيو ويو پاڪستان قومي اتحاد جا اڳواڻ شهيد ڀٽي تي ڌانڌلين جا الزام هڻي روڊن تي نڪري آيا هئا، انهن جنرل ضياءَ جي ڪابينا ۾ شموليت ڪري عوام سان دوکي ۽ منافقت جي انتها ڪري ڇڏي. اصل ۾ پي اين اي جي تحريڪ پٺيان آمريڪا جو هٿ هو. ان ڪري پي اين اي تحريڪ کي ڪامياب بڻائڻ لاءِ آمريڪي ڊالرن جا ڍير لڳي ويا. اهڙي طرح جنرل ضياءَ مخالف ڌر جي احتجاجي تحريڪ ۽ ملڪ اندر امن امان جي صورتحال کي جواز بڻائي 5 جولاءِ 1977ع تي هڪ جمهوري حڪومت کي ختم ڪري ملڪ اندر آمريت جو بنياد وجهي ڇڏيو. جنرل ضياءَ اسلامي نظام جو ڪوڙو نعرو هڻي ملڪ اندر 11 سالن تائين اقتدار تي قابض رهيو ان دوران شهيد ذوالفقار علي ڀٽي کي هڪ ڪوڙي ڪيس ۾ ڦاسائي عدالتي قتل ڪري ڇڏيو.

جنرل ضياءَ شهيد ذوالفقار علي ڀٽي کي ڦاهي جي تختي تي چاڙهي وڌو ظلم ڪيو پر سڀ کان وڌيڪ ظلم اهو ڪيو ويو جو ڀٽي صاحب جي وارثن يعني بيگم نصرت ڀٽو ۽ بينظير ڀٽو شهيد سميت ڀٽو خاندان جي ڪنهن به فرد کي ڀٽي صاحب جو آخري ديدار نه ڪرايو ويو. بهرحال الله تعاليٰ وٽ به انصاف آهي. جڏهن 17 آگسٽ 1988ع تي جنرل ضياءَ جو جهاز تباهه ٿيو ته هن جا هڏا به مالڪن کي نه مليا.

جنرل ضياءَ جي تابوت کي ان جي گهر وارن جي سامهون رکيو ويو ته ان جا وارث فقط روئيندا ۽ پٽيندا رهيا، پر ان جو آخري ديدار ڪري نه سگهيا. ڇاڪاڻ ته قدرت ان جو اهڙو حشر ڪري ڇڏيو جو ڪوبه شخص ان جي "ميت" کي ڏسڻ لاءِ تيار نه هو. ذوالفقار علي ڀٽي پنهنجي زندگيءَ ۾ پهريون ڀيرو 12_نومبر 1968ع تي گرفتار ڪيو ويو انهيءَ ڏوهه ۾ ته عوام کي حڪومت خلاف ڀڙڪائي رهيو آهي. 5 جولاءِ 1977ع تي ملڪ ۾ جنرل ضياءَ مارشل لا نافذ ڪئي ۽ ڀٽي کي گرفتار ڪرايو 28_جولاءِ 1977ع تي ڪيس آزاد ڪيو ويو 3 سيپٽمبر 1977ع تي ڪيس ڪراچيءَ مان سندس رهائشگاهه تان گرفتار ڪيو ويو 10 ڏينهن ڪانپوءِ وري ٻيهر ڪيس آزاد ڪيو ويو. گرفتارين جو سلسلو هلندو رهيو 9_ آڪٽوبر 1977ع تي ذوالفقار علي ڀٽو جي ضمانتي درخواست رد ڪئي وئي. سپريم ڪورٽ جي فل بئنچ جو سربراهه مولوي مشتاق کي بڻايو ويو اهڙي عوامي ليڊر کي 18_ مارچ 1978ع تي ڦاسيءَ جي سزا ٻڌائي وئي، گهڻين ڪوشش ڪانپوءِ به ڀٽي صاحب کي ڪنهن به مدد نه ملي، چونڊيل وزيراعظم کي 24_فيبروري 1979ع کان 4_اپريل 1979ع تائين ڪال ڪوٺڙيءَ ۾ رکيو ويو زندگيءَ جي آخري ملاقات 3_اپريل 1979ع تي ذلفي ڀٽي سان سندس شريڪ حيات بيگم نصرت ڀٽو ۽ بينظير ڀٽو ڪئي. انهيءَ ملاقات ۾ ڀٽي صاحب نصرت ڀٽو چيو ته، "اڄ توهان ٻئي گڏ آهيو ڇا منهنجي آخري ملاقات آهي ڇا؟" انهيءَ ملاقات ۾ بلڪل ماٺار ڇانيل هئي، 4_ اپريل 1979ع جو واقعو جنرل (ر) ڪي ايم عارف به تفصيلي لکيو آهي پر ملڪ جو هيرو مقتل گاهه ۾ قوم کان موڪلايو ۽ ڳڙهي خدا بخش ڀٽو ۾ آرامي ٿي ويو.

بقايا 01

ٿي اڳهه تي خريداري کي يقيني بڻايو وڃي. منظور وساڻ سيڪريٽري زراعت، ڊپٽي ڪمشنر، ڊائريڪٽر جنرل آف زراعت ۽ زراعت جي آفيسرن کي سختي سان هدايت ڪئي ته هارين کان سرڪاري مقرر ڪيل قيمت تي ڪڻڪ خريد نه ڪرڻ وارن ڊيلرن جي خلاف ڪارروائي ڪئي وڃي. هارين کان گهٽ قيمت تي ڪڻڪ خريد ڪرڻ وارن ملز مالڪن جون ڪڻڪ جون فيڪٽريون سيل ڪيون وڃن. هن چيو ته سانگهڙ، ميرپورخاص، نوابشاهه، خيرپور ۽ ٻين شهرن مان هارين کي ڪڻڪ جو گهٽ اگهه ملڻ جون شڪايتون ملي رهيون آهن.

بقايا 02

کي ڌر بڻايو ويو آهي. اڳوڻو ڊي جي آءِ ايس آءِ فيض حميد، جج ايڊووڪيٽ جنرل (جيگ) برانچ ۽ چئني هاءِ ڪورٽن جا رجسٽرار به ڌر بڻايا ويا آهن درخواست ۾ اپيل ڪئي وئي آهي ته پي ٽي آءِ دور ۾ شهرين کي فوجي عدالتن مان ڏنل سزائون ختم ڪيون وڃن، عدالت قرار ڏئي ته عمران خان، جنرل (ر) باجوا، ليفٽيننٽ جنرل (ر) فيض اختيار اورانگهيا، عدالت قرار ڏئي ته انهن ٽنهي شخصن قانون خلاف شهرين کي اغوا ڪري رکيو درخواست ۾ موقف اختيار ڪيو ويو آهي ته 29 شهرين کي غير قانوني طور سزائون ٻڌايون ويون. اڳوڻي وزيراعظم، اڳوڻي آرمي چيف ۽ اڳوڻي ڊي جي آءِ ايس آءِ خلاف ڪارروائي ڪئي وڃي. جيگ برانچ کان 29 شهرين کي ڏنل سزائن جو رڪارڊ طلب ڪيو وڃي، هاءِ ڪورٽس جي رجسٽرارز کي به لاڳاپيل رڪارڊ عدالت ۾ پيش ڪرڻ جو حڪم ڏنو وڃي. پاڪستان آرمي ايڪٽ تحت سزائون ماڻيندڙن ۽ ٻڌائي هيٺ ڪيسن جو رڪارڊ طلب ڪيو وڃي. درخواست ۾ چيو ويو آهي ته 2020 ۾ هڪ شهري کي موت جي سزا ۽ هڪ کي 20 سال قيد جي سزا ٻڌائي وئي. ٻين جوابدارن کي فوجي عدالتن مان 5 کان 10 سالن تائين سزائون ٻڌايون ويون.

بقايا 03

پاڪستان پيپلز پارٽي ۽ سنڌ سرڪار، سوئيڊن ۾ قرآن پاڪ جي بيحرمتي جي ڀرپور مذمت ڪري ٿي. اُن ڪريل حرڪت جي سڄي دُنيا جي باشعور ماڻهن بنا ڪنهن مذهبي ۽ قومي فرق جي مذمت ڪئي آهي ۽ اُن کي ڪريل عمل قرار ڏنو آهي. اسان به اُن جي ڀرپور مذمت ڪريون ٿا. آرڪائيوز ڪامپليڪس ڪراچي ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي شرجيل انعام ميمڻ چيو آهي ته ڪراچي ۾ به لوڊشيڊنگ جو وقت وڌايو ويو آهي. جڏهن ته صوبي جي ٻهراڙي وارن علائقن ۾ وڌيڪ لوڊشيڊنگ ٿي رهي آهي، جنهن سان عوام سخت تڪليف ۾ ورتل آهي. اسان وزير اعظم پاڪستان کي گذارش ڪريون ٿا ته سنڌ جي عوام کي هن ڏکيائي کان ڇوٽڪارو ڏيارڻ لاءِ سخت نوٽيس وٺي ۽ رليف لاءِ قدم کڻڻ جا حڪم جاري ڪري. هن چيو ته ڪجهه ڏينهن کان جماعت اسلامي، سنڌ حڪومت ۽ پيپلز پارٽي خلاف ڪوڙي پروپيگنڊا ۾ لڳل آهي. جماعت اسلامي جا ووٽ اسان کان تمام گهٽ هئا. جماعت اسلامي کي پي ٽي آءِ به ووٽ نه ڏنا. پر جماعت اسلامي ڪوڙي پروپيگنڊا اسان جي خلاف ڪري رهي آهي. هن چيو ته اليڪشن ڪميشن کي گذارش آهي ته جماعت اسلامي جي الخدمت فنڊز جي استعمال جي جاچ ڪري جماعت اسلامي کي الزام تراشي ڇڏي ڀهتري جي لاءِ گڏجي ڪم ڪرڻ جي دعوت ڏيون ٿا. اچي گڏجي ويهون ۽ شهر جي مسئلن جي حل لاءِ گڏجي ڪم ڪن. هن چيو ته عيد جي ڏينهن ۾ به پيپلز پارٽي جي چونڊيل نمائندن صفائي ستراڻي جي ڪمن ۾ ڀرپور حصو ورتو. جماعت اسلامي پنهنجي برائي طرز عمل کان ٻاهر نڪري ۽ گڏجي ڪم ڪري. جماعت اسلامي کي ايم ڪيو ايم جي بائيڪاٽ جي ڪري سيٽون مليون آهن ڪين ايم ڪيو ايم جو شڪر گذار هجڻ گهرجي. شرجيل انعام ميمڻ چيو ته ڪالا تحريڪ انصاف هڪ چيف جسٽس تي بي اعتمادي جو اظهار ڪيو. جيڪا ڳالهه عدالت کي دٻاءَ ۾ آڻڻ جي ڪوشش آهي. جهڙي ريت پي ٽي آءِ پنهنجي ملڪ جي ادارن خلاف ڪوڙي پروپيگنڊا ڪئي ته هاڻي ساڳيو حربو عدليه خلاف استعمال ڪري رليف وٺڻ جي ناجائز ڪوشش ڪري رهي آهي. هن چيو ته هڪ ڪرڙو شخص جنهن سرڪاري خزاني ۽ پاڪستان جي ساک کي نقصان پهچايو، پوري دُنيا کي معلوم آهي ته عمران خان توشا خانا تي ڌاڙو هنيو آهي، پر اڄ اُن جي ڪرتوتن جي پڌرڻ جوڳو هجڻ بابت سوال اٿارڻ بدران پاڻ هڪ سواليه نشان آهي. هن چيو ته عمران خان چاهي ٿو ته ثاقب نثار کي ٻيهر اُن عهدي تي آندو وڃي، اهوئي ثاقب نثار جنهن عمران خان جي گهر کي ريگيولرائيز ڪيو. اهوئي ثاقب نثار ۽ ان جا پٽ اُن پارٽي جا ٽڪيٽ وڪرو ڪندي ڏنا ويا. شرجيل انعام ميمڻ چيو ته جڏهن اهڙا ماڻهو نيب جي چنبي ۾ ايندا تڏهن ڳالهيون ڪلنديون. ثاقب نثار جي ڄاڻ ۽ پٽڻ تي ڪيس هلائڻ جي ضرورت آهي. ڇاڪاڻ ته ثاقب نثار ۽ اُن جي ٻارن ناجائز فائدا حاصل ڪيا. هڪ سوال جي جواب ۾ هن چيو ته اسد طور هڪ احترام جوڳو يوٽيوبر آهي. اُن جي وي لاگ جي حوالي سان جيڪي ڳالهيون اچي رهيون آهن انهن تي مناسب انڪوائري ٿيڻ گهرجي. هن چيو ته ڪوبه شخص اهم ناهي ۽ ڪنهن جي خلاف جيڪڏهن لاڏلي جهڙو ٻيو اچا به اچي رهي آهي ته ڏسڻو پوندو ته ائين ڇو آهي؟ ايف آءِ اي پي ٽي آءِ خلاف انڪوائري ڇو نه ٿي ڪري. پئسا ڪٿان آيا ۽ ڪيڏانهن ويا انهن جو حساب ڪتاب ٿيڻ گهرجي، قانون ۽ آئين جي ڪتاب تي عمل ٿيڻ گهرجي. شرجيل انعام ميمڻ چيو ته تحريڪ انصاف جي سربراهه کي اڃا تائين جيڪو تحفظ ڏنو ويو آهي اهو سواليه نشان آهي. هُن قيمتي اهم ملڪيتن کي سخت نقصان رسايو ۽ سندس خلاف اڃا تائين ڪجهه ناهي ٿيو بلڪه اهڙي شخص کي ڏسي گڏ ٿو سُجي، يو چونو ڪهڙو انصاف آهي؟ هي شيون سهپ کان ٻاهر آهن. هن چيو ته پاڪستان پيپلز پارٽي چاهي ٿي ته هن ملڪ ۾ آئين ۽ قانون جي حڪمراني هُجي، اُن ۾ اسان جي ملڪ جي ڪاميابي ۽ يڪجهتي جو دارومدار آهي. اسان سڀني کي گهرجي ته گڏجي هن ملڪ جي لاءِ ڪم ڪريون. هن چيو ته اڄ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري صاحب جاپان ۾ پاڪستاني معيشت جي بهتري. گڏيل ۽ اپار ۽ نوجوانن جي لاءِ روزگار جا موقعا ڳولي رهيو آهي. هي اسان جي قيادت جو ويزن آهي. هڪ سوال جي جواب ۾ هن چيو ته تحريڪ انصاف جي چيئرمين ۽ اُن جي اڳواڻن جون وڊيوز آهن اهي ثبوت آهن ته 9 مئي بابت انهن منصوبا بندي ڪئي. هن چيو ته تحريڪ انصاف جي چيئرمين ۽ سندس خاندان اسٽريٽ بندي ۾ ڪمرن ۾ عيد گذاري ۽ سندس ڪارڪن جيلن ۾ ڪيائيون يرگي رهيا آهن هڪ سوال جي جواب ۾ هن چيو ته پيپلز پارٽي پنهنجي ماڻهن کي زوري ڪا ڳالهه چون کان ناهي روڪيندي. پارٽي ۾ اختلاف راءِ کي ٻڌو ويندو آهي. پارٽي ميرٽ تي فيصلا ڪندي آهي. جيڪڏهن ڪنهن جي دل ۾ ڪنهن جي لاءِ محبت جاڳي آهي ته اُن جو به ڪجهه سبب ٿي سگهي ٿو ته ڪجهه گهريو هُجي ۽ نه مليو هُجي. هڪ سوال جي جواب ۾ هن چيو ته پيپلز پارٽي پي ڊي ايم حڪومت ۾ اتحادي آهي. هڪ ٻئي سوال جي جواب ۾ شرجيل انعام ميمڻ چيو ته ڀارت جهڙا ملڪ پاڪستان خلاف ڪوششون ڪندا رهندا آهن. پر بلاول ڀٽو زرداري اُنهن سمورين ڪوششن کي ناڪام بڻايو. توڙي جو هُن ڀارت جي دوري دوران به پنهنجي موقف کي بيان ڪيو جنهن ۾ ڪشمير ڪليرشن يادبو ۽ ٻيا اهم موضوع شامل آهن. هڪ سوال جي جواب ۾ هن چيو ته پاڪستان دشمن قوتون پاڪستان خلاف سوشل ميڊيا کي استعمال ڪنديون رهنديون آهن. پي ٽي آءِ ڪيترن ئي ماڻهن کي سڌي ريت 19هين گريڊ ۾ نوڪري ڏني، سرڪاري وسيلن کي پنهنجي مفادن جي لاءِ استعمال ڪيو. 9 مئي تي پي ٽي آءِ منظم طريقي سان شيون هلايون. ٻاوردي پوليس وارن تي پيٽرول بم اڇليا ويا. ٻي ڪا سياسي پارٽي ائين ڪري ها ته اُن سان ڪهڙو ورتاءُ ٿئي ها. هڪ ٻئي سوال جي جواب ۾ شرجيل انعام ميمڻ چيو ته قرباني جو کلون جمع ڪرڻ تيئن بعد اُن جي رقم کي جماعت اسلامي اينڊ اليڪشن ۾ مخالف پارٽين خلاف استعمال ڪندي آهي. هڪ سوال جي جواب ۾ هن چيو ته آءِ ايم ايف سان معاهدي ڪانپوءِ هاڻي بهتري اچي رهي آهي ته عين ممڪن آهي ته قيمتون هيٺ اچن. پر حڪومت ناجائز نفعي خورن خلاف ڪارروائي ڪري پئي. هڪ سوال جي جواب ۾ هن چيو ته عوام جنهن کي به ووٽ ڏئي اُن کي مڃڻ گهرجي.

بقايا 04

سنڌ جي 36 رانديگرن سان ملاقات ڪئي، وڏي وزير جي ترجمان موجب، اسپيشل اولمپڪس جا رانديگر گرين شرٽس پهريل هئا، مراد علي شاهه رانديگرن سان هٿ ملايو ۽ حوصلا افزائي ڪئي، جڏهن ته رانديگرن جي وفد جي سربراهي اسپيشل اولمپڪس ڪوچ ارم، قمر بينش جاويد ۽ ٻيا ڪري رهيا هئا. وڏي وزير مراد علي شاهه چيو ته اسپيشل اولمپڪس جي رانديگرن کي هٿي وٺرائڻ لاءِ ضروري قدم کنداسين. جڏهن ته وڏي وزير کي آگاهي ڏني وئي ته برلن اسپيشل اولمپڪس ۾ پاڪستان 11 مختلف راندين ۾ حصو ورتو جن ۾ ايٿليٽڪس، بيڊمنٽن، باسڪٽ بال، هاڪي، ٽيبل ٽينس ۽ ٻيون رانديون شامل آهناسپيشل اولمپڪس ۾ پاڪستان جي ٽيم 10 گولڊ ميڊلز، 29 سلور ميڊلز ۽ 40 ڪنجهو جا ميڊل حاصل ڪيا

بقايا 05

جي ذميواري آهي، سفارتي پوائنٽ اسڪورنگ لاءِ دهشتگردي جي استعمال کان پاسو ڪرڻ گهرجي. هر قسم جي دهشتگردي جي مذمت ڪرڻ گهرجي. رياستي دهشتگردي ۾ معصوم ماڻهن جو قتل انتهائي مذمت جوڳو آهي. هن چيو ته عالمي برادري کي والاريل ڪشمير ۾ انساني حقن جي پامالي تي آواز اٿارڻ گهرجي. عالمي امن لاءِ ماڻهن جي بنيادي حقن کي يقيني بڻائڻو پوندو، سلامتي ڪائونسل جي ٺهرائن موجب خطي ۾ پراڻن تڪرارن جو حل ڪڍڻ گهرجي. سندس چوڻ هو ته سي پيڪ معاشي خوشحالي، امن ۽ استحڪام ۾ گيم چينجر ثابت ٿيندو، وچ ايشيا ۾ پاڪستان کي هڪ منفرد جاگرافيائي حيثيت حاصل آهي. سي پيڪ تحت خاص خاص واپاري زون قائم ڪيا پيا وڃن. ترقي يافته ملڪن کي ترقي پذير ملڪن جي ماحولياتي تبديلين کي منهن ڏيڻ ۾ مدد ڪرڻي پوندي. خطي ۾ غربت جي خاتمي لاءِ ويجهي سهڪار جي ضرورت آهي.

بقايا 06

ٿي رهيا آهيون. سياسي، قانوني ۽ پرامن طريقي سان اڳيان وڌڻ چاهيون ٿا. سوئيڊن واقعي تي عالم اسلام ۾ ڏک جي لهر ڇانيل آهي. هڪ ارب کان وڌيڪ مسلمانن جي دل آزاري جو ڪوبه جواز ڪو آهي. هن چيو ته اسان پنهنجي حڪومت ۽ اسلاموفوبيا جي نشاندهي ڪئي هئي. اسان گڏيل قومن ۾ آواز اٿاري، فيصلو ٿيو 15 مارچ تي اسلاموفوبيا خلاف سڄي دنيا ۾ هڪ زبان ٿي ڳالهيون ڪيون وينديون. مذمتي قرارداد ناڪافي آهي. اسان کي سوچڻو پوندو. ان عمل تي انٽرنيشنل لا ڇا ٿو چوي. پي ٽي آءِ اڳواڻ چيو ته حدون مقرر هجڻ گهرجن. سان اظهار جي آزادي جو خواهشمند آهيان جيڪو ڪنهن جي جان کي خطري ۾ وجهي اها ڪهڙي قسم جي اظهار جي آزادي آهي. پرامن طريقي سان جمعي جي نماز کان پوءِ اظهار ڪرڻ گهرجي. اسان پرامن ماڻهو آهيون پر ان جو ڪوبه گڏيل لائحه عمل تيار ڪيو وڃي. شاهه محمود قريشي چيو ته آءِ ايم ايف معاهدي سان ڊيفالٽ جو خطرو ٽري ويو ڇا اهو هڪ حل آهي ڪجهه مهينن کان پوءِ ڇا ٿيندو. ماضي ۾ به معاهدا ڪيا ويا جن کي آخري انجام تائين نه پهچايو ويو پي ٽي آءِ جي وائيس چيئرمين وڌيڪ چيو ته هر سياسي پارٽي لائحه عمل جي ٻاري ۾ پاڻ غور ڪندي آهي اسان سياسي، قانوني ۽ پرامن طريقي سان اڳيان وڌڻ چاهيون ٿا. پي ٽي آءِ چيئرمين مٿان ڪيس آهن اهو پاڻ عدالت ۾ حاضر ٿي رهيو آهي. منهنجي مٿان به ڪيس داخل ٿيل آهن مان به عدالت ۾ حاضر ٿي رهيو آهيان.

بقايا 07

جولاءِ، آگسٽ ۽ سيپٽمبر جي بلن تي لاڳو ٿيندو، نيپرا ڊسڪوز جي درخواست تي 24 مئي تي عوامي ٻڌائي ڪئي هئي ان کان اڳ جون تائين صارفين کان ٽه ماهي ايڊجسٽمينٽ جي مد ۾ 47 پئسا چارج ڪيا پئي ويا، نئون فيصلو ڪي اليڪٽرڪ لاءِ نه هوندو پر اهو امڪان ظاهر ڪيو پيو وڃي ته ڪراچي واسين لاءِ به بجلي مهانگي ڪئي ويندي

بقايا 08

آئي ٽي او وچ ۾ صوبي جي مختلف بئراجن ۽ ڊئمن تي واٽر اسپورٽس جي سهولتن کي هٿي وٺرائڻ سميت دو درياءَ کان پورٽ قاسم تائين فيري سروس شروع ڪرڻ تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي. وڏي وزيرچيو ته ياماها پاڪستان جي تعاون سان ڪينجهر، گڊو، سکر ۽ ڪوٽڙي بئراج تي واٽر اسپورٽس جون سهولتون تيار ڪرڻ جو وڏو اسڪوپ موجود آهي، اهي سهولتون خانگي شعبي تحت قائم ڪري سگهجن ٿيون. دورو ڪندڙ ياماها جي نمائندن وڏي وزير کي ٻڌايو ته ٽرانسپورٽ جي سهولتن ۽ تفريح لاءِ دو درياءَ کان پورٽ قاسم تائين فيري سروس قائم ڪري سگهجي ٿي وڌيڪ چيو ته سنڌن WAVERUNNERS بهترين راند آهي.

بقايا 09

مقابلي ۾ چونڊ وڙهندڙ پ پ جي عبدالمجيد ۽ ن ليگ جي راڻا فرمان علي ڊگري کي اليڪشن ڪميشن کي چئلينج ڪيو هو. جنهن تي چيف اليڪشن ڪمشنر وڏي وزير کي نوٽيس جاري ڪيو هو گلگت بلتستان جي وڏي وزير اليڪشن ڪميشن جي نوٽيس کي عدالت ۾ چئلينج ڪيو هو. جنهن تي چيف ڪورٽ جي چيف جسٽس 3 ججن تي ٻڌل لارجر بئنچ جوڙي هئي. جنهن ڪيس جي روزجي بنياد تي ٻڌائي ڪئي هئي. گلگت بلتستان جي وڏي وزير جي ڊگري لنڊن جي هئي ۽ ڪيس جي بي بار ڪائونسل وڪالت جو لائسنس جاري ڪيو هو پر لنڊن جي يونيورسٽي طرفان ڊگري جي تصديق نه ڪئي وئي هئي. جسٽس عنايت، جسٽس جوهر ۽ جسٽس مشتاق تي ٻڌل 3 رڪني لارجر بئنچ روزجي بنياد تي ڪيس جي ٻڌائي ڪئي هئي. ان ڪيس ۾ هائير ايجوڪيشن ڪميشن، جي بي بار ڪائونسل ۽ جي بي حڪومت سميت 6 ڌريون شامل هيون. جڏهن ته سينيئر وڪيلن عدالت جي مدد ڪئي. عدالت اڄ ٻڌائي مڪمل ڪري ڪجهه دير جو وقفو ورتو پوءِ عدالت پنهنجو فيصلو ٻڌائيندي خالد خورشيد کي نااهل قرار ڏئي ڇڏيو

بقايا 10

پئسا لاٿ ٿي، جنهن ڪانپوءِ ڊالر 277 رپين 78 پئسن ۾ وڪرو ٿيو ڪاروبار دوران ڊالر جي قدر ۾ وڌيڪ لاٿ ٿي ۽ ڊالر مجموعي طور تي 10 رپيا 43 پئسا سستو ٿي 275 رپين 56 پئسن جو ٿي ويو ڪاروبار جي پڄاڻي تي انٽر بئنڪ ۾ ڊالر 10 رپيا 55 پئسا سستو ٿي 275.44 رپين جو ٿي ويو هوڏانهن اوپن مارڪيٽ ۾ ڊالر 10 رپيا سستو ٿي 280 رپين جو ٿي ويو آهي.

بقايا 11

ٿيندو، وزيراعظم شهباز شريف جي صدارت هيٺ اهم اجلاس ٿيو جنهن ۾ سوئيڊن ۾ قرآن پاڪ جي بي حرمتي جي معاملي تي غور ڪيو ويو اجلاس ۾ فيصلو ڪيو ويو ته 7 جولاءِ (جمعي) تي سڄي ملڪ ۾ يوم تقدس قرآن ملهايو ويندو ۽ سوئيڊن واقعي خلاف سڄي ملڪ ۾ احتجاج ٿيندو وزيراعظم شهباز شريف سڀني سياسي، مذهبي جماعتن ۽ قوم کي احتجاج ۾ شرڪت جي اپيل ڪندي چيو آهي ته سڄي قوم هڪ ٿي شيطاني ذهن کي پيغام ڏئي. جمعي تي سڄي ملڪ ۾ سوئيڊن واقعي جي مذمت ۾ احتجاجي ريليون ڪڍيون وڃن.

بقايا 12

جو آرڊر جاري ڪري ڇڏيو صادق سنجراڻي ججن جي پگهارن جو آرڊر 2023 جاري ڪيو. جنهن ڪانپوءِ چيف جسٽس آف پاڪستان جي پگهار 12 لک 29 هزار 189 رپيا ماهوار هوندي. جڏهن ته سپريم ڪورٽ جي جج جي پگهار 11 لک 61 هزار 163 رپيا ماهوار هوندي. ججن جي پگهارن بابت صدارتي آرڊر تي قانون ۽ انصاف واري وزارت وضاحت جاري ڪئي آهي. جنهن ۾ ٻڌايو ويو آهي ته ججن جي بنيادي پگهارن ۾ 20 سيڪڙو واڌ ڪئي وئي آهي. وزارت موجب صدارتي آرڊر 2023 تحت چيف جسٽس جي پگهار ۾ 4 لک 4 هزار 885 رپيا ۽ ٻين ججن جي پگهارن ۾ هڪ لک 93 هزار 527 رپيا واڌ ٿي آهي.

بقايا 13

۽ ٻرپاسي ۾ برسات سبب موسم خوشگوار ٿي وئي، برسات ۽ ٿڌين هوائن سبب موسم وڌيڪ ٿڌو ٿي وئي تيز برسات سبب ڏوراهين علائقن جي ندي نالن ۾ چاڙهه جي ڪيفيت آهي. تيز برسات سبب مختلف هنڌن تي وڻ ڪرڻ سبب ڪيترن ئي علائقن ۾ بجلي جي سپلاءِ متاثر ٿي آهي. گذريل شام هڪ گاڏي تي وڻ ڪرڻ سبب چار سياح زخمي ٿي پيا. برساتن جي الرٽ سبب ريسڪيو 1122 جون ٽيمون مختلف هنڌن تي هاءِ الرٽ آهن ٻئي طرف لاهور ۾ برساتن جي شروعات کان پوءِ گذريل رات شهر ۾ ٿيندڙ برسات سبب گرمي جي شدت ۾ گهٽتائي ٿي آهي. طوفاني برسات سبب هيٺاهين وارن علائقن ۾ پاڻي جمع ٿي ويو تيزطوفان ۽ برسات سبب هڪ هوٽل جي ڇت ڪري پئي هن وقت شهر جو گرمي پد 29 ڊگري رڪارڊ ڪيو پيو وڃي، موسميات کاتي موجب برسات جو اهو سلسلو 5 جولاءِ تائين وقفي وقفي سان جاري رهندو.

بقايا 14

احمد چيو ته ملڪي معيشت کي ڪيترن ئي چئلينجن کي منهن ڏيڻو پيو. پاڪستاني بئنڪنگ قانون جديد گهرجن سان مطابقت رکي ٿو گورنر اسٽيٽ بئنڪ جو چوڻ آهي ته اسٽيٽ بئنڪ هڪ آزاد ۽ خودمختيار ادارو آهي. اسان جو ڌيان پائيدار معاشي ترقي تي آهي هن چيو ته اسٽيٽ بئنڪ جو نگران فريم ورڪ مضبوط آهي. اسان جو گهڻو ڌيان ٽيڪنالاجي تي آهي. اسان جو فوڪس آٽوميشن تي به آهي، آٽوميشن وقت بچائي ٿي هن جو چوڻ آهي ته اسٽيٽ بئنڪ جون 16 هزار کان وڌيڪ برانچون ڪم ڪري رهيون آهن. اسان جون مختلف اسڪيمون مختلف شعبن کي فنانسنگ فراهم ڪري رهيون آهن. جديد ٽيڪنالاجي جي مدد سان ماڻهو گهر ويهي پنهنجو کاتو سنڀالي سگهن ٿا. جميل احمد چيو آهي ته اسٽيٽ بئنڪ مختلف ڊگهي مدي واريون اسڪيمون متعارف ڪرايون آهن. جديد ٽيڪنالاجي استعمال ڪري وقت جي بچت ۽ صارفين کي سهولت فراهم ڪئي پئي وڃي. ڪسٽمر ڊيٽا کي سينٽرلائيز ڪيو پيو وڃي، اسٽيٽ بئنڪ جي گورنر جو اهو به چوڻ هو ته شريعت ڪورٽ جي حڪم تي شرعي فنانسنگ ۾ واڌ ڪئي پئي وڃي. اسٽيٽ بئنڪ هاءِ ٽيڪ تي ڌيان ڏيندو. سائبر سڪيورٽي تي به اسان جو ڌيان آهي. تاريخي ڏينهن جي حوالي سان 75 رپين جو نوٽ جاري ڪيو پيو وڃي.

بقايا 15

گهربل هوندي. ريٽنگ ايجنسين جو چوڻ آهي ته پاڪستان کي هلندڙ مالي سال ۾ 25 ارب ڊالر قرض جي ادائيگي ڪرڻي آهي. جيڪڏهن ڪرنٽ اڪائونٽ خسارو ٻيهر وڌيو ته آءِ ايم ايف فنڊنگ ڪافي نه هوندي. پاڪستان آءِ ايم ايف معاهدي لاءِ ٽيڪسن ۾ واڌ ڪئي ۽ خرچ گهٽايا، پاڪستان معاهدي لاءِ وياج جي شرح وڌائي تاريخ جي بلند سطح تي ڪري ڇڏي، موديز جو چوڻ آهي ته 9 مهينن جي پروگرام ۾ پاڪستان کي آءِ ايم ايف جو مڪمل 3 ارب ڊالر فنڊ ملڻ غير يقيني آهي. پاڪستان جي ٿئين آءِ ايم ايف پروگرام ۾ وڃڻ جي ڳالهه چونڊن ڪانپوءِ ئي واضح ٿيندي.

بقايا 16

معاشي طور استحڪام ملڪ جي سمورن صوبن کي برابري جي بنياد حق ڏيڻ سان آهي. سنڌ کي قدرت انيڪ نعمتن سان مالا مال ڪيو آهي پر افسوس جو ان شاهوڪار ڌرتي جا وارث هڪ ويلي جي ماني جي لاءِ پريشان آهن. بک بيروزگاري ۽ بدحالي سبب مسڪين پورهيت ماڻهن جو جيئڻ جنجال بڻجي چڪو آهي. ڊاڪٽر قادر مگسي چيو ته سنڌ اندر مختلف پراجيڪٽ ۾ مقامي ماڻهن کي روزگار ڏيڻ جو شرط لڳايو وڃي ۽ سنڌ جي آمدني کي سنڌ جي بنيادي سهولتن تي خرچ ڪيو وڃي ته جيئن عام ماڻهن کي روزگار سان گڏ صحت، پيئڻ جو صاف پاڻي، تعليم ۽ ٻين بنيادي ضرورتن کي پورو ڪيو وڃي. سنڌ اندر جيڪا هن وقت بک بدحالي بيروزگاري، بدامني ۽ منشيات جو ڪاروبار ٿي رهيو آهي اُن ۾ پ پ پ جو اهم ڪردار آهي جيڪا مسلسل سنڌي ماڻهن جي ووٽ تي اقتدار ۾ ايندي رهي آهي پر ان سواءِ ڪرپشن، لٽ مار ۽ سنڌ دشمن فيصلن جي ٻيو ڪجهه ناهي ڏنو ڊاڪٽر قادر مگسي چيو ته سنڌ ۾ ڌارين آبادڪاري کي هڪ منظم سازش تحت آباد ڪيو پيو وڃي. افغان پناهگيرن کي مدو پورو ٿيڻ جي باوجود سندن وطن واپس نه موڪليو پيو وڃي. افغانستان جون حالتون هاڻ بهتر ٿي چڪيون آهن هاڻي افغان پناهگيرن کي واپس پنهنجي وطن افغانستان موڪليو وڃي. ايندڙ اليڪشن ۾ سڄي سنڌ اندر پ پ سان پورهيت طبقي ۽ سنڌ دوست ڌرين سان گڏجي مقابلو ڪنداسين ۽ پ پ کي سنڌ ۾ ٽف ٽائيم ڏنو ويندو. ايس ٽي پي جي چيئرمين چيو ته سنڌ جي ماڻهن کي هاڻي سجاڳ ٿيڻ گهرجي ۽ سنڌ جي دوست ۽ دشمن جو تعين ڪري پنهنجي ووٽ جو صحيح استعمال ڪرڻ گهرجي. اجلاس ۾ ايس ٽي پي جي مرڪزي اڳواڻ حيدر ملاح، ڊاڪٽر سومار مگريو، عاشق سولنگي، امتياز سمون، نثار ڪيريو، ڊاڪٽر عبدالحميد ميمڻ، هوت خان گاڏهي، ڊاڪٽر احمد نوناري، چاڪر شوڪت ابڙو، گوتم چنا، ڊاڪٽر مظهر ميمڻ، اعجاز سنڌي ۽ ٻين شرڪت ڪئي.

بقايا 17

آهي ته هر مذهب رواداري، مذهبي آزادي ۽ هڪٻئي جي ڪتاب جي احترام جو درس ڏئي ٿو سوئيڊن ۾ قرآن پاڪ جي بي حرمتي سڄي دنيا جي مسلمانن جي مذهبي جذبن کي مجروح ڪيو آهي. هن چيو ته پاڪستان ۾ اهڙي واقعي جي حڪومت سميت هر ماڻهو سخت مذمت ڪري ٿو ۽ ان واقعي ۾ ملوث عنصرن خلاف فوري ڪارروائي پڻ ڪئي ويندي آهي. پر سوئيڊن جي حڪومت اڃا تائين ان ناقابل برداشت واقعي جي مذمت نه ڪئي آهي ۽ نه ئي ان تي معافي گهري آهي. هي رويو ناقابل برداشت آهي. هن چيو ته ان واقعي خلاف سمورا ماڻهو هڪ پيج تي آهن ۽ هر ڪو ان واقعي ۾ ملوث ماڻهن کي سخت سزا ڏيڻ جو مطالبو ڪري رهيو آهي. هن چيو ته هندو برادري پاران قرآن پاڪ جي بي حرمتي جي سخت لفظن ۾ مذمت ڪجي ٿي ۽ سنڌ حڪومت پاران سخت احتجاج ڪيو پيو وڃي.

بقايا 18

هنڌن تي پهچ وڌيڪ گهٽ ڪرڻ لاءِ اختيارين سڄي ملڪ ۾ هڪ مهيني اندر بيوٽي سيلون بند ڪرڻ جو حڪم ڏنو آهي افغان طالبان جو چوڻ آهي ته سڄي ملڪ ۾ عورتن کي بيوٽي پارلر بند ڪرڻ لاءِ هڪ مهيني جو وقت ڏنو ويو آهي.

بقايا 19

گريڊ گهٽتائي اچي سگهي ٿي هن ٻڌايو ته هن وقت سامونڊي هوائون گهلي رهيون آهن پر انهن جي رفتار گهٽ آهي. سامونڊي هوائن جي بحالي سان گرمي پد گهٽجي سگهي ٿو سندس چوڻ هو ته ڪراچي ۾ 7 کان 8 جولاءِ دوران ڪٿي هلڪي ته ڪٿي وچولي درجي جي برسات پئجي سگهي ٿي، جڏهن ته 9 جولاءِ تي ڪجهه علائقن ۾ تيز برسات جو به امڪان آهي. سردار سرفراز چيو ته چوماسي جو سسٽم هن وقت سينٽرل انڊيا ۾ موجود آهي. جڏهن ته سنڌ ۾ چوماسي جون هوائون 6 جولاءِ جي رات يا 7 جولاءِ جي صبح کان داخل ٿي سگهن ٿيون.

بقايا 20

طرفان جاري ڪيل بيان ۾ چيو ويو آهي ته اسٽيٽ بئنڪ قائم ٿيڻ کي 75 سال مڪمل ٿيڻ تي 75 رپين جو يادگاري نوٽ عام ماڻهن لاءِ اسٽيٽ بئنڪ آف پاڪستان جي سڀني آفيس ۽ ڪمرشل بئنڪن جي برانچن ۾ موجود آهي ۽ ان کي هر قسم جي ڏي وٺ لاءِ استعمال ڪري سگهجي ٿو واضع رهي ته ان کان اڳ پاڪستان جي آزادي کي 75 سال مڪمل ٿيڻ تي به اسٽيٽ بئنڪ 75 رپين جي ماليت جو يادگاري نوٽ جاري ڪيو هو پر هن ڀيري جاري ڪيل نوٽ جي ڊيزائن مختلف آهي. جڏهن ته ٻئي ڪرنسي نوٽ عوامي ڏي وٺ لاءِ استعمال ڪري سگهجن ٿا.

بقايا 21

واقعي ۾ ٻار به زخمي ٿيا. پوليس جو چوڻ آهي ته جوابدارن کي گرين هٿيارن سميت گرفتار ڪيو ويو آهي. واقعي جي جاچ جاري آهي. فوري طور تي جوابدار جي ان قدم جا ڪارڻ سامهون ناهن اچي سگهيا. هيو واقعو ٽيڪساس رياست جي شهر فورٽ ورٿ ۾ پيش آيو. جتي فائرنگ جي نتيجي ۾ 3 ڄڻا مارجي ويا. جڏهن ته 8 ڄڻا زخمي ٿي پيا. رپورٽن موجب فائرنگ وقت پارڪنگ ايريا ۾ پارٽي هلي رهي هئي. جنهن ۾ ڪيترائي ماڻهو موجود هئا.

بقايا 22

ڪالوني جي الاٽين جي آبادڪاري لاءِ ترقياتي ڪم شروع ڪرڻ بابت آگاهي ڏني ۽ 700 نون ميمبرن لاءِ پلاٽن جي سمري تي بريفنگ ڏني، چيف سيڪريٽري سنڌ ڊاڪٽر محمد سهيل راجپوت ڊپٽي ڪمشنر ڪيماڙيءَ کي حڪم ڏنو ته فوري طور ليڙي ڊولهمينٽ اٿارٽي بلاڪ 68 جي حدبندي شروع ڪئي وڃي ۽ زمين جو مڪمل قبضو ڪراچي پريس ڪلب حوالي ڪيو وڃي، هن صحافي ڪالوني هاڪس بي ۽ نيو ملير هائوسنگ اسڪيم بلاڪ 12 ۾ ترقياتي ڪم جلد کان جلد شروع ڪرڻ جو يقين ڏياريس ڪراچي پريس ڪلب جي سيڪريٽري شعيب احمد چيف سيڪريٽري سنڌ ڊاڪٽر محمد سهيل راجپوت پاران ڪراچي پريس ڪلب ۽ صحافي برادري سان هر موقعي تي ڀرپور تعاون ڪرڻ تي شڪريو ادا ڪيو ۽ ڪيس ڪراچي پريس ڪلب اچڻ ۽ پريس ڪلب جي ميمبرن سان ملڻ جي دعوت ڏني جيڪا هن خوشيءَ سان قبول ڪئي.

بقايا 23

ٽرائل ڪورٽ موڪلي ڇڏيو ۽ ٽرائل ڪورٽ کي پي ٽي آءِ چيئرمين جي وڪيل جي دليلن تي ٻيهر فيصلو ڪرڻ جو حڪم ڏنو آهي عدالت فيصلو ٻڌايو آهي ته ٽرائل ڪورٽ 7 ڏينهن ۾ توشا خانا ڪيس ۾ تحريڪ انصاف چيئرمين جي درخواست تي فيصلو ڪري، ٽرائل ڪورٽ جي فيصلي ۾ پي ٽي آءِ چيئرمين جي درخواست رد ڪئي وئي هئي. درخواست ۾ چيو ويو هو ته سيشن ڪورٽ توشا خانا ڪيس ۾ فوجداري ڪارروائي جو ڪيس هلائي رهي آهي. اهو ڪيس ٻڌڻ جوڳو ئي ناهي. ٽيڪنيڪي بنيادن تي اهي اعتراض اٿاريا ويا هئا ته اليڪشن ڪميشن اها شڪايت داخل ڪرائي. جڏهن ته اها مجاز اٿارٽي ناهي، جيڪڏهن مجاز اٿارٽي شڪايت داخل ڪرائي ته ئي سيشن ڪورٽ کي ٽرائل جو اختيار هوندو آهي.

بقايا 24

حويلي نئنهوالي ۾ پيش آيو جتي جوابدار سعيد غيرت جي نالي تي پنهنجي ڀيڻ ڏيڪسن ناديه ۽ الشبا کي فائرنگ ڪري قتل ڪري ڇڏيو پوليس جو چوڻ آهي ته واقعي ڪانپوءِ جوابدار فرار ٿي ويا، جوابدار خلاف ڪيس داخل ڪري ڳولا شروع ڪئي وئي آهي. جڏهن ته ٻنهي ڀينرن جا لاش پوسٽ مارٽم لاءِ اسپتال منتقل ڪيا ويا

بقايا 25

جي چونڊ لاءِ پارلياماني بورڊ بنائڻ جو فيصلو ڪري ورتو آهي. پارلياماني بورڊ اميدوارن جي نالن کي حتمي شڪل ڏئي. منظوري جي لاءِ پارٽي پيٽرن انجنيئر جهانگير ترين ۽ صدر آءِ پي پي عبدالعليم خان کي ڏيندو ذريعن موجب آءِ پي پي پارلياماني بورڊ جي پهرين ترجيح پارٽي ۾ شامل ٿيندڙ پارليامينٽيرينز هوندا. پارٽي جي رجسٽريشن مڪمل ٿيڻ کان پوءِ جولاءِ جي ٽئين هفتي ۾ اميدوارن کان درخواستون طلب ڪيون وينديون.

بقايا 26

موجب طلبي جو نوٽيس چيئرمين پي ٽي آءِ جي رهائشگاهه تي چسپان ڪيو ويو آهي. اينٽي ڪرپشن ترجمان جو چوڻ آهي ته زمين اسڪينڊل ۾ پي ٽي آءِ چيئرمين جي ملوث هجڻ جا ثبوت مليا آهن ترجمان اينٽي ڪرپشن جو چوڻ آهي ته عدم تعميل يا غير حاضري جي صورت ۾ چيئرمين پي ٽي آءِ خلاف ڪارروائي ڪئي ويندي. اينٽي ڪرپشن موجب چيئرمين پي ٽي آءِ جي ڀيڻ عظميٰ خان ۽ سندس مڙس احد مجيد ٻوني جي شهرليه ۾ 5 هزار 182 ڪنال زمين خريد ڪئي هئي، ان زمين جي موت 2022ع ۾ رجسٽرڊ ٿي هئي. گذريل مهيني ان سلسلي ۾ اينٽي ڪرپشن ڊي جي خان ۾ ڪيس داخل ڪيو ويو هو.

بقايا 27

ولي، چيو ويو ته نيشنل گرڊ مان بجلي وٺڻ جي ضرورت ناهي، مينٽيننس جي نالي تي ڪوڙ ڳالهائڻ لوڊشيڊنگ ڪان فري علائقن ۾ به بجلي بند ڪئي پئي وڃي. حافظ نعيم الرحمان جو چوڻ آهي ته شهر ۾ هن وقت بدترين لوڊشيڊنگ ٿي رهي آهي. شهدادڪوٽ مان بجلي جي ڪوٽ جون شڪايتون مليون آهن. ڪراچي ۾ ميٽر قبضو ڪري ورتو آهي. ٿرپارڪر ۾ ڪالرا جي وبا پکڙجي رهي آهي. صنعتون تباهه ٿي رهيون آهن. حالت ته خراب آهي. امير جماعت اسلامي ڪراچي چيو ته ڪي اليڪٽرڪ جو لائسنس منسوخ ڪيو وڃي. فرانزڪ آڊٽ ڪرايو وڃي. فيول ايڊجسٽمينٽ جا چارج به عوام کي ادا ڪرڻ گهرجن. مڪاني ادارن وارو نظام حڪومتن کان نه ٿو سکيو ته ڪي اليڪٽرڪ جو نظام آهي. ٻاهرين ملڪن جا مثال ڏيو هن وڌيڪ چيو ته اوهان سنڌ ۾ ڇوڪرين کي تعليم نه پيا ڏئي رهيا آهيو. قبضي کي قبضو چئبو. مردم شماري ڪئي گم ٿي وئي آهي. اسان چيو هو ته اسٽيڪ هولڊرز تي مشتمل ڪميٽي جوڙي وڃي. لاڙڪاڻي جي آبادي تي وڌيڪ ڌيان ڏنو وڃي. ته ڪين وڌيڪ ووٽ مليا. هن اهو به چيو ته لاڙڪاڻي ۾ تعليم، بجلي ۽ صحت جون سهولتون نه ڏنيون پيون وڃن. ڏيڍ ڪروڙ جي آبادي ڪاٿي وئي، آدمشماري جي نالي تي خيانت ڪئي پئي وڃي.

بقايا 28

دوران نانگن جي ڪاچ کان متاثر 60 ڄڻن کي اسپتال آندو ويو آهي، جن ۾ ٻار ۽ عورتون به شامل آهن ٿرپارڪر ۾ برساتن ڪانپوءِ نانگن جي ڏنگ ڪرڻ جي واقعن ۾ تيزي سان اضافو ٿي ويو آهي. اسلام ڪوٽ اسپتال جي ايم ايس ڊاڪٽر عبدالستار لنجو موجب گذريل 3 ڏينهن دوران 60 نانگن جا مريض اسپتال ۾ علاج لاءِ آيا آهن هن اهو به ٻڌايو ته نانگ جي ڪاچ جي سمورن مريضن کي طبي امداد فراهم ڪئي وئي آهي.

بقايا 29

ٿو ته ڪشمور ڪنڌڪوٽ ضلعي مان هندو برادري جي لڏ پلاڻ ڏسي دلي افسوس ٿيو. هندو سنڌ جا اصل وارث آهن

بقايا 30

آئس ڪريم کائڻ لاءِ گهر کان ٻاهر نڪتيون هيون. ڪيس داخل ڪيو ويو آهي. ڪيس ۾ ڇوڪرين کي اغوا ڪرڻ جون شقون شامل ڪيون ويون آهن پوليس موجب ٽنهي ڄڻن کي گلشن اقبال مان هٿ ڪيو ويو. واقعي جي وڌيڪ جاچ ڪئي پئي وڃي.

بقايا 31

گوٺ پير مگيو ۾ ڪڻڪ جي گودام تي ڇاپو هنيو ويو ٽيم گودام تي ڇاپوهڻي مٽي ۽ ٻهه سان ڀريل 7786 ٻوريون هٿ ڪري ورتيون آهن. جڏهن ته ڇاپي دوران فوڊ سپروائيزر ٻهادر ميراڻي ۽ ٻيا ملازم فرار ٿي ويا. ٻڌايو پيو وڃي ته فوڊ سپروائيزر ڪڻڪ وڪڻي ٻورين ۾ مٽي ۽ ٻهه ڀري رکي ڇڏيو هو. ڪڻڪ جي ماليت 6 ڪروڙ رپين کان وڌيڪ ٻڌائي پئي وڃيڇاپو هڻندڙ ٽيم مٽي ۽ ٻهه سان ڀريل ٻوريون پنهنجي تحويل ۾ وٺي ڇڏيون آهن

بقايا 32

اعظم جڏهن ته پٺيان فاطمه جناح جي تصوير موجود آهي، جڏهن ته نوٽ تي متبادل توانائي جي اهميت اجاگر ڪرڻ لاءِ ونڊ مل ۽ سولر پينل ڏيکاريا ويا آهن. =

بقايا | سنڌيار | 01

چيو آهي ته ٽن سالن کان کيهڪي شاخ جي ڪاٽي نه ٿيڻ ڪري پاڻي پوڇڙ ۾ نه ٿو پهچي پاڻي پوڇڙ تائين نه پهچڻ ڪري اسان جون سرسبز شاداب زمينون بنجر بڻجي ويون آهن اسان جي سارين جو بيجارو سڙي رک ٿي ويو آهي سوين ايڪڙن تي بيٺل ڀيو فصل به پاڻي نه هئڻ ڪري سڙي تباهه ٿي ويو آهي هڪ پاسي پاڻي جي کوٽ آهي ته وري ٻئي پاسي جيڪڏهن واري جو پاڻي ملي ٿو ته اهو به پوڇڙ تائين نه ٿو ٿئي هن ڳڻ هوند کيهڪي شاخ کي بااثر ماڻهو پنهنجي ذاتي جاگير سمجهيو ويٺا آهن شاخ کي وڏا ڳنڍا هڻي لفٽ مشينون رکي ڇڏيون اٿن جيڪي غير قانوني مڇي جا تلاءَ پري رهيا آهن شاخ کي ڳنڍا هڻڻ ڪري اسان جي زمينن تي پاڻي نه ٿو پهچي ايريگيشن سب ڊويزن ٺٽو جي عملدارن جي ملي ڀڳت سان بااثر ماڻهو شاخ کي غير قانوني ڳنڍا هنيو ويٺا آهن ۽ شاخ مٿان غير قانوني مشينون هلي رهيون آهن کيهڪي شاخ تي مقرر بيلدار داروغا پاڻي وڪرو ڪري رهيا آهن هنن چيو ته اسان وٽ پاڻي نه پهچڻ ڪري اسان جو چوپايو مال پڻ اڄ مري رهيو آهي ته ٻئي پاسي وري اسان وٽ پيئڻ لاءِ پاڻي به ميسر ناهي اسان جون زمينون سڪي ٽوٽ ٿي ويون آهن لکين روپين جو ساريال جو بيجو سڙي ويو آهي هنن چيو ته هر سال اسان زميندار پاڻ ۾ ڦوڙي ڪري شاخ جي ڪاٽي ڪرائيندا آهيون جڏهن ته ايريگيشن عملدار اچڻ جي زحمت ئي نه ڪندا آهن بااثر زميندارن ايريگيشن عملي جي ملي ڀڳت سان شاخ جا بندر ڪوٽائي زمينون آباد ڪري ڇڏيون آهن ڳوٺاڻن جا لنگ بند ڪيا ويا آهن هنن چيو ته هن شاخ تي مقرر بيلدار عبدالله ڪاتيار شاخ کي پنهنجي ذاتي جاگير سمجهيو ويٺو آهي سندس پاءُ اسماعيل ڪاتيار شاخ کي ڳنڍو هڻي غير قانوني مشينون رکي پنهنجا تلاءَ پري رهيو آهي اسان کي ٽن مهينن کان پاڻي نه مليو آهي هنن چيو ته اسان آبپاشي کاتي جي صوبائي وزير، انجنيئر ايريگيشن ٺٽو ۽ ڊي سي ٺٽو کان مطالبو ٿا ڪريون ته فورن تي نوٽيس وٺي کيهڪي شاخ تان بااثر ماڻهن جو قبضو ختم ڪرايو وڃي غيرقانوني پائپ ڪٽندڙن ۽ مشينون هلائيندڙن خلاف ۽ شاخ کي ڳنڍا هڻندڙن بااثر زميندارن خلاف قانوني قدم کڻي ڪيس داخل ڪيو وڃي شاخ جي ڪاٽي ڪرائي ڏني وڃي ۽ ٽيل تائين پاڻي پهچايو وڃي ٻي صورت ۾ اسان عدالت جو در کڙڪائينداسين

بقايا | سنڌيار | 02

۾ حڪومت جي اجازت سان اسلام مخالف انتها پسندن پاران قرآن پاڪ جي بي حرمتي ۽ ساڙڻ جي ڪوشش خلاف سڄي دنيا جا مسلمان سراپا احتجاج آهن. ان افسوسناڪ واقعي ۽ سويڊن حڪومت خلاف پاڪستان جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ احتجاج جاري آهي. جماعت اهلسنت ۽ ملير جي علماءِ ڪرام پاران علامه ڊاڪٽر سيد عبدالوهاب قادري جي اڳواڻي ۾ ملير قائد پارڪ ۾ احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو. جنهن ۾ مولانا محمد عدنان الاهي، مولانا محمد عرفان نقشبندي، مولانا حسن عظيم قادري، مولانا ناصر ميمڻ، مولانا نصير ميمڻ ۽ ٻين شرڪت ڪئي. حسين نعيمي، مولانا محمد فيضان قادري، مولانا محمد اويس عظيم قادري، مولانا محمد اسامه رضوي، مولانا محمد سهيل قاسمي، مولانا محمد آفتاب قادري، مولانا ارقم مصطفيٰ اعظمي، صوفي عبدالرق رهبري، سماجي اڳواڻ زاهد رحيم، حافظ محمد وقاص، اسڪائوٽ اڳواڻ محمد سميع، بلال موري K. کان علاوه مسجدن جي امامن، خطيبن ۽ ماڻهن جي وڏي انگ شرڪت ڪئي. علامه سيد عبدالوهاب قادري پنهنجي خطاب ۾ اسلام دشمن يهودين ۽ عيسائين جي ان شرمناڪ ۽ افسوسناڪ واقعي جي سخت لفظن ۾ مذمت ڪئي ۽ چيو ته اها انهن جي هڪ وڏي سازش آهي. مسلمانن کي گهرجي ته هو ان جو اهڙو جواب ڏين ته جيئن هو ان جو جواز پيدا ڪري سگهن. مسلمانن جي خلاف اسلامي ملڪن جي بي حس حڪمرانن جي اهڙي رويي جي سخت لفظن ۾ مذمت ڪيون ٿا. ڪيس هڪ شخص جي حيثيت ۾ واپس موڪليو وڃي. سويڊن سان سيني واپاري معاهدن جو خاتمو. حڪومت کي گهرجي ته هن معاملي کي فوري طور گڏيل قومن ۾ اٿاري. آخرڪار، هي پرچم سويڊن جي حڪومت جي خلاف نفرت جي اظهار طور ساڙيو ويو پير عبدالرزاق به محبوب اسلام جي سربلندي، پاڪستان ۾ مصطفيٰ صلي الله عليه وآلہ وسلم جي فرمانبرداري، امت مسلمه جي اتحاد، پاڪستان جي استحڪام، امن ۽ پائيداري جي لاءِ دعا به ڪئي.

بقايا | سنڌيار | 03

ان کان اڳ باهه سبب سڙيل رٽائرڊ استاد ظهور عرف زخمي ٿيڻ ۾ ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته هن مهانگائي جي دؤر ۾ جيئڻ زهر ٿي ويو آهي. گهر جا حالات خراب آهن. دل نٿي چوي ته هن دنيا ۾ جيئرو رهان. هوڏانهن بيروزگاري سبب رٽائرڊ استاد پاران پاڻ کي ڏنل باهه واري واقعي جو ڪانوءِ ڪنهن به چونڊيل نمائيندي يا سجاول جي ضلع انتظاميا ڪوبه نوٽيس ناهي ورتو

بقايا | سنڌيار | 04

جوکيو ڳوٺ، بهارا بندجا محلا، ٻڙيجا محلا، زرگر محلا، فقير محلا، حيدري محلا، چنا محلا، مالهه محلاءِ ٻين پاڙن کي پيئڻ جو پاڻي فراهم ڪيو وڃي ٿو جنهن ڪري هن وقت گندو گندو پاڻي ماڻهن کي پيئڻ لاءِ وڃي رهيو آهي، جنهن سبب ذڪر ڪيل ڳوٺن ۾ دستن، الٽي ۽ چمڙيءَ جي بيمارين وڪڙي غريب عوام جي زندگي اجيرن ٿي وئي آهي. جنهن ڪانيو 2009ع کان پوءِ اهڙي صورتحال پيدا ٿي هئي. ان کي آخري ڀيرو 2016ع ۾ صاف ڪيو ويو هو. 7 سال گذري ويا آهن ان جي صفائي نه ٿي آهي. جنهن سبب مين لائين مان پيئڻ جو پاڻي صحت لاءِ نقصانڪار آهي. جنهن ڪري وڌيڪ موت ۽ انساني جانيون ضايع ٿيڻ جو خدشو آهي. شور مچائڻ جو ڪهڙو فائدو. گڏاب ٽائون انتظاميا کي هاڻي ايڪشن وٺڻ گهرجي. تلاءَ کي مڪمل صاف ڪرايو وڃي. مين لائين کي به صاف ڪرايو وڃي. سيوريج جو گندو پاڻي لائين مان ڪڍي عوام کي بيمارين کان بچايو وڃي. گڏاب ٽائون واٽر سپلاءِ اسڪيم جي انچارج خلاف قانوني ڪارروائي ۽ سخت احتجاج ڪرڻ جو حق رکنداسين.

بقايا | سنڌيار | 05

ميراڻي ۽ ٻيا ملازم فرار ٿي ويا ٻڌايو پيو وڃي ته ڦود سپروائيزر ڪٽڪ وڪرو ڪري ٻورين ۾ مٽي ۽ ٻهه ڀري رکي ڇڏيو هو وڪرو ڪيل ڪٽڪ جي ماليت 6 ڪروڙ رپين کان وڌيڪ ٻڌائي پئي وڃي جاچ هلندڙ ٽيم مٽي ۽ ٻهه سان ڀريل ٻورين پنهنجي تحويل ۾ وٺي ڇڏيون آهن

بقايا | سنڌيار | 06

سرتاج سومرو، اسد الله جروار ۽ ٻين ڪئي. لاڙڪاڻو رتوديرو، باقراڻي ۽ ڏوڪري تعلقن جا اميدوار احتجاج ۾ شامل هئا تعليم کاتي جا ڪامورا اسان 40 کان وڌيڪ مارڪون کڻندڙ اميدوارن کي آسري ۽ ترسائي پنهنجي مرضيءَ سان لسٽن ۾ هيرا ڦيري ڪري مرضيءَ موجب ماڻهن کي آرڊر جاري ڪري اسان جي حقن جي لتاڙ ڪري رهيا آهن. اڄ پتوهائوس تي ايم پي اي فريال ٽالپر جي موجودگي جي اطلاع تي هتي پهتا آهيون ته جيئن اسان پارٽي قيادت کي آگاهه ڪري سگهون ته تعليم کاتي جا ڪامورا انهن جي روئڻ سان کهڙي ويڙهه ڪري رهيا آهن لاڙڪاڻي ضلعي جي چئني تعلقن جي ايس اين اي ظاهر نٿي ڪئي وڃي ۽ نه ئي ٽينٽيٽو لسٽ ظاهر ڪئي پئي وڃي جنهن ڪري اسان کي خدشا آهن ته ميرٽ تي پاس ٿيندڙ اميدوارن سان ويساهه گهاتي ڪري حق ڦٻايا ويندا. اسان پ پ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري ۽ ايم پي اي فريال ٽالپر جا ووٽر ۽ سپورٽر آهيون. تعليم کاتي جي ڪامورا شاهي پاران ٿيندڙ ناجائزين تي خاموش ٿي نه ويهنداسين پ پ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري ۽ ايم پي اي فريال ٽالپر هن مامري جو فوري نوٽيس وٺي اسان کي پنهنجا حق ڏياري آرڊر جاري ڪرائي. ٻي صورت ۾ احتجاجي تحريڪ جاري رکي ويندي.

بقايا | سنڌيار | 07

اسلامي سنڌ جي نائب امير ممتاز حسين سهتو ايڊوڪيٽ جي اڳواڻي ۾ ڪلمه گيٽ کان ريلي ڪڍي وئي جيڪا شهر جي مختلف رستن تي احتجاج ڪندي پريس ڪلب تي اختتام پذير ٿي ريلي ۾ شريڪ ماڻهن پاران سويڊن سرڪار جي ۽ نبي پاڪ ص جن جي شان ۾ گستاخي ڪندڙن جي خلاف سخت نعريبازي ڪئي. ريلي کي خطاب ڪندي ممتاز حسين سهتو، استاد بشير احمد سهتو، رسول بخش سهتو، در محمد خاصخيلي، امتياز حسين سهتو ۽ ٻين چيو ته هڪ منظم سازش تحت امت مسلمه جي غيرت کي للڪاريو ويو آهي اسان جي لاءِ مسلمان جي حيثيت ۾ قرآن ۽ حضور پاڪ جن ۽ انهن جي آل کان وڌيڪ ڪجهه به نه آهي پر افسوس ته اهڙن واقعن تي به ملڪ جي سرڪار، سياست دان، سرڪاري مذهبي ليڪيدار ۽ چونڊيل نمائنده پنهنجي غيرت وڪڻي خاموش آهن جن کي لڳي ٿو ته هو مرندا ۽ نه ئي حضور پاڪ ص جن جي آڏو پيش ٿيندا هنن پاڪستان جي حڪومت کان مطالبو ڪيو ته سوئيڊن جي سفارتڪار کي فوري طور ملڪ مان نيڪالي ڏني وڃي ان سان سفارتي تعلقات ختم ڪيا وڃن ۽ ملڪ جي گستاخ رسول ص ڪمينن کي ڦاهي جي سزا ڏني وڃي

بقايا | سنڌيار | 08

۽ ٻيا ڪري رهيا هئا ان موقعي تي هنن چيو ته ٻه ڏينهن اڳ اتي جي واپاري وسيم راڄپر کان شهر جي مين روڊ تان سريعام نامعلوم هٿياربند هٿيارن جي زور تي چار لک روپيا روڪ کسي فرار ٿي ويا آهن نوشهرو فيروز ٿاڻي تي اين سي داخل ڪرائي آهي پر ان باوجود پوليس ڦورو پڪڙڻ بجاءِ ڪن لاٽار ڪري رهي آهي نوشهرو فيروز ۽ آس پاس جي علائقن ۾ بدامني عروج تي آهي ڪو به محفوظ ڪونهي هنن اعلا اختيارين آءِ جي سنڌ، ڊي آءِ جي شهيد بينظيرآباد کان مطالبو ڪيو ته ڦرلٽ روڪ رقم واپس ڪراءِ جوابدار گرفتار ڪيا وڃن ٻي صورت ۾ ايس ايس پي نوشهروفيروز آڏو سخت احتجاج ڪيو ويندو

بقايا | سنڌيار | 09

"آڪاش" ٽڪواڻي، سنڌي ادبي سنگت سنڌ جي مرڪزي خزانچي اعظم ڀٽي، ڊاڪٽر شڪيل قريشي، ساگر سڪندر پسيو سومار سنگر، غلام قادر "منتظر" چانگ، رفيق آس لغاري، عاشق علي گاهو، مختيار نظاماڻي، غلام نبي "شاعر" خاصخيلي، فياض احمد لغاري، پير ماجد جان سرهندي، ومل ڪيمچند شرما، چتو "رمز" خاصخيلي، مطهر حسين بهراڻي ۽ ٻين شاعري وسيلي ذات جا ڏيئا جرڪائي مشاعري جي محفل کي چارچنڊ لڳايا. ان موقعي تي سنڌي ادبي سنگت، سنڌ جي مرڪزي خزانچي اعظم ڀٽي، سنڌي ادبي سنگت جي ضلعي رابطا سيڪريٽري آغا جان آغا، انجمن ترقي پسند مصنفين ٽنڊي محمد خان جي چيئرمين جي صدر اعجاز علي جسڪاڻي، ڊاڪٽر جمال ناصر سولنگي، رفيق آس لغاري، عاشق علي گاهي ۽ ٻين ويچار ونڊيندي چيو ته مشاعرا نه رڳو شاعرن جي سونهن هوندا آهن پر نون شاعرن لاءِ اتساهه ۽ سکيا جو گهر پڻ آهن. ڪو دور هو جو مشاعرن جو اوج ۽ عروج هوندو هو، جنهنڪي هاڻي جڻ ته گرهڻ لڳي ويو آهي، ان جي باوجود به شاعري جا متوالا ڪٿي نه ڪٿي ميلا مچائڻ ۾ مصروف عمل آهن. نوجوانن جي سکيا لاءِ مشاعرن واري روايت کي منظم طريقي سان هلڻ ولڙائڻ جي ضرورت آهي، مشاعري ۾ نوجوان راڳي جان محمد لغاري، اياز علي لغاري سرن جي ورکا ڪري مشاعري جي محفل ۾ وڌيڪ رنگ ڀري ڇڏيا.

بقايا | سنڌيار | 10

پنج نمبر ناڪي تي چوڌري عبدالرزاق آرائين پاران منعقد ڪيل ڪرايل جلسي کي خطاب ڪندي چوڌري عبدالرزاق چيو ته لنڊ گروپ کي 360 اسڪيمن جا افتتاح ڪرڻا آهن. جن لاءِ اسين ڪوشش ڪريون پيا ته جلد کان جلد افتتاح ڪري سگهون. هوڏانهن جلسي کي خطاب ڪندي اين اي 204 جي ايم اين اي سردار مير خالد احمد خان لنڊ چيو ته ڪجهه ماڻهو سياست ۾ اخلاق کان ڪريل حرڪتون ڪري رهيا آهن ۽ اسان جي ماڻهن کي گندا لفظ ڳالهايا پيا وڃن هن وارننگ ڏيندي چيو ته سياست ڪرڻ هر ڪنهن جو حق آهي پر ڪنهن کي بدمعاشي ڪرڻ نه ڏينداسين زبان جي دائري ۾ رهي هر ڪو ڳالهائي سگهو ٿو هن چيو ته ماڙي پيٽروليم جي تعاون سان علائقي جي ڪمن لاءِ جيڪي فنڊز مليا اهي اسين عوام تي خرچ ڪيا آهن. ان ۾ ڏهرڪي واسين کي بينظير ڀٽو پبلڪ پارڪ، مين جي ٽي روڊ، درجنين ڪالونين ۾ سي سي پيور بلاڪ، مختلف يوسين ۾ سوين ترقياتي منصوبا ڏنا آهن. ڪيترائي آر او پلانٽ ڏنا آهن ته جيئن ماڻهو صاف پاڻي وآبپاڻي بيمارين کان بچي سگهن. هن چيو ته اسان جو عوام سان روح جو رشتو آهي، جيڪو ڪم ڪري ٿو ان مٿان ٺلول ۽ مشڪلاتون ضرور اينديون آهن. پر منهنجي ٽيم محنتي آهي ان کي مشڪلاتن کي منهن ڏيڻ جاڻي ٿي. هن چيو ته آئون اڪيلائي محسوس ڪندي پنهنجي پٽن کي تعليم اڌ ۾ ڇڏائي عوام جي خدمت ڪرڻ لاءِ وقف ڪري ڇڏيو. ميرپورماٿيلو شهباز خان، ڏهرڪي نور محمد خان ۽ اوباوڙو سردار خان لنڊ حوالي ڪيو ته جيئن اوهان دوستن جا مسئلا فوري حل ٿي سگهن. تقريب ۾ لنڊ گروپ ترجمان ڊاڪٽر انعام لنڊ، مختلف واردن جي ڪونسلرن ميان محمد احمد رضا رحيم، حاجي پير بخش ڀٽي، چوڌري عارف آرائين ۽ سردار مير بهادر يارخان شر، مکي نامو مل، مکي انيل، ڪنلاش، پ پ تعلقي صدر ميان عبدالرشيد قادري سميت پ پ ورڪرن ۽ عهديدارن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي

بقايا | سنڌيار | 11

ويا. انهي سلسلي ۾ ايس ايڇ او ڏوڪري لياقت علي ڪجڙ رابطو ڪرڻ تي ميڊيا کي ٻڌايو ته اڄ صبح اطلاع تي ڏوڪري پوليس ڏيرا پاڙي تي ڪارروائي ڪري اشتهاري ڏوهاري اعتبار عرف زين ڏيرو کي گرفتار ڪري ورتو جنهن بعد ڏيرا برادري جي هٿياربندن پوليس مٿان فائرنگ ڪري ڏني ۽ هٿيارن جي زور تي پوليس ڪانسٽيبل نديم ميمڻ تي تشدد ڪيو جنهن بعد پوليس موبائيل مان وائرليس سيٽ سرڪاري ايس ايم جي رائيفل ڦر ڪري فرار ٿي ويا هوڏانهن ڏوهارين ۽ انهن جي حمايتن سرڪاري پوليس موبائيل جي مٿان لٺين سرن جو وسڪارو لاٽي ڏنو سرڪاري پوليس موبائيل ۾ ويٺل پوليس وارا معجزونا ٺور بچي ويا اهڙي خبر پوڻ تي شهرين ۾ ڏڪ جي لهر ڇانئجي وئي هر طرف افسوس افسوس جون صدائون بلند ٿي ويون ڏوڪري امن امان جو شهر آهي اتي پوليس جي مٿان قاتلاڻو حملو ۽ تشدد نا قابلي برداشت عمل آهي ڏوڪري امن جو شهر آهي شهر ۾ افراتفري خوف واري صورتحال پيدا ٿي وئي آهي

بقايا | سنڌيار | 12

بعد ڊي سي سجاول پاران جهوڪ شريف يونين ڪائونسل جي سيڪريٽري کي لکت ۾ هدايت جاري ڪئي هئي ته جاڪايل ٽاور جي فورن مرمت ڪرائي ان کي فورن ساڳئي جڳهه تي لڳايو وڃي. پر هڪ سال کان مٿي عرصو گذرڻ باوجود پياري نبي پاڪ صلي الله عليه وسلم جي نالن وارو ٽاور نه لڳي سگهيو آهي. ذريعن موجب هڪ معمولي يونين ڪائونسل سيڪريٽري پاران ضلعي جي ڊپٽي ڪمشنر جو حڪم ٽلڻ ڇڏيو آهي جنهن بعد وڪيل امر جماڻي پاران ڊي سي سجاول کي ياداشت نامو موڪليو ويو. جڏهن ته ساڳئي ليٽر سجاول ضلعي جي ٽئين چونڊيل چئرمين کي پڻ موڪليو ويو آهي. ان سلسلي ۾ وڪيل امر جماڻي ميمڻ پاران ٽاور جي مرمت ڪري فورن نه لڳائڻ جي صورت سمورن ذميوار عملدارن خلاف قانوني ڪارروائي ڪرڻ جو اعلان ڪيو ويو آهي.

بقايا | سنڌيار | 13

طور تي علائقي جو دورو ڪري عوامي شڪايتون دور ڪرڻ جو هدايتون ڏنيون ويون آهن ان سلسلي ۾ ضلعي انتظاميا خط پڻ جاري ڪري ڇڏيو آهي خط ۾ عوامي شڪايتون دور ڪري رپورٽ ڏيڻ جي پڻ هدايت ڪئي وئي آهي.

بقايا | سنڌيار | 14

گڏيل اجلاس کي خطاب ڪندي ڪمشنرمحمد عباس بلوچ چيو ته موسميات کاتي پاران مون سون جي امڪاني برساتن جي اڳڪٿي ڪئي وئي آهي انهي لاءِ ٽنهي ضلعن جي انتظاميه ۽ سمورا لاڳاپيل کاتا امڪاني برسات کي منهن ڏيڻ ۽ عوام کي ريليف فراهم ڪرڻ لاءِ ضلع ۽ تعلقي ليول تي 10 جولاءِ کان 10 سيپٽمبر تائين ٻن مهينن تائين ڪنٽرول روم قائم ڪيا وڃن جڏهن ته ميونسپل ۽ ٽائون انتظاميه، اسڪارپ، آبپاشي، پبلڪ هيلٿ سميت لاڳاپيل کاتا برساتي پاڻي جي نيڪال لاءِ اسٽرام ڊرين، نالن ۽ سر نالن جي ڪاٽي، پمپنگ اسٽيشنز تي مشينري، جنريٽر ۽ تيل جي موجودگي سميت سمورا گهربل انتظام مڪمل ڪري ڪانٽجنسي پلان ڪمشنر آفيس ۾ جمع ڪرائين ته جيئن رهيل انتظامن کي وقت تي مڪمل ڪري عوام کي برسات دوران تڪليفن کان بچائي سگهجي ڪمشنر ٽنهي ضلعن جي ڊپٽي ڪمشنرن کي هدايت ڪئي ته ميونسپل، ٽائون ۽ يوسي سطح تي چونڊيل نمائندن سان ويجهي رابطي ۾ رهندي سمورن ڊرينيج ڊسپوزل تي مشينري جي موجودگي ۽ پاڻي جي نيڪال لاءِ قدم کنيا وڃن هن ڪين اها پڻ هدايت ڪئي ته ڊسٽرڪٽ ڊزاسٽر مينيجمنٽ اٿارٽي کي فوري طور فعال بڻايو وڃي ريليف جي سامان سميت عملي ۽ مشينري جي موجودگي لاءِ پڻ قدم کنيا وڃن جڏهن ته مون سون جي برساتن دوران صحت، آبپاشي، ميونسپل، پبلڪ هيلٿ، لائيو اسٽاڪ سميت ٻين ضروري سروسز فراهم ڪندڙ کاتن جي عملدارن ۽ عملي جون موڪلون رد ڪيون وڃن جڏهن ته ريلوي، اين ايڇ اي سميت وفاقي ادارن جي عملدارن سان پڻ ضلع سطح تي رابطي کي بحال رکيو وڃي ته روڊ ۽ ريل ذريعي آمدرفت کي جاري رکي سگهجي ڪمشنر ڊپٽي ڪمشنر شهيد بينظيرآباد ۽ نوشهروفيروز کي هدايت ڪئي ته درياءَ سنڌ ۾ امڪاني ٻوڏ کي نظر ۾ رکندي لاڳاپيل عملدارن سان گڏجي حفاظتي بندن جو دورو ڪري حفاظتي بندن جي مظبوطي لاءِ قدم کڻن اجلاس ۾ ٽنهي ضلعن جي ڊپٽي ڪمشنرن پاران امڪاني برسات کي منهن ڏيڻ لاءِ ڪيل تياري بابت آگاهي ڏني جڏهن ته گذريل برساتن دوران تباهه ٿيل گهرن جي ٻيهر تعمير واري ڪم جي هن وقت تائين ٿيل پروگريس رپورٽ پيش ڪئي جڏهن ته ٻي ڊي اسڪارپ امجد ميمڻ ۽ ايس اي آبپاشي روهڙي سرڪل ظهيراحمد ميمڻ پاران سر نالن جي ڪاٽي ۽ ڪينالن جي بندن جي مضبوطي بابت آگاهي ڏني اجلاس کي خطاب ڪندي ڊي آءِ جي پوليس محمد يونس چانڊيو چيو ته امڪاني برسات ۽ ٻوڏ دوران ڪنهن به هنگامي حالت کي منهن ڏيڻ ۽ امن امان جي صورتحال کي برقرار رکڻ لاءِ ڪانٽجنسي پلان جوڙيو ويو آهي انهي سلسلي ۾ سنڌ پوليس پاران انتظاميه سان هر ممڪن تعاون ڪيو ويندو، اجلاس ۾ ايڊيشنل ڪمشنر ون سياش چندر، ايڊيشنل ڪمشنر ٽو فياض حسين راهوجو، ڊپٽي ڪمشنر شهيد بينظيرآباد شهريارگل ميمڻ، ڊپٽي ڪمشنر سانگهڙ محمد اسحاق گاد، ڊپٽي ڪمشنر نوشهروفيروز شاهزيب شيخ، مئير قاضي محمد رشيد ڀٽي، ريجنل ڊائريڪٽر لوڪل گورنمينٽ ذاڪر حسين راڏڻ، ايس اي حيسڪو ذوالفقار ميمڻ، ڊائريڪٽر هيلٿ سروسز ڊاڪٽر غلام مصطفيٰ، ڊپٽي ڊائريڪٽر لائيو اسٽاڪ ڊاڪٽر اعجازحسين لغاري، ڊپٽي ڊائريڪٽر انفارميشن غلام عباس گوراهو سميت مختلف کاتن جي آفيسرن شرڪت ڪئي.

بقايا | سنڌيار | 15

جي اجازت سان پسند جي شادي ڪئي آهي جنهن بعد مهنجا مائٽ اسان جي جان جا دشمن بڻجي ويا آهن ڪوڙن ڪيسن ۽ جان کان مارڻ جون ڌمڪيون ڏئي رهيا آهن سنڌ هاءِ ڪورٽ بينچ سکر به تحفظ ڏيڻ ۽ ڪيس ختم ڪرڻ جو حڪم ڏنو آهي پر ان باوجود مائٽ رضوان عباسي، ڪامران عباسي، رفيق، وزير، فوجي گلشير، حافظ علي نواز عباسي ۽ ٻيا تنگ ڪري رهيا آهن جنهن سبب اسان جي حياتي کي خطرو آهي هنن چيف جسٽس سنڌ هاءِ ڪورٽ ڪراچي، آئي جي سنڌ ڊي آئي جي سکر ۽ ايس ايس پي گهوٽڪي کان تحفظ ۽ انصاف جي اپيل ڪئي آهي

بقايا | سنڌيار | 16

لعل ڏنو منگي خودڪشين جي روڪٿام سنڌ مينٽل اٿارٽي سنڌ کي ضلعي ۾ ريسڪيو سينٽر قائم ڪرڻ ۽ سائيڪوٿرس، نيورولاجسٽ ڊاڪٽر موڪلڻ لاءِ خط لکيو ويو آهي. ايس ايس پي آفيس ۾ اسٽيڪ هولڊرن جي اجلاس جي صدارت ايس ايس پي ٿرپارڪر زاهدا پروين ڪئي. اجلاس ۾ اميد گهر جي چيئرمين ڪاشف بجير، ڊي ايڇ او ٿرپارڪر ڊاڪٽر هرچندراءِ، چيئرمين ميونسپل ڪاميٽي مٺي ڊاڪٽر منوج ڪمار ملاڻي، ضلعي وائيس چيئرمين ڪملا ڀيل، ارپايو جوائنٽ چيئرمين ٿر سٽيزن فورم سميت صحافين ۽ مختلف اسٽيڪ هولڊرن جي شرڪت، تجويزون ڏنيون ويون آهن شرڪت

بقايا | سنڌيار | 17

نوٽيس نه ورتو ويو مستحق عورتن ۽ ٻين ٻڌايو ته بينظير انڪم سپورٽ پروگرام تحت في عورت جي اڪائونٽ ۾ 9 هزار روپيه آيل آهن ۽ ٻارن جو وظيفو ان کان الڳ آهي. پر ڊرائيس هولڊر هڪ هزار کان 2 هزار جي لڳ ڀڳ ناجائز ڪٽوتي ڪري في عورت کي ست هزار کان 8 هزار روپيه ڏيئي رهيا آهن جيڪا به عورت ڊرائيس هولڊر کي ڪٽوتي نه ڪرڻ جو چوي ٿي ان کي پئسا نه اچڻ يا وري فنگر مئيچ نه ٿيڻ جو بهانو ڪري رلايو وڃي ٿو جنهن جي ڪري هتان جون هزارين غريب ۽ مستحق عورتون سخت پريشاني جو شڪار آهن. هنن ڊپٽي ڪمشنر اي سي ٽنڊو غلام حيدر ايس ايڇ او ۽ ٻين اختيارين کان مطالبو ڪيو آهي ته غريب عورتن جي پيسن مان ڪٽوتي ڪندڙ ڊرائيس هولڊرن خلاف سخت ڪارروائي ڪئي وڃي.

بقايا | سنڌيار | 18

ڪائونسل ٺٽي جي وائيس چيئرمين ممتاز علي جلباڻي، ٽائون ڪاميٽي مڪلي جي چيئرمين سيد پير زين العابدين شاهه جيلاڻي، ممتاز علي ميمڻ ۽ ٻين پاران پنهنجون ذميواريون سنڀالڻ بعد لاڙڪاڻي ڳڙهي خدابخش پهچي شهيد راڻي محترمه بينظير ڀٽو ۽ شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جي مزار تي حاضري ڀري ۽ خصوصي دعائون گهريون. صحافين سان ڳالهائيندي ضلعي ڪائونسل ٺٽو جي چيئرمين عبدالحميد پنهور چيو ته ملڪ ۾ جمهوريت جي بقا لاءِ ڀٽو خاندان جون وڏيون قربانيون آهن. جن قربانين عيوض اڄ به ملڪ ۾ جمهوريت قائم آهي. هن چيو ته پ پ ملڪ جي وڏي پارٽي آهي جيڪا عوام کي سمورين گهربل سهولتون مهيا ڪرڻ ۾ مصروف بڻيل آهي. ضلعي ڪائونسل ٺٽي جي چيئرمين عبدالحميد پنهور چيو ته گهوڙاباري تڪ ۾ جيترا اتان جي چونڊيل پ پ ايم پي اي حاجي علي حسن زرداري ترقياتي ڪم ڪرايا آهن، اهڙا ڪم ڪنهن به دور ۾ ٿي ناهن سگهيا آهن هن چيو ته ايندڙ اليڪشن ۾ به پ پ پوري ملڪ مان ڪاميابي ماڻيندي ۽ ملڪ جو وزيراعظم پ پ جي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري ٿيندو جيڪو ئي ملڪ کي هنن بحران مان ڪڍي ملڪ کي وڌيڪ مضبوط ۽ مستحڪم بڻائيندو.

بقايا | سنڌيار | 19

چيو ته اسان جي برادريءَ جي نوجوان پنهنجي سوٽ سان پسند جي شادي ڪئي آهي جنهن ڪانپوءِ اسان کي بنا جواز تنگ ڪري ڪوڙا ڪيس داخل ڪرائي روزاني جي بنياد تي پوليس گهرن تي چڙهائي ڪري چادر چوديواري جو تقدس پائمال ڪري بااثر اعتبار سينار، مشتاق سينار، اسلم سينار، ايوب سينار ۽ ٻيا مسلسل اسان مٿان ظلم ڪرائي رهيا آهن ۽ اسان جي ڪٽڪ جي فصل تي قبضو ڪري ڇڏيو آهي جيڪو زمين ۾ سڙي پيو. هنن چيو ته گذريل ڏينهن ڪورٽ مان پيشي بعد واپسي تي اسان جي ٻن ڄڻن سيٽ امام بخش سينار ۽ محمد جمن سينار کي ڪنپي ڪٽي وڃي گم ڪيو ويو آهي. اسان ڪورٽ مان پڻ پوليس پروٽيڪشن وٺي چڪا آهيون پر ان باوجود به پوليس ڳري رشوت وٺي اسان مٿان ڪوڙا ڪيس داخل ڪري اسان جي گهرن تي چڙهايون ڪري تشدد ڪري رهي آهي. هنن سنڌ هاءِ ڪورٽ جي چيف جسٽس، هاءِ ڪورٽ سکر، سيشن جج نوشهروفيروز، آءِ جي سنڌ، ڊي آءِ جي شهيد بينظير آباد ۽ ايس ايس پي نوشهروفيروز کان مطالبو ڪيو آهي ته اسان سان انصاف ڪري اسان مٿان داخل ڪوڙا ڪيس ختم ڪرايا وڃن ٻي صورت احتجاجن جو دائرو وسيع ڪيو ويندو

بقايا | سنڌيار | 20

ڳاڙهو ويجهو ڳوٺ حاجي عمر خان لاشاري جا رهواسي 2 معصوم ٻارڙا 5 سال عبدالمجيد ملاح ۽ 6 سالا نينگري شيدان عباس ملاح ڳوٺ پرسان واهه ۾ وهنجندي ٻڏي فوت ٿي ويا، جن جا لاش وارثن پاران واهه مان ڪڍي شيخ زيد اسپتال ميرپور ساڪرو پهچايا ويا، جتي ڊاڪٽرن سندن موت جي تصديق ڪئي. لاش گهر پهچڻ تي گهرن ۾ ڪهرام مچي ويو. ٻڌايو پيو وڃي ته گرمي سبب ٻارڙا واهه ۾ وهنجندي ٻڏي فوت ٿي ويا آهن. علائقي ۾ سوگ وارو ماحول ڇانيل آهي.

بقايا | سنڌيار | 21

ڪان گهٽ ريٽ ۾ ڪاٽن خريد ڪرڻ لڳا ڊي سي جي حڪم کي ڪاٽن مافيا پيدي وارن ردي جي ٽوڪري ۾ اڇلايي ڇڏيو اي سي مختيارڪار به بيوس بڻيل

بقايا | سنڌيار | 22

نوجوان کي ڪنيپي گم ڪري ڇڏيو آهي. نوجوان جي امڙ جو پريس ڪلب آڏو ڌانهون. ان ڏس ۾ نوجوان رينواز گرگيز جي امڙ جميلا گرگيز سميت ٻين عورتن پريس ڪلب پهچي احتجاج ڪندي ڌانهيندي چيو ته ٺٽون ڪوٽ پوليس چار ڏينهن اڳ ڳوٺ ملوڪ گرگيز تي بلاجواز چڙهائي ڪري نوجوان رينواز گرگيز کي ڪنيپي گم ڪري ڇڏيو آهي. اسان کي نوجوان سان ملڻ نه پيو ڏنو وڃي. هنن چيو ته ٺٽون ڪوٽ پوليس رينواز گرگيز سان گڏ گرفتار ڪيل ٻن نوجوانن ولي داد گرگيز ۽ نورخان گرگيز کان 3 لک رپيا وٺي آزاد ڪري ڇڏيو جڏهن ته اسانجي نوجوان کي ظاهر نه پيو ڪيو وڃي اسانکي خدشو آهي ته پوليس اسانجي نوجوان کي ڪٿي ڪوڙو مقابلو ڄاڻائي ماري نه ڇڏي. هنن چيو ته ڳوٺ تي چڙهائي دوران پوليس نياڻي جي ڏاج سميت سونا زيور ۽ 3 لک ڪيش رقم به کڻي وئي جيڪو واپس نه پئي ڪري. هنن ڊي آءِ جي ميرپورخاص کان مطالبو ڪيو ته معاملي جو نوٽيس وٺي انصاف ڪريو وڃي. ٺٽون ڪوٽ پوليس موجب نوجوان موٽرسائيڪل چوري ۾ ملوث آهي جنهن خلاف اڳ ڪيس داخل ڪيو ويندو

بقايا | سنڌيار | 23

۽ آصف خاصخيلي واپڊا اهلڪارن تي الزام هڻندي چيو ته واپڊا وارا سڙي ويل ٽرانسفارمر تبديل ڪرڻ لاءِ 90 هزار رشوت جي گهر ڪري رهيا آهن. اسان پاڙي مان چندو ڪري 50 هزار روپيا هنن کي ڏنا آهن پر هو اسان کي هڪ مهيني کان وٺي 90 هزار روپيا ڏيڻ لاءِ پريشان ڪري رهيا آهن. سخت گرمي جي موسم ۾ هڪ مهيني کان وٺي بجلي نه هجڻ ڪري عذاب ۾ مبتلا آهيون. هنن چتاءُ ڏيندي چيو ته 24 ڪلاڪن ۾ ٽرانسفارمر نه لڳايو ويو ته ڏرٽو هٽي جهڏو ٽنڊوباگو روڊ بلاڪ ڪنداسين.

بقايا | سنڌيار | 24

اسٽور تي چڙهائي ڪري ڪيس سخت مارڪيٽ ڪرڻ بعد ٻه لک روپيه روڪ رقم ۽ موبائيل فون ڦر ڪري آساني سان فرار ٿي ويا اطلاع ملڻ باوجود غوثپور ٿاڻي جو ايس ايڇ او علي گوهر ڏاهاڻي اڌ ڪلاڪ کان پوءِ واقعي واري هنڌ پهتي ان موقعي تي متاثر ديوان لعل ميڊيا اڳيان ڌانهيندي چيو ته غوثپور ايس ايڇ او علي گوهر ڏاهاڻي جي ناقص ڪارڪردگي مان اسين سخت مايوس ٿي ويا آهيون ڏينهن ڏٺي جو هٿياربند جديد هٿيارن سان گشتي پوليس جي موجودگي ۾ اسان کي هٿيارن جي زور تي يرغمال بڻائي لکين روپيا ڦري ويا آهن اسين هندو واپاري ڪو ڪاروبار نه ٿا ڪري سگهون ۽ نه روڊ تي سفر ٿا ڪري سگهون وڌيڪ متاثر هندو واپاري ايس پي ڪشمور عرفان سمون کان مطالبو ڪيو آهي ته بنا ڪنهن دير جي نوٽيس وٺي غوثپور پوليس جي ڪن مهت ڪري ڦرڻ ويل روڪ رقم ۽ ٻيو سامان ريڪور ڪرائي ڏنو وڃي جيئن اسين امن سان رهي سگهون هن چيو ته پوليس اسانجو تحفظ نٿي ڪري سگهي ته اسان کي مجبورن پنهنجا ابا ڏاڏا ڪک ڇڏي ٿي ملڪ لڏڻو پوندو

بقايا | سنڌيار | 25

نوجوان اورنگزيب ڪاڪيپوٽو کي پوليس پاران هاف فراءِ ڪرڻ خلاف ڳوٺاڻن جو پريس ڪلب آڏو احتجاجي مظاهرو، انصاف جي گهر ڳڙهي ياسين لڳ پير موسن شاهه وٽ رات پوليس پاران زخمي حالت ۾ گرفتار ڪيل نوجوان اورنگزيب ڪاڪيپوٽو جي وارثن سنڌس زال مسمات غزالا، ڀيڻ مسمات شباڻ ۽ ڀاءُ اويس ڪاڪيپوٽو جي اڳواڻي ۾ ڳوٺاڻن جو ڳڙهي ياسين پوليس خلاف احتجاج. هنن ڌانهيندي چيو ته اسان جو ڳوٺ جو پورهيت نوجوان پنهنجي ٻني ۾ ڪم ڪري رهيو هيو ته پوليس پڪڙي، گوليون هڻي هاف فرائي ڪري ڇڏيو آهي. اسان شريف ماڻهو آهيون. اسان جي نوجوان تي ڪو به ڪيس داخل نه آهي. شفاف انڪوائري ڪرائي، اسان سان انصاف ڪيو وڃي. احتجاج ڪرڻ بعد ڳوٺاڻن صابر ڪاڪيپوٽو جي اڳوائي ۾ لاڙڪاڻي شڪارپور انڊس هاءِ وي ڪيرٿر ڪئنال پل تي ڌرڻو هڻي، روڊ بند ڪري ڇڏيو جنهن لاڙڪاڻو شڪارپور روڊ کان ايندڙ سوين گاڏيون بيهجي ويون. گرمي سبب مسافر پريشان ٿيڻ لڳا. ٻن ڪلاڪن بعد اسسٽنٽ ڪمشنر ڳڙهي ياسين مسرور احمد بجاراڻي پهچي ڳوٺاڻن سان ڳالهيون ڪري روڊ ڪلرايو ۽ کين يقين ڏياريو ته ايس ايس پي شڪارپور کان نوجوان زخمي ڪري گرفتار ڪرڻ جي انڪوائري ڪرائي ويندي.

بقايا | سنڌيار | 26

جي فنڊ ۾ ڪتا مار مهم جي رقم ڪاغذي ڪارروايي ۾ ڄاڻايي وڃي ٿي پر افسوس ڪتا ماريا نه ٿا وڃن يوسي ڪاچيلو جي سيڪريٽري خلاف سخت قانوني قدم کڻي قانوني ڪارروايي ڪري هر مهيني جي ايندڙ فنڊن جي ڪوڙ ٻوڙ جي جاچ ڪيپي وڃي.

بقايا | سنڌيار | 27

صحبت ۾ اچي ڪري نافرمان شرابي موالي ٿي ويو آهي نشوڪري مونتي ۽ ننڍڙن ٻارن تي تشدد ڪري ٿو چوي ٿو ته مونکي جڳهه ڏي ته مان ڪپان جيڪي مان نٿي ڏيڻ چاهيان اها ٻه هن کي ڏئي ڇڏيان ته پوءِ مان ننڍڙن ٻارن کي ڪٿي دربدر ڪندس مونتي ۽ ٻارن تي تشدد ڪندو رهي ٿو موتمار ڌمڪيون پڻ ڏيندو رهي ٿو ته مان سڀن کي ماري ڇڏيندس ۽ مونکي گهر مان ڪڍي ڇڏيو آئيس مان هن نافرمان موالي پٽ جي ظلمن کان تنگ ٿي ڪري مجبورن ميڊيا اڳيان بيان ڏيان ٿي ته اڄ کان پوءِ ڪيس کي پاڻ کان لاتعلق ڪيان ٿي اڄ ڪانپوءِ سندس سان منهنجو ڪو به واسطو نه آهي ته ئي رهندو نه مان ان جي ماءُ آهيان نه وري هو منهنجو پٽ آهي مان مجبورن هن وقت قاضي احمد ۾ پنهنجن مائٽن وٽ رهان ٿي مان سخت پريشان آهيان مان آئي جي سنڌ ڊي آئي جي شهيدبينظيرآباد ايس ايس پي نوشهروفيروز ۽ ٻين وس وارن ادارن کان ٻرزور اپيل ٿي ڪريان ته ان خلاف ايڪشن ڪئي مونسان انصاف ڪيو وڃي ته نه ٻئي صورت ۾ مان پنهنجي پاڻ کي ننڍڙن ٻچن سميت باهه ڏيندس ۽ ڪجهه به ٿيو ته ان جو ذميوار جبار عرف ڪيٽو هوندو

بقايا | سنڌيار | 28

تسليم ڪرائڻ لاءِ ب ٽ الف جي مرڪزي اڳواڻ شفيع محمد سليو، سڪندر جتوئي، عتيق الرحمان، ميدم انيتا، شاهنواز مهر، عارف قريشي، ٻجل سومرو، طفيل ميمڻ ۽ ٻين جي اڳوائي ۾ سوين استادن جو پيادل لانگ مارچ قافلو درگاهه شاهه عبدالڪريم تي چادر چاڙهي سنڌ جي خوشحالي ترقي، استادن جي جائز مطالبن کي تسليم ڪرائڻ لاءِ جدوجهد جي ڪاميابي لاءِ اجتماعي دعا گهري پيادل لانگ مارچ قافلو بلڙي شاهه ڪريم کان سفر شروع ڪري صوفين جي سرتاج شهيد صوفي شاهه عنايت جي جهوڪ واري نگري ۾ پهچي ويو، جتي استادن پيادل قافلي جي پانديڙن جي گلن جي ورکا سان شاندارن آجيان ڪئي، پيادل لانگ مارچ قافلي جي ميڙاڪي کي اڳواڻن خطاب ڪندي چيو ته سنڌ جي استادن سان هر دور ۾ ناانصافين جي انتها ڪئي ويئي آهي، سنڌ سرڪار سنڌ جي استادن جي احتجاج ڪيل لانگ مارچن دوران سنڌ اسيمبلي جي فلور تان وزيراعليٰ سنڌ ڪانٽريڪٽ تي ڀرتي ڪيل ملازمن کي پڪو ڪرڻ جو اعلان ڪري ان تي ڪو به عمل نه ڪرايو، جنهن جي ڪري هاڻي بنا دير استادن کي تاريخ مقرري کان اپ گريڊ ڪرڻ، سروس اسٽريڪچر ڏيڻ، بي ايم ايس ايس جي تحت استادن جي تذليل ڪرڻ جو سلسلو بند ڪرڻ، بائيو ميٽرڪ کي سنڌ جي سمورن ضلعن تائين محدود ڪرڻ، ڪراچي ۾ بائيوميٽرڪ ڪرائڻ کي بند ڪرڻ، ڪئمپس، مرچ، حب ڪلسٽر اسڪولن کي ساڳئي پرائمري اپ گريڊ ۾ تبديل ڪرڻ، هيڊماسترن جي الائونس لڳائڻ، سنڌ جي ٽريزري آفيسن ۾ سرعام رشوت وٺڻ جي خلاف قانوني ڪارروائي ڪرڻ، رٽائرڊ استادن کي ٻهرين مهيني ۾ سندن رٽائرمينٽ جي مراعتن جي ادائيگي ڪرڻ، گروپ انشورنس شروع ڪرڻ، لائسنس پاليسي کي رد ڪرڻ سميت سنڌ جي استادن سان ٿيندڙ ناانصافين کي بند ڪري ملڪ جي ٻين صوبن پنجاب، خيبرپختونخواهه، بلوچستان جي پاليسي تحت سنڌ جي استادن کي مراعتون ڏيارڻ لاءِ پيادل لانگ مارچ قافلو هر حالت ۾ 12 جولاءِ بروز اربع واري ڏينهن سنڌ جي راڄڌاني واري شهر ڪراچي پهچي سي ايم هائوس آڏو مطالبن کي تسليم ڪرائڻ تائين ڌرڻو جاري رکيو ويندو، سنڌ جي استادن سان پرامن احتجاج دوران ڪو به تشدد جو واقعو پيش آيو ته حڪمرانن جي گهرن آڏو احتجاج ڪرڻ سان گڏ سنڌ جا روڊ رستا بند ڪري سراپا احتجاج ڪيو ويندو، پيادل لانگ مارچ قافلو اڄ وري جهوڪ شريف کان پيادل سفر شروع ڪري بلوڙي ڏانهن روانو ٿيندو.

بقايا | سنڌيار | 29

ڪارپوريشن جي ڪائونسل جو تعارفي اجلاس ميئر سکر ارسلان اسلام شيخ جي صدارت هيٺ هل ٽاپ تي ٿيو. اجلاس ۾ سکر ميونسپل ڪارپوريشن ٽائون جي يوسي چيئرمين ۽ ٻين عورتن پڻ شرڪت ڪئي. اجلاس ۾ ميئر سکر ارسلان اسلام شيخ مون سون برساتن جي امڪاني صورتحال کي نظر ۾ رکندي ڪميٽي ٺاهي جنهن ۾ ايس ايم سي ميمبر ايڊووڪيٽ فرح بلوچ، گل محمد ملڪ، انجنيئر نعمان ۽ ٻيا شامل هئا. ارسلان شيخ قائم ڪيل ڪميٽي جي ميمبرن کي برساتي پاڻي جي نيڪال لاءِ مختلف علائقن ۾ مدد پهچائڻ جي پڻ هدايت ڪئي. ان موقعي تي ميمبر سکر ميونسپل ڪارپوريشن ايڊووڪيٽ فرح بلوچ چيو ته مان ممڪنه برساتن کي منهن ڏيڻ لاءِ حفاظتي اپاءَ وٺڻ جي ڪوشش ڪندس. ميئر سکر جي طرفان ڪميٽي ۾ پنهنجو نالو شامل ڪرڻ تي فخر محسوس ٿي رهيو آهي. مان جيڪا ذميواري سونپي آهي ان کي پورو ڪرڻ جي ڪوشش ڪندس.

بقايا | سنڌيار | 30

ٻن عورتن مسمات ف پاڻ محمد اويس پاڻ معين الدين پاڻ سميت چارڄڻا زخمي ٿي پيا جنڪي رورل هيلٿ سينٽر ٺاروشاهه ۾ داخل ڪيو ويو ان موقعي تي احتجاج ڪندي زين العابدين پاڻ شنڦت پاڻ اويس پاڻ ۽ ٻين چيو ته ڳوٺ جا بااثر حافظ عتيق پاڻ رفيق خليل نويد پاڻ بلدياتي اليڪشن کان وٺي اسان خلاف سوشل ميڊيا تي پوسٽون هلائيندا هئا جنهنجي پوسٽ تي اسان هڪ ڪمينٽ ڪيو ته هنن لٺين ڪهاڙين سان گهر تي حملو ڪري عورتن ۽ مردن کي زخمي ڪري ڇڏيو اهڙي اين سي ٺاروشاهه ٿاڻي تي داخل ڪرائي ۽ پوليس به هنن خلاف ڪابه ڪاروائي ڪرڻ لاءِ تيار نه آهي هنن چيو ته فوري طور حملي آورن کي گرفتار ڪري انصاف ڪيو وڃي نه ته ٻي صورت ۾ ايس ايس پي نوشهروفيروز جي آفيس آڏو سخت احتجاج ڪيو ويندو

بقايا | سنڌيار | 31

ڪوچ کي پنوعاقل شهر ۾ بائيجي چوڪ وٽ اوچتو باهه لڳي وئي، مسافرن کي فوري طور ڪوچ مان لاٿو ويو جڏهن ته باهه سبب ڪوچ سڙي رک ٿي وئي، ڊرائيور موجب ته مسافر ڪوچ ڪراچي کان پنجاب وڃي رهي هئي ته اوچتو باهه لڳي ويس، مسافرن جو سامان سڙي رک ٿي ويو آهي جڏهن ته پسينجرن کي ڪڍڻ بعد ڊرائيور فرار ٿي ويو، اطلاع تي فائر برگيڊ گاڏين پهچي ڪري باهه تي ڪنٽرول ڪيو

بقايا | سنڌيار | 32

چوڪ تان موٽرسائيڪل چوري ڪندڙ جوابدارن جي سي سي ٽي وي فوٽو ذريعي پوليس مجرمن تائين پهچڻ ۾ ڪاميابي حاصل ڪئي ان سلسلي ۾ SHO ٺٽون ڪوٽ محمد اسلم جمالي ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته گرفتار ملزم دلبر پٽ محمد نواز اسحاق پٽ علي خان گرگيز جيل ڪسٽڊي ۾ آهن سندن نشاندهي تي وڌيڪ 7 چوري جون موٽرسائيڪلون هٿ آيون آهن پر اجان تائين ڪو به ايف آءِ آر ڪترائڻ لاءِ ٿاڻي تي نه آيو جيئن ئي فريادي آيو ته ٻي ايف آءِ آر داخل ڪئي ويندي

بقايا | سنڌيار | 33

شهر ۾ لوٽ ڦرون روزانو جو معمول بڻيل آهن گنبت جي واپاري بشير احمد شيخ گنبت ميڊيا سينٽر تي ڌانهيندي چيو ته ڪجهه مهينا ٻهريان منهنجي هڪ ٻهريان به موٽرسائيڪل چوري ٿي هئي اها به واپسي نه ملي آهي ۽ اڄ صبح 8 بجي منهنجي گهر جي در اندران سي ڊي موٽرسائيڪل چوري ٿي آهي گنبت ٿاڻي تي به رپورٽ جمع ڪرائي آهي پر اتان ڪائي سني موٽ نه ملي آهي تنهن ڪري مجبور ٿي مان گنبت ميڊيا سينٽر تي آيو آهيان اعلا اختيارن کان مان مطالبو ٿو ڪيان ته منهنجون چوري ٿيل موٽرسائيڪلون واپس ڪرائي ڏنيون وڃن نه ته ٻي صورت ۾ اسين مجبور ٿي گنبت واپاري ملي ڪري احتجاج جو ڏاڍو وڌائينداسين ۽ شٽر بند هڙتال ڪنداسين.

بقايا | سنڌيار | 34

ٿرپارڪر سميت ٿرپارڪر پوليس، صحت کاتي، بي بي ايڇ آئي ۽ ٻيا لاڳاپيل ادارا ٿرپارڪر ۾ اهڙن واقعن تي ڪنٽرول ڪرڻ جي لاءِ سنجيدگي سان ڪم ڪري رهيا آهن هن چيو ته سنڌ مينٽل اٿارٽي کي به انهي حوالي سان درخواست ڪريون ٿا ته اهي به پنهنجون مخصوص ٽيمون ٿرپارڪر موڪلي ۽ سنڌ مينٽل اٿارٽي مناسب نيوروولاجسٽ ۽ سائيڪولاجسٽ سان گڏ هڪ ريسڪيو سينٽر قائم ڪيو وڃي ته جيئن ٿرپارڪر ۾ ذهني مريضن جي علاج ۽ مشاورت ۾ سهولت ٿي سگهي ۽ ان سان گڏوگڏ ٿرپارڪر ۾ ٿيندڙ خودڪشي جي واقعن تي ڪنٽرول ڪري سگهجي.

بقايا | سنڌيار | 35

چيو آهي ته ٽن سالن کان کيهڪي شاخ جي ڪاٽي نه ٿيڻ ڪري پاڻي پوڇڙ ۾ نه ٿو پهچي پاڻي پوڇڙ تائين نه پهچڻ ڪري اسان جون سرسبز شاداب زمينون بنجر بڻجي ويون آهن اسان جي سارين جو بيجارو سڙي رک ٿي ويو آهي سوين ايڪڙن تي بيٺل ڀيو فصل به پاڻي نه هئڻ ڪري سڙي تباهه ٿي ويو آهي هڪ پاسي پاڻي جي کوٽ آهي ته وري ٻئي پاسي جيڪڏهن واري جو پاڻي ملي ٿو ته اهو به پوڇڙ تائين نه ٿو ٿئي هن ڳڻ هوند کيهڪي شاخ کي بااثر ماڻهو پنهنجي ذاتي جاگير سمجهيو ويٺا آهن شاخ کي وڏا ڳنڍا هڻي لفٽ مشينون رکي ڇڏيون اٿن جيڪي غير قانوني مڇي جا تلاءَ پري رهيا آهن شاخ کي ڳنڍا هڻڻ ڪري اسان جي زمينن تي پاڻي نه ٿو پهچي ايريگيشن سب ڊويزن ٺٽو جي عملدارن جي ملي ڀڳت سان بااثر ماڻهو شاخ کي غير قانوني ڳنڍا هنيو ويٺا آهن ۽ شاخ مٿان غير قانوني مشينون هلي رهيون آهن کيهڪي شاخ تي مقرر بيلدار داروغا پاڻي وڪرو ڪري رهيا آهن هنن چيو ته اسان وٽ پاڻي نه پهچڻ ڪري اسان جو چوپايو مال پڻ اڄ مري رهيو آهي ته ٻئي پاسي وري اسان وٽ پيئڻ لاءِ پاڻي به ميسر ناهي اسان جون زمينون سڪي ٽوٽ ٿي ويون آهن لکين روپين جو ساريال جو بيجو سڙي ويو آهي هنن چيو ته هر سال اسان زميندار پاڻ ۾ ڦوڙي ڪري شاخ جي ڪاٽي ڪرائيندا آهيون جڏهن ته ايريگيشن عملدار اچڻ جي زحمت ئي نه ڪندا آهن بااثر زميندارن ايريگيشن عملي جي ملي ڀڳت سان شاخ جا بندر ڪوٽائي زمينون آباد ڪري ڇڏيون آهن ڳوٺاڻن جا لنگ بند ڪيا ويا آهن هنن چيو ته هن شاخ تي مقرر بيلدار عبدالله ڪاتيار شاخ کي پنهنجي ذاتي جاگير سمجهيو ويٺو آهي سندس پاءُ اسماعيل ڪاتيار شاخ کي ڳنڍو هڻي غير قانوني مشينون رکي پنهنجا تلاءَ پري رهيو آهي اسان کي ٽن مهينن کان پاڻي نه مليو آهي هنن چيو ته اسان آبپاشي کاتي جي صوبائي وزير، انجنيئر ايريگيشن ٺٽو ۽ ڊي سي ٺٽو کان مطالبو ٿا ڪريون ته فورن تي نوٽيس وٺي کيهڪي شاخ تان بااثر ماڻهن جو قبضو ختم ڪرايو وڃي غيرقانوني پائپ ڪٽندڙن ۽ مشينون هلائيندڙن خلاف ۽ شاخ کي ڳنڍا هڻندڙن بااثر زميندارن خلاف قانوني قدم کڻي ڪيس داخل ڪيو وڃي شاخ جي ڪاٽي ڪرائي ڏني وڃي ۽ ٽيل تائين پاڻي پهچايو وڃي ٻي صورت ۾ اسان عدالت جو در کڙڪائينداسين

بقايا | سنڌيار | 36

۾ حڪومت جي اجازت سان اسلام مخالف انتها پسندن پاران قرآن پاڪ جي بي حرمتي ۽ ساڙڻ جي ڪوشش خلاف سڄي دنيا جا مسلمان سراپا احتجاج آهن. ان افسوسناڪ واقعي ۽ سويڊن حڪومت خلاف پاڪستان جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ احتجاج جاري آهي. جماعت اهلسنت ۽ ملير جي علماءِ ڪرام پاران علامه ڊاڪٽر سيد عبدالوهاب قادري جي اڳواڻي ۾ ملير قائد پارڪ ۾ احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو. جنهن ۾ مولانا محمد عدنان الاهي، مولانا محمد عرفان نقشبندي، مولانا حسن عظيم قادري، مولانا ناصر ميمڻ، مولانا نصير ميمڻ ۽ ٻين شرڪت ڪئي. حسين نعيمي، مولانا محمد فيضان قادري، مولانا محمد اويس عظيم قادري، مولانا محمد اسامه رضوي، مولانا محمد سهيل قاسمي، مولانا محمد آفتاب قادري، مولانا ارقم مصطفيٰ اعظمي، صوفي عبدالرق رهبري، سماجي اڳواڻ زاهد رحيم، حافظ محمد وقاص، اسڪائوٽ اڳواڻ محمد سميع، بلال موري K. کان علاوه مسجدن جي امامن، خطيبن ۽ ماڻهن جي وڏي انگ شرڪت ڪئي. علامه سيد عبدالوهاب قادري پنهنجي خطاب ۾ اسلام دشمن يهودين ۽ عيسائين جي ان شرمناڪ ۽ افسوسناڪ واقعي جي سخت لفظن ۾ مذمت ڪئي ۽ چيو ته اها انهن جي هڪ وڏي سازش آهي. مسلمانن کي گهرجي ته هو ان جو اهڙو جواب ڏين ته جيئن هو ان جو جواز پيدا ڪري سگهن. مسلمانن جي خلاف اسلامي ملڪن جي بي حس حڪمرانن جي اهڙي رويي جي سخت لفظن ۾ مذمت ڪيون ٿا. ڪيس هڪ شخص جي حيثيت ۾ واپس موڪليو وڃي. سويڊن سان سيني واپاري معاهدن جو خاتمو. حڪومت کي گهرجي ته هن معاملي کي فوري طور گڏيل قومن ۾ اٿاري. آخرڪار، هي پرچم سويڊن جي حڪومت جي خلاف نفرت جي اظهار طور ساڙيو ويو پير عبدالرزاق به محبوب اسلام جي سربلندي، پاڪستان ۾ مصطفيٰ صلي الله عليه وآلہ وسلم جي فرمانبرداري، امت مسلمه جي اتحاد، پاڪستان جي استحڪام، امن ۽ پائيداري جي لاءِ دعا به ڪئي.

بقايا | سنڌيار | 37

سرتاج سومرو، اسد الله جروار ۽ ٻين ڪئي. لاڙڪاڻو رتوديرو، باقراڻي ۽ ڏوڪري تعلقن جا اميدوار احتجاج ۾ شامل هئا تعليم کاتي جا ڪامورا اسان 40 کان وڌيڪ مارڪون کڻندڙ اميدوارن کي آسري ۽ ترسائي پنهنجي مرضيءَ سان لسٽن ۾ هيرا ڦيري ڪري مرضيءَ موجب ماڻهن کي آرڊر جاري ڪري اسان جي حقن جي لتاڙ ڪري رهيا آهن. اڄ پتوهائوس تي ايم پي اي فريال ٽالپر جي موجودگي جي اطلاع تي هتي پهتا آهيون ته جيئن اسان پارٽي قيادت کي آگاهه ڪري سگهون ته تعليم کاتي جا ڪامورا انهن جي روئڻ سان کهڙي ويڙهه ڪري رهيا آهن لاڙڪاڻي ضلعي جي چئني تعلقن جي ايس اين اي ظاهر نٿي ڪئي وڃي ۽ نه ئي ٽينٽيٽو لسٽ ظاهر ڪئي پئي وڃي جنهن ڪري اسان کي خدشا آهن ته ميرٽ تي پاس ٿيندڙ اميدوارن سان ويساهه گهاتي ڪري حق ڦٻايا ويندا. اسان پ پ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري ۽ ايم پي اي فريال ٽالپر جا ووٽر ۽ سپورٽر آهيون. تعليم کاتي جي ڪامورا شاهي پاران ٿيندڙ ناجائزين تي خاموش ٿي نه ويهنداسين پ پ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري ۽ ايم پي اي فريال ٽالپر هن مامري جو فوري نوٽيس وٺي اسان کي پنهنجا حق ڏياري آرڊر جاري ڪرائي. ٻي صورت ۾ احتجاجي تحريڪ جاري رکي ويندي.

بقايا | سنڌيار | 38

گڏيل اجلاس کي خطاب ڪندي ڪمشنرمحمد عباس بلوچ چيو ته موسميات کاتي پاران مون سون جي امڪاني برساتن جي اڳڪٿي ڪئي وئي آهي انهي لاءِ ٽنهي ضلعن جي انتظاميه ۽ سمورا لاڳاپيل کاتا امڪاني برسات کي منهن ڏيڻ ۽ عوام کي ريليف فراهم ڪرڻ لاءِ ضلع ۽ تعلقي ليول تي 10 جولاءِ کان 10 سيپٽمبر تائين ٻن مهينن تائين ڪنٽرول روم قائم ڪيا وڃن جڏهن ته ميونسپل ۽ ٽائون انتظاميه، اسڪارپ، آبپاشي، پبلڪ هيلٿ سميت لاڳاپيل کاتا برساتي پاڻي جي نيڪال لاءِ اسٽرام ڊرين، نالن ۽ سر نالن جي ڪاٽي، پمپنگ اسٽيشنز تي مشينري، جنريٽر ۽ تيل جي موجودگي سميت سمورا گهربل انتظام مڪمل ڪري ڪانٽجنسي پلان ڪمشنر آفيس ۾ جمع ڪرائين ته جيئن رهيل انتظامن کي وقت تي مڪمل ڪري عوام کي برسات دوران تڪليفن کان بچائي سگهجي ڪمشنر ٽنهي ضلعن جي ڊپٽي ڪمشنرن کي هدايت ڪئي ته ميونسپل، ٽائون ۽ يوسي سطح تي چونڊيل نمائندن سان ويجهي رابطي ۾ رهندي سمورن ڊرينيج ڊسپوزل تي مشينري جي موجودگي ۽ پاڻي جي نيڪال لاءِ قدم کنيا وڃن هن ڪين اها پڻ هدايت ڪئي ته ڊسٽرڪٽ ڊزاسٽر مينيجمنٽ اٿارٽي کي فوري طور فعال بڻايو وڃي ريليف جي سامان سميت عملي ۽ مشينري جي موجودگي لاءِ پڻ قدم کنيا وڃن جڏهن ته مون سون جي برساتن دوران صحت، آبپاشي، ميونسپل، پبلڪ هيلٿ، لائيو اسٽاڪ سميت ٻين ضروري سروسز فراهم ڪندڙ کاتن جي عملدارن ۽ عملي جون موڪلون رد ڪيون وڃن جڏهن ته ريلوي، اين ايڇ اي سميت وفاقي ادارن جي عملدارن سان پڻ ضلع سطح تي رابطي کي بحال رکيو وڃي ته روڊ ۽ ريل ذريعي آمدرفت کي جاري رکي سگهجي ڪمشنر ڊپٽي ڪمشنر شهيد بينظيرآباد ۽ نوشهروفيروز کي هدايت ڪئي ته درياءَ سنڌ ۾ امڪاني ٻوڏ کي نظر ۾ رکندي لاڳاپيل عملدارن سان گڏجي حفاظتي بندن جو دورو ڪري حفاظتي بندن جي مظبوطي لاءِ قدم کڻن اجلاس ۾ ٽنهي ضلعن جي ڊپٽي ڪمشنرن پاران امڪاني برسات کي منهن ڏيڻ لاءِ ڪيل تياري بابت آگاهي ڏني جڏهن ته گذريل برساتن دوران تباهه ٿيل گهرن جي ٻيهر تعمير واري ڪم جي هن وقت تائين ٿيل پروگريس رپورٽ پيش ڪئي جڏهن ته ٻي ڊي اسڪارپ امجد ميمڻ ۽ ايس اي آبپاشي روهڙي سرڪل ظهيراحمد ميمڻ پاران سر نالن جي ڪاٽي ۽ ڪينالن جي بندن جي مضبوطي بابت آگاهي ڏني اجلاس کي خطاب ڪندي ڊي آءِ جي پوليس محمد يونس چانڊيو چيو ته امڪاني برسات ۽ ٻوڏ دوران ڪنهن به هنگامي حالت کي منهن ڏيڻ ۽ امن امان جي صورتحال کي برقرار رکڻ لاءِ ڪانٽجنسي پلان جوڙيو ويو آهي انهي سلسلي ۾ سنڌ پوليس پاران انتظاميه سان هر ممڪن تعاون ڪيو ويندو، اجلاس ۾ ايڊيشنل ڪمشنر ون سياش چندر، ايڊيشنل ڪمشنر ٽو فياض حسين راهوجو، ڊپٽي ڪمشنر شهيد بينظيرآباد شهريارگل ميمڻ، ڊپٽي ڪمشنر سانگهڙ محمد اسحاق گاد، ڊپٽي ڪمشنر نوشهروفيروز شاهزيب شيخ، مئير قاضي محمد رشيد ڀٽي، ريجنل ڊائريڪٽر لوڪل گورنمينٽ ذاڪر حسين راڏڻ، ايس اي حيسڪو ذوالفقار ميمڻ، ڊائريڪٽر هيلٿ سروسز ڊاڪٽر غلام مصطفيٰ، ڊپٽي ڊائريڪٽر لائيو اسٽاڪ ڊاڪٽر اعجازحسين لغاري، ڊپٽي ڊائريڪٽر انفارميشن غلام عباس گوراهو سميت مختلف کاتن جي آفيسرن شرڪت ڪئي.

بقايا | سنڌيار | 39

پنج نمبر ناڪي تي چوڌري عبدالرزاق آرائين پاران منعقد ڪيل ڪرايل جلسي کي خطاب ڪندي چوڌري عبدالرزاق چيو ته لنڊ گروپ کي 360 اسڪيمن جا افتتاح ڪرڻا آهن. جن لاءِ اسين ڪوشش ڪريون پيا ته جلد کان جلد افتتاح ڪري سگهون. هوڏانهن جلسي کي خطاب ڪندي اين اي 204 جي ايم اين اي سردار مير خالد احمد خان لنڊ چيو ته ڪجهه ماڻهو سياست ۾ اخلاق کان ڪريل حرڪتون ڪري رهيا آهن ۽ اسان جي ماڻهن کي گندا لفظ ڳالهايا پيا وڃن هن وارننگ ڏيندي چيو ته سياست ڪرڻ هر ڪنهن جو حق آهي پر ڪنهن کي بدمعاشي ڪرڻ نه ڏينداسين زبان جي دائري ۾ رهي هر ڪو ڳالهائي سگهو ٿو هن چيو ته ماڙي پيٽروليم جي تعاون سان علائقي جي ڪمن لاءِ جيڪي فنڊز مليا اهي اسين عوام تي خرچ ڪيا آهن. ان ۾ ڏهرڪي واسين کي بينظير ڀٽو پبلڪ پارڪ، مين جي ٽي روڊ، درجنين ڪالونين ۾ سي سي پيور بلاڪ، مختلف يوسين ۾ سوين ترقياتي منصوبا ڏنا آهن. ڪيترائي آر او پلانٽ ڏنا آهن ته جيئن ماڻهو صاف پاڻي وآبپاڻي بيمارين کان بچي سگهن. هن چيو ته اسان جو عوام سان روح جو رشتو آهي، جيڪو ڪم ڪري ٿو ان مٿان ٺلول ۽ مشڪلاتون ضرور اينديون آهن. پر منهنجي ٽيم محنتي آهي ان کي مشڪلاتن کي منهن ڏيڻ جاڻي ٿي. هن چيو ته آئون اڪيلائي محسوس ڪندي پنهنجي پٽن کي تعليم اڌ ۾ ڇڏائي عوام جي خدمت ڪرڻ لاءِ وقف ڪري ڇڏيو. ميرپورماٿيلو شهباز خان، ڏهرڪي نور محمد خان ۽ اوباوڙو سردار خان لنڊ حوالي ڪيو ته جيئن اوهان دوستن جا مسئلا فوري حل ٿي سگهن. تقريب ۾ لنڊ گروپ ترجمان ڊاڪٽر انعام لنڊ، مختلف واردن جي ڪونسلرن ميان محمد احمد رضا رحيم، حاجي پير بخش ڀٽي، چوڌري عارف آرائين ۽ سردار مير بهادر يارخان شر، مکي نامو مل، مکي انيل، ڪنلاش، پ پ تعلقي صدر ميان عبدالرشيد قادري سميت پ پ ورڪرن ۽ عهديدارن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي

بقايا | سنڌيار | 40

تسليم ڪرائڻ لاءِ ب ٽ الف جي مرڪزي اڳواڻ شفيع محمد سليو، سڪندر جتوئي، عتيق الرحمان، ميدم انيتا، شاهنواز مهر، عارف قريشي، ٻجل سومرو، طفيل ميمڻ ۽ ٻين جي اڳوائي ۾ سوين استادن جو پيادل لانگ مارچ قافلو درگاهه شاهه عبدالڪريم تي چادر چاڙهي سنڌ جي خوشحالي ترقي، استادن جي جائز مطالبن کي تسليم ڪرائڻ لاءِ جدوجهد جي ڪاميابي لاءِ اجتماعي دعا گهري پيادل لانگ مارچ قافلو بلڙي شاهه ڪريم کان سفر شروع ڪري صوفين جي سرتاج شهيد صوفي شاهه عنايت جي جهوڪ واري نگري ۾ پهچي ويو، جتي استادن پيادل قافلي جي پانديڙن جي گلن جي ورکا سان شاندارن آجيان ڪئي، پيادل لانگ مارچ قافلي جي ميڙاڪي کي اڳواڻن خطاب ڪندي چيو ته سنڌ جي استادن سان هر دور ۾ ناانصافين جي انتها ڪئي ويئي آهي، سنڌ سرڪار سنڌ جي استادن جي احتجاج ڪيل لانگ مارچن دوران سنڌ اسيمبلي جي فلور تان وزيراعليٰ سنڌ ڪانٽريڪٽ تي ڀرتي ڪيل ملازمن کي پڪو ڪرڻ جو اعلان ڪري ان تي ڪو به عمل نه ڪرايو، جنهن جي ڪري هاڻي بنا دير استادن کي تاريخ مقرري کان اپ گريڊ ڪرڻ، سروس اسٽريڪچر ڏيڻ، بي ايم ايس ايس جي تحت استادن جي تذليل ڪرڻ جو سلسلو بند ڪرڻ، بائيو ميٽرڪ کي سنڌ جي سمورن ضلعن تائين محدود ڪرڻ، ڪراچي ۾ بائيوميٽرڪ ڪرائڻ کي بند ڪرڻ، ڪئمپس، مرچ، حب ڪلسٽر اسڪولن کي ساڳئي پرائمري اپ گريڊ ۾ تبديل ڪرڻ، هيڊماسترن جي الائونس لڳائڻ، سنڌ جي ٽريزري آفيسن ۾ سرعام رشوت وٺڻ جي خلاف قانوني ڪارروائي ڪرڻ، رٽائرڊ استادن کي ٻهرين مهيني ۾ سندن رٽائرمينٽ جي مراعتن جي ادائيگي ڪرڻ، گروپ انشورنس شروع ڪرڻ، لائسنس پاليسي کي رد ڪرڻ سميت سنڌ جي استادن سان ٿيندڙ ناانصافين کي بند ڪري ملڪ جي ٻين صوبن پنجاب، خيبرپختونخواهه، بلوچستان جي پاليسي تحت سنڌ جي استادن کي مراعتون ڏيارڻ لاءِ پيادل لانگ مارچ قافلو هر حالت ۾ 12 جولاءِ بروز اربع واري ڏينهن سنڌ جي راڄڌاني واري شهر ڪراچي پهچي سي ايم هائوس آڏو مطالبن کي تسليم ڪرائڻ تائين ڌرڻو جاري رکيو ويندو، سنڌ جي استادن سان پرامن احتجاج دوران ڪو به تشدد جو واقعو پيش آيو ته حڪمرانن جي گهرن آڏو احتجاج ڪرڻ سان گڏ سنڌ جا روڊ رستا بند ڪري سراپا احتجاج ڪيو ويندو، پيادل لانگ مارچ قافلو اڄ وري جهوڪ شريف کان پيادل سفر شروع ڪري بلوڙي ڏانهن روانو ٿيندو.

بقايا | سنڌيار | 41

پنج نمبر ناڪي تي چوڌري عبدالرزاق آرائين پاران منعقد ڪيل ڪرايل جلسي کي خطاب ڪندي چوڌري عبدالرزاق چيو ته لنڊ گروپ کي 360 اسڪيمن جا افتتاح ڪرڻا آهن. جن لاءِ اسين ڪوشش ڪريون پيا ته جلد کان جلد افتتاح ڪري سگهون. هوڏانهن جلسي کي خطاب ڪندي اين اي 204 جي ايم اين اي سردار مير خالد احمد خان لنڊ چيو ته ڪجهه ماڻهو سياست ۾ اخلاق کان ڪريل حرڪتون ڪري رهيا آهن ۽ اسان جي ماڻهن کي گندا لفظ ڳالهايا پيا وڃن هن وارننگ ڏيندي چيو ته سياست ڪرڻ هر ڪنهن جو حق آهي پر ڪنهن کي بدمعاشي ڪرڻ نه ڏينداسين زبان جي دائري ۾ رهي هر ڪو ڳالهائي سگهو ٿو هن چيو ته ماڙي پيٽروليم جي تعاون سان علائقي جي ڪمن لاءِ جيڪي فنڊز مليا اهي اسين عوام تي خرچ ڪيا آهن. ان ۾ ڏهرڪي واسين کي بينظير ڀٽو پبلڪ پارڪ، مين جي ٽي روڊ، درجنين ڪالونين ۾ سي سي پيور بلاڪ، مختلف يوسين ۾ سوين ترقياتي منصوبا ڏنا آهن. ڪيترائي آر او پلانٽ ڏنا آهن ته جيئن ماڻهو صاف پاڻي وآبپاڻي بيمارين کان بچي سگهن. هن چيو ته اسان جو عوام سان روح جو رشتو آهي، جيڪو ڪم ڪري ٿو ان مٿان ٺلول ۽ مشڪلاتون ضرور اينديون آهن. پر منهنجي ٽيم محنتي آهي ان کي مشڪلاتن کي منهن ڏيڻ جاڻي ٿي. هن چيو ته آئون اڪيلائي محسوس ڪندي پنهنجي پٽن کي تعليم اڌ ۾ ڇڏائي عوام جي خدمت ڪرڻ لاءِ وقف ڪري ڇڏيو. ميرپورماٿيلو شهباز خان، ڏهرڪي نور محمد خان ۽ اوباوڙو سردار خان لنڊ حوالي ڪيو ته جيئن اوهان دوستن جا مسئلا فوري حل ٿي سگهن. تقريب ۾ لنڊ گروپ ترجمان ڊاڪٽر انعام لنڊ، مختلف واردن جي ڪونسلرن ميان محمد احمد رضا رحيم، حاجي پير بخش ڀٽي، چوڌري عارف آرائين ۽ سردار مير بهادر يارخان شر، مکي نامو مل، مکي انيل، ڪنلاش، پ پ تعلقي صدر ميان عبدالرشيد قادري سميت پ پ ورڪرن ۽ عهديدارن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي

بقايا | سنڌيار | 42

چيو آهي ته ٽن سالن کان کيهڪي شاخ جي ڪاٽي نه ٿيڻ ڪري پاڻي پوڇڙ ۾ نه ٿو پهچي پاڻي پوڇڙ تائين نه پهچڻ ڪري اسان جون سرسبز شاداب زمينون بنجر بڻجي ويون آهن اسان جي سارين جو بيجارو سڙي رک ٿي ويو آهي سوين ايڪڙن تي بيٺل ڀيو فصل به پاڻي نه هئڻ ڪري سڙي تباهه ٿي ويو آهي هڪ پاسي پاڻي جي کوٽ آهي ته وري ٻئي پاسي جيڪڏهن واري جو پاڻي ملي ٿو ته اهو به پوڇڙ تائين نه ٿو ٿئي هن ڳڻ هوند کيهڪي شاخ کي بااثر ماڻهو پنهنجي ذاتي جاگير سمجهيو ويٺا آهن شاخ کي وڏا ڳنڍا هڻي لفٽ مشينون رکي ڇڏيون اٿن جيڪي غير قانوني مڇي جا تلاءَ پري رهيا آهن شاخ کي ڳنڍا هڻڻ ڪري اسان جي زمينن تي پاڻي نه ٿو پهچي ايريگيشن سب ڊويزن ٺٽو جي عملدارن جي ملي ڀڳت سان بااثر ماڻهو شاخ کي غير قانوني ڳنڍا هنيو ويٺا آهن ۽ شاخ مٿان غير قانوني مشينون هلي رهيون آهن کيهڪي شاخ تي مقرر بيلدار داروغا پاڻي وڪرو ڪري رهيا آهن هنن چيو ته اسان وٽ پاڻي نه پهچڻ ڪري اسان جو چوپايو مال پڻ اڄ مري رهيو آهي ته ٻئي پاسي وري اسان وٽ پيئڻ لاءِ پاڻي به ميسر ناهي اسان جون زمينون سڪي ٽوٽ ٿي ويون آهن لکين روپين جو ساريال جو بيجو سڙي ويو آهي هنن چيو ته هر سال اسان زميندار پاڻ ۾ ڦوڙي ڪري شاخ جي ڪاٽي ڪرائيندا آهيون جڏهن ته ايريگيشن عملدار اچڻ جي زحمت ئي نه ڪندا آهن بااثر زميندارن ايريگيشن عملي جي ملي ڀڳت سان شاخ جا بندر ڪوٽائي زمينون آباد ڪري ڇڏيون آهن ڳوٺاڻن جا لنگ بند ڪيا ويا آهن هنن چيو ته هن شاخ تي مقرر بيلدار عبدالله ڪاتيار شاخ کي پنهنجي ذاتي جاگير سمجهيو ويٺو آهي سندس پاءُ اسماعيل ڪاتيار شاخ کي ڳنڍو هڻي غير قانوني مشينون رکي پنهنجا تلاءَ پري رهيو آهي اسان کي ٽن مهينن کان پاڻي نه مليو آهي هنن چيو ته اسان آبپاشي کاتي جي صوبائي وزير، انجنيئر ايريگيشن ٺٽو ۽ ڊي سي ٺٽو کان مطالبو ٿا ڪريون ته فورن تي نوٽيس وٺي کيهڪي شاخ تان بااثر ماڻهن جو قبضو ختم ڪرايو وڃي غيرقانوني پائپ ڪٽندڙن ۽ مشينون هلائيندڙن خلاف ۽ شاخ کي ڳنڍا هڻندڙن بااثر زميندارن خلاف قانوني قدم کڻي ڪيس داخل ڪيو وڃي شاخ جي ڪاٽي ڪرائي ڏني وڃي ۽ ٽيل تائين پاڻي پهچايو وڃي ٻي صورت ۾ اسان عدالت جو در کڙڪائينداسين

بقايا | سنڌيار | 43

گڏيل اجلاس کي خطاب ڪندي ڪمشنرمحمد عباس بلوچ چيو ته موسميات کاتي پاران مون سون جي امڪاني برساتن جي اڳڪٿي ڪئي وئي آهي انهي لاءِ ٽنهي ضلعن جي انتظاميه ۽ سمورا لاڳاپيل کاتا امڪاني برسات کي منهن ڏيڻ ۽ عوام کي ريليف فراهم ڪرڻ لاءِ ضلع ۽ تعلقي ليول تي 10 جولاءِ کان 10 سيپٽمبر تائين ٻن مهينن تائين ڪنٽرول روم قائم ڪيا وڃن جڏهن ته ميونسپل ۽ ٽائون انتظاميه، اسڪارپ، آبپاشي، پبلڪ هيلٿ سميت لاڳاپيل کاتا برساتي پاڻي جي نيڪال لاءِ اسٽرام ڊرين، نالن ۽ سر نالن جي ڪاٽي، پمپنگ اسٽيشنز تي مشينري، جنريٽر ۽ تيل جي موجودگي سميت سمورا گهربل انتظام مڪمل ڪري ڪانٽجنسي پلان ڪمشنر آفيس ۾ جمع ڪرائين ته جيئن رهيل انتظامن کي وقت تي مڪمل ڪري عوام کي برسات دوران تڪليفن کان بچائي سگهجي ڪمشنر ٽنهي ضلعن جي ڊپٽي ڪمشنرن کي هدايت ڪئي ته ميونسپل، ٽائون ۽ يوسي سطح تي چونڊيل نمائندن سان ويجهي رابطي ۾ رهندي سمورن ڊرينيج ڊسپوزل تي مشينري جي موجودگي ۽ پاڻي جي نيڪال لاءِ قدم کنيا وڃن هن ڪين اها پڻ هدايت ڪئي ته ڊسٽرڪٽ ڊزاسٽر مينيجمنٽ اٿارٽي کي فوري طور فعال بڻايو وڃي ريليف جي سامان سميت عملي ۽ مشينري جي موجودگي لاءِ پڻ قدم کنيا وڃن جڏهن ته مون سون جي برساتن دوران صحت، آبپاشي، ميونسپل، پبلڪ هيلٿ، لائيو اسٽاڪ سميت ٻين ضروري سروسز فراهم ڪندڙ کاتن جي عملدارن ۽ عملي جون موڪلون رد ڪيون وڃن جڏهن ته ريلوي، اين ايڇ اي سميت وفاقي ادارن جي عملدارن سان پڻ ضلع سطح تي رابطي کي بحال رکيو وڃي ته روڊ ۽ ريل ذريعي آمدرفت کي جاري رکي سگهجي ڪمشنر ڊپٽي ڪمشنر شهيد بينظيرآباد ۽ نوشهروفيروز کي هدايت ڪئي ته درياءَ سنڌ ۾ امڪاني ٻوڏ کي نظر ۾ رکندي لاڳاپيل عملدارن سان گڏجي حفاظتي بندن جو دورو ڪري حفاظتي بندن جي مظبوطي لاءِ قدم کڻن اجلاس ۾ ٽنهي ضلعن جي ڊپٽي ڪمشنرن پاران امڪاني برسات کي منهن ڏيڻ لاءِ ڪيل تياري بابت آگاهي ڏني جڏهن ته گذريل برساتن دوران تباهه ٿيل گهرن جي ٻيهر تعمير واري ڪم جي هن وقت تائين ٿيل پروگريس رپورٽ پيش ڪئي جڏهن ته ٻي ڊي اسڪارپ امجد ميمڻ ۽ ايس اي آبپاشي روهڙي سرڪل ظهيراحمد ميمڻ پاران سر نالن جي ڪاٽي ۽ ڪينالن جي بندن جي مضبوطي بابت آگاهي ڏني اجلاس کي خطاب ڪندي ڊي آءِ جي پوليس محمد يونس چانڊيو چيو ته امڪاني برسات ۽ ٻوڏ دوران ڪنهن به هنگامي حالت کي منهن ڏيڻ ۽ امن امان جي صورتحال کي برقرار رکڻ لاءِ ڪانٽجنسي پلان جوڙيو ويو آهي انهي سلسلي ۾ سنڌ پوليس پاران انتظاميه سان هر ممڪن تعاون ڪيو ويندو، اجلاس ۾ ايڊيشنل ڪمشنر ون سياش چندر، ايڊيشنل ڪمشنر ٽو فياض حسين راهوجو، ڊپٽي ڪمشنر شهيد بينظيرآباد شهريارگل ميمڻ، ڊپٽي ڪمشنر سانگهڙ محمد اسحاق گاد، ڊپٽي ڪمشنر نوشهروفيروز شاهزيب شيخ، مئير قاضي محمد رشيد ڀٽي، ريجنل ڊائريڪٽر لوڪل گورنمينٽ ذاڪر حسين راڏڻ، ايس اي حيسڪو ذوالفقار ميمڻ، ڊائريڪٽر هيلٿ سروسز ڊاڪٽر غلام مصطفيٰ، ڊپٽي ڊائريڪٽر لائيو اسٽاڪ ڊاڪٽر اعجازحسين لغاري، ڊپٽي ڊائريڪٽر انفارميشن غلام عباس گوراهو سميت مختلف کاتن جي آفيسرن شرڪت ڪئي.

روزاني سنڌيار کي نمائندا گهرجن



روزاني سنڌيار
ايڊيٽر اعجاز مهر
Reg No 2677
ABC Certified
ڪراچي
Daily SINDHYAR Karachi
NTN 4129440-8 www.dailysindhyar.com

سنڌ جي ننڍن وڏن شهرن لاءِ روزاني سنڌيار کي پڙهيل لکيل ٽيڪنالوجي فرينڊلي نمائندن جي ضرورت آهي. روزاني سنڌيار ڪراچي سان گڏوگڏ روزاني سنڌيار سکر به شروع ٿي وئي آهي. روزاني سنڌيار واحد سنڌي اخبار آهي، جنهن جي ويب سائيٽ 24 ڪلاڪ اپڊيٽ ٿيندي آهي. پوري دنيا ۾ جتي به سنڌي رهن ٿا، اسانجي آن لائن اخبار پڙهن ٿا. رڳو شام جو خبرون موڪلڻ جا هيراڪ نمائندا نه گهرجن، پر جنهن وقت به ڪو حادثو يا واقعو ٿئي فوري طور خبر ۽ تصوير موڪلين. اسان وقت بوقت نمائندن کي جديد ٽيڪنالوجي بابت ٽريننگ به ڏياريندا سين. دلچسپي رکندڙ اميدوار اداري سان رابطو ڪن ۽ سي وي موڪلين.

واٽس ايپ 0332-2605671

sindhyarnews@gmail.com